
قديم دور جون

عظيم فلسفي عورتون

(3100 قبل مسيح کان 914 عيسوي تائين)



ملڪ اشفاق

احمد شاڪر

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قديم دور جون عظيم فلسفي عورتون

(3100 قبل مسيح کان 914 عيسوي تائين)

ملک اشفاق
احمد شاکر

نئون نيا پو اڪيڊمي
سچل گوٺ، ڪراچي سنڌ

قديم دور جون عظيم فلسفي عورتون

ملڪ اشفاق

سنڌيڪار: احمد شاڪر

انگ: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: 2018

ڇاپو ٻيو: جنوري 2022

پاران: نئون نيا پو اڪيڈمي،

سي-4، سچل گوٺ گلشن اقبال ڪراچي

Ph:021-34690389

Cell # 0333-2311582, 03462103811

E-mail:naonniapo@yahoo.com

مُلهه: 300 رپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

امان اقبال

امان ڪُراڙي- **ڏاڏي سڏُل**

۽ پنهنجين پيٽُن

شبيران، لطيفان، حِنا، مريم، ڪوثر،

زهره، بشيران

جي نانءِ

سٹاءُ

- **مھاڳ:** حفيظ ڪنير / 7
- **پھاڪو (پئي چاپي لاءِ):** احمد شاڪر 11
- **سنڌيڪار پاران** احمد شاڪر 13

1. پي سيشت/19
2. ميرٽ پتاح/21
3. اين هيدو اننا/22
4. اگنيس/27
5. لوپامدار/29
6. گارگي/32
7. ميترائي/37
8. امباپالي/40
9. ٽيمستوڪليا/46
10. سيلوبولينيا رهوڊس/48
11. ٽيانو/51
12. ڊيمو/53
13. ايرگنوت/55
14. مياءِ/56

15. اسپاسیا آف ملیتس/57
16. سُقراط جُون تي استاد عورتون/61
17. فیٹیا آف ڈیلفي/62
18. ایسارا آف لوکینیا/64
19. لیونشن/66
20. ڈائیو تیما آف مینٹینیا/69
21. پیرکیتون (پھرین)/72
22. ایزیوٹیا آف فلیشیاء/75
23. ایریت سائرین/78
24. ھپارچیا/80
25. لس ٹینیا/83
26. پان چُو/85
27. میري جیویز/87
28. بُرو ریا/89
29. جولیا ڈومنا/92
30. سوسي پیٹرا آف افسس/95
31. ھپاٹیا آف الیگزینڈریا/97
32. حضرت خنساء رضہ/100
33. ھلڈ آف اسٹرونشیلہ/106
34. یاشي سوگیل/109
35. الخیزران بنت عطاء/111
36. ڈودا آف گاسکوني/113
37. رابعہ فرواري بلخي/117
38. موراساکي شکیبو/119

مھاڳ

شاکر جڏھن پھريون پيرو مون سان مليو ھو تہ ھن فلسفي جي ڪتابن بابت معلوم ڪري ڪتابن جا عنوان نوٽ ڪيا ۽ مون ھڪ شاعر جي فلسفي جھڙي سبجيڪٽ ۾ دلچسپي تي حيرت ظاھر ڪئي ھئي. ڇو تہ افلاطون جھڙي فلسفي جي رياست ۾ شاعرن جي گنجائش ڪونھي جو اھي انسان کي جذباتي بنائن ٿا ۽ فلسفي لاءِ تدبر، غور، فڪر ضروري آھي. انھي غور فڪر فلسفين بھرحال! شاڪر کي شايد مون ان ئي ڏينھن ڇيو ھو تہ آرٽ ۽ علم جي سلطنت ۾ شاعر جو مقام ويلي مٿي ئي رھيو آھي. پر سماج تي اثرانداز پروز رائٽر ۽ فلسفي ٿيا آھن. ڪائنات، ڪائنات ۽ سماج ۾ انسان جي حيثيت بابت بنيادي سوال ۽ آھي ئي آھن جيڪي سوال يونان جي فطري فلسفين جي سيريز کان وٺي ڪارل مارڪس آڏاري انساني سوچ کي تحرڪ ڏنو. فلسفي جھڙي سبجيڪٽ جيڪو تاريخ سفر طئي ڪيو آھي اھو ۽ دلچسپي کان خالي ڪونھي. مثال طور جيڪي سبجيڪٽ فلسفي ۾ شامل ھئا سي آھستي ڌار حيثيت اختيار ڪرڻ لڳا تہ فلسفي کي ڪنگ ليئر سان پيٽيو جنھن کي اولاد اڪيلو ڪري وڃي ٿو. مثال طور سورھين صدي ۾ فزڪس فلسفي کان جدا علم ٿي ويو ۽ اوڻيھن صدي ۾ نفسيات الڳ ٿلڳ علمي شاخ ٿي وئي جيئن تہ فلاسافي انسان ۾ تنقيدي شعور پيدا ڪري ٿي سوال ڪرڻ سيکاري ٿي تنھن ڪري انسان خود فلسفي بابت ۽ اھڙا سوال آڏارڻ شروع ڪري ٿو تہ جيڪڏھن فلسفو انسان جي روزمر جي مسئلن کي حل نہ ٿو ڪري تہ پوءِ

فلسفي جي اهميت ئي ڪهڙي آهي؟ اهو پڙهڻ جو ضروري آهي؟ جيئن ته فلسفي جو ڪم مادي کي اڳيان رکي ڪائنات جي تشريح ڪرڻ سميت انسان جي بنيادي عقيدن تي تنقيد ڪرڻ ۽ هجي ٿو ان ڪري ئي ڪتي جي جهڙي جانور جي خوبين سان پيا ڪندڙ ۽ ڏينهن جو لالٽين کڻي شهر جي گهٽين ۾ انسان ڳولينڊڙ فلسفي جالينوس اهو سوال اٺاريو هو ته اهو فلسفي ئي ڪهڙو جيڪو انساني جذبات زخمي نه ڪري

هن وقت جنڪهن اسان جو نوجوان نسل سماجي علمن کان وڌيڪ پروفيشنل علمن کي ترجيح ڏئي رهيو آتي فلسفي جهڙو سبجيڪٽ يقينن اجنبي سبجيڪٽ ئي هوندو بلڪ اهو پوري ملڪ جو المیو آهي جو جتي ٻيا اهم سبجيڪٽ تڙجي چڪا آهن انهن ۾ فلسفي جي سبجيڪٽ پهرين جلاوطني اختيار ڪئي ۽ فلسفو جيڪو سوال اٺاريندڙ سبجيڪٽ آهي اهي سوال ئي اسان کان اوجهل ٿي ويا ڇو ته فتوائن جي نشاني تي رهندڙ هن سبجيڪٽ جو ادارن ۾ زوال اچڻ لڳو جتي جتي شعبا قائم هئا اهي ويران ٿيڻ لڳا هاڻ سماج وٽ اهي سوال بچيا ئي ناهن ته ڇا اسان دنيا جي حقيقت معلوم ڪري سگهون ٿا؟ ڇا وقت جو خاتمو آهي؟ ڇا اخلاقي معيار يا قدر معروضي آهن؟ ڇا انسائن کان سواءِ جانورن جا به حق آهن؟ ڇا سائنس دنيا جي حقيقت ظاهر ڪري سگهي ٿي؟ وغيره وغيره ته اهي سوال فلسفي جي ميدان جا آهن جيڪو دنيا جو قديم علم آهي.

شاڪر اهڙي سبجيڪٽ جي ڪتاب جو ترجمو ڪري سنڌي ۾ ئي ڪتاب پيش ڪيو ۽ ان جو دلچسپ پاسو اهو آهي ته فلسفي جي شعبي ۾ عورتن جو ڪنٽريبيوشن ڪيترو رهيو آهي؟ ٿي سگهي ٿو ڪيترا ئي پڙهندڙ مواد سان متفق نه هجن ڇو ته قبل مسيح جي فلسفي قرار ڏنل عورتن مان ڪي ته مذهبي اڳواڻ آهن ڪي پيشن گويون ڪندڙ مندر سنياليندڙ ڪاهنائون آهن.

ڪتاب ۾ ڪجه دانا بغاوت ڪندڙ عورتن جو به ذڪر آهي ته حضرت خنساءِ ۽ خيزران بنت عطاءِ جهڙين خوبصورت شاعرائن جو ذڪر به آهي جن جو احوال پڙهندي سندن دور جي عربستان / حجاز جي ان سماج بابت به سوال ٿا اٿن جنهن سماج کي دور جاهليه جو سماج به سڏيو وڃي ٿو پر ٻي طرف ان دور ۾ هي عورت شاعرائون ۽ امراء القيس

ڪڙا شاعر ۽ موجود آهن ۽ بعد از اسلام مڪي ۾ غلامن ڪنيزن جي خريد وڪري جي بازار جو ۽ وجود آهي.

ڪتاب ۾ فلسفي، شاعري، مذهب، يوگ، ۾ دلچسپي رکندڙ ايشائي يوروپي، آفريقي دانا عورتون آهن. هندستاني قديم فلسفي سان لاڳاپيل گارگي ۽ امبا پالي جهڙين عورتن بابت معلومات ۽ اسان کي هن ڪتاب ۾ ملي ٿي. امبا پالي جي نظم ۾ شاعراڻي فلسفي ۾ "سچ جو سچ ئميشہ سچ رهندو آهي."

جهڙي ست وراڻي هن کي سچ جي ڳولا ڪندڙ ۽ سچائي تي يقين رکندڙ عورت ثابت ڪري ٿي ۽ هيراقليدس، انڪساميندر، شوپنهاور، وجودي فلسفين جيان طور نظر اچي ٿي. Weeping Philosopher

هندستان جي ميترائي نالي داناءِ عورت جا اٽاريل اهم سوال هن کي هڪ فلسفي عورت جو مقام ان ڪري ۽ بخشين ٿا جو سندس اهي پڇيل سوال دنيا جي وجود بابت آهن ۽ قديم هندستان جي فلسفي ۾ مادي جي حيثيت مايا يا سراب واري رهي آهي ۽ ميترائي نيڪي، موت بابت ڀال پڇندي اهو سوال اٽاري ٿي تہ جيڪڏهن دنيا غير حقيقي آهي تہ پوءِ نسان کي ڪهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي؟ عجيب اتفاق آهي تہ اهي سوال افلاطون کان ۽ اڳ ۾ هندستان ۾ هڪ عورت پنهنجي استادن کان پڇي رهي هئي. ائين گارگي جا سوال آهن.

هپاٽيا نالي اسڪندريہ جي خوبصورت، ڏاهي داناءِ لائبريرين جنهن کي دانائي جي ڏوهہ جي سزا سنگسار ڪري مارڻ جي سزا مذهبين هٿان ملي ان جو احوال تاريخ ۾ تفصيل سان آهي. هن جي زندگي تي هاڻ موويز ٺهن پيون هن ڪتاب ۾ اسان جي ملاقات هپاٽيا سان ٿئي ٿي ۽ سندس المياتي موت مان معلوم ٿئي ٿو تہ يوناني فلسفي جي جيڪا شمع ڦرندي گهرندي مصر جي اليگزينڊريا جي هپاٽيا جي هٿ ۾ پهتي هئي سا شمع سندس موت سان وسامي وئي ۽ پوءِ هڪ هزار سالن تائين فلسفو گم ٿي ويو

ترجمي جو فن آرٽ ادب جي دنيا ۾ هڪ برج جو ڪم ڏي ٿو. پڙهندڙن جو هڪ وڏو حلقو پي دنيا جو ادب، علم پنهنجي زبان ۾ پڙهڻ چاهي ٿو. ترجمو ڪلچرل متاستا جو فن آهي. شاڪر يقينن اهي سڀ

ڳالهيون مدنظر رکي فلسفي جي سبجيڪٽ تي مارڪيٽ ۾ موجود هي ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي اميد ٿ پڙهندڙن وٽ شاڪر جو قلمي پورهيو قبول پوندو ۽ شاڪر اڃتي سڀ ۽ نايابڪتاب ترجمو ڪري سنڌي پڙهندڙن کي پيش ڪندو رهندو.

حفيظ ڪنير

حيدرآباد
10-05-2018

پڙهڻ

پڙهڻ، لکڻ ۽ پيار ڪرڻ کان سواءِ منهنجي خيال ۾ تہ مون کي ٻيو ڪم نہ ٿو ڪرڻ اچي. مون لئہ پڙهڻ عبادت آهي. لکڻ عبادت آهي ۽ پيار ڪرڻ عبادت آهي ۽ اِها اُها عبادت آهي، جنهن ۾ لوبَ / لالچ جِي تِر جيتري بہ گنجائش ناهي. جيتري مون ماءُ سان، پيٽيُن سان، محبوبائن سان، دوستن سان محبت ڪئي آهي، ان کان ٻہ رتيُون وڌيڪ پنهنجي وطن سان محبت ڪئي آهي ۽ مون کي هيءُ جيڪو پيار ملي رهو آهي. اهو وطن جي پاسي ٿي ٻيهڙ جي موٽ ملي رهي آهي. مون جڏهن بہ پڙهيو آهي. لکيو آهي ۽ ڳالهايو آهي. اتي پهريان پهريان مادري وطن سنڌ جي واکاڻ ضرور ڪئي آهي.

هيءُ ڪتاب "قديم دوءر جون عظيم فلسفي عورتون" منهنجو پهريون ترجمي جو ڪتاب آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو 2018ع ۾ ڇپيو هو ۽ هڪ سال جي اندر ئي هٿو هٽ وڪرو ٿي ويو هو ۽ ان جو مواد اهڙو تہ ڪشش رکندڙ آهي. جو هر ڪتبِ فڪر جو ماڻهو جڏهن ڪتابن جي استال تي ڪتابن تي نظرون ڊوڙائي پيو ۽ جڏهن هن ڪتاب تي ان جي نظر پئي تہ ان کٽي ورتو ۽ خريدي پڙهيو. حيرت جي ڳالهہ اها آهي. جيڪا وندڻ ضروري ٿو سمجهان تہ هن ترجمي جي ڪتاب تي لڳ ڀڳ ويهن کان وڌيڪ پڙهندڙن جا ڀرپور مضمون مختلف اخبارن ۾ لکيا ويا آهن ۽ ڪيترن ئي سوشل ميڊيا تي هن ڪتاب تي بلاگ پڻ لکيا ۽ ان اتساهہ مون کان ساڳي ئي سال 2018ع ۾ هڪ ٻيو ڪتاب. ارسطو جو جڳ

مشهور ڪتاب "پوئٽڪس" ترجمو ڪرايو ۽ اهو به ساڳي ئي سال ۾ ڇپجي، وڪرو ٿي چڪو آهي.

هيءُ ڪتاب جنهن صبح جو ڇپائي لئه پريس ۾ ويو هو. ان ڏينهن ڪراچي پريس ڪلب تي پنهنجن پيارن، مسنگ پرسن جي آزاديءَ لاءِ ويٺل سنڌ جي بهادر نياڻن تي رياستي اهلڪارن حملو ڪيو هو. آئون ان صورتحال، غلاميءَ، بيوسيءَ ۽ تڪليف کي اظهاري نه ٿو سگهان! مون ان ڏينهن ئي پريس واري سان رابطو ڪيو ۽ ڪتاب جي اڇپنا سنڌ جي انهن بهادر نياڻن کي ڪرڻ پئي چاهي پر، ڪتاب ڇپائي جي مرحلي مان گذري چڪو هو. سو هن ہي ڇاپي جي اڇپنا هنن پينرن تنوير آريجو، نيلم آريجو، سورٺ لوهار، سسئي لوهار، سنڌيا انعام، شازيه چانڊيو، شيرين اسد، وفا ننگر جي نانءِ آهي.

ڪتاب جو پهريون ڇاپو سيپتا پبليڪيشن، حيدرآباد آندو هو ۽ هيءُ ٻيو ڇاپو نئون نياپو اڪيڈمي، ڪراچيءَ پاران ڇپجي اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين اچي رهيو آهي. ان ہي ڇاپي جو سڄو ڪريڊيٽ اسان جي ساٿي سنڌي انعام ڏانهن ڏيو وڃي، جنهن هميشه معياري مواد پنهنجي اداري پاران ڇپرائي مِٽيءَ هاڻن ماڻهن تان پهچايو آهي. آخر ۾ ساٿي ننگر چنه جا ٿورا جنهن ہي ڇاپي لئه ٻئڪ ٽائيٽل لکي ڏنو.

احمد شاڪر

04/01/2020
0347:3230193

سنڌيڪار پاران

هيءُ ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. اهو ڪتاب اِن حوالي کان به معياري آهي جو اُن ۾ عورت جي عظمت ۽ محنت جا ترانا آهن. مون هن ڪتاب کي ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي جو هن ڪتاب ۾ انهن عظيم فلسفي عورتن جون ڏاهپ ڀريون ڳالهيون آهن. هن ڪتاب ۾ شامل عظيم فلسفي عورتن جي ڏاهپ ۽ ڄاڻ کان تہ پري پر نالن کان به اسان جو گهٽي پاڳي پڙهندڙ نا آشنا هوندو ۽ مون ننڍڙي ڪوشش ڪري هيءُ ڪتاب اردو ٻوليءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ اوهان کي ڪيترن ئي موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب ملندا ۽ ڏاهپ جا ڏَسَ ڏينڊڙ ۽ ڄاڻ جا درَ کولينڊڙ ڪتاب ملندا ۽ عظيم فلسفين جا ڪتاب ۽ سندن بابت ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندا پر. اوهان کي عظيم فلسفي عورتن بابت ورلي ڪو سنڌيءَ ۾ اصلو ڪو يا ترجمو ٿيل ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندو. ان کوٽ جي پُورائي لاءِ مون هيءَ ننڍڙي پر جامع ڄاڻ پريو ڪتاب اردو ٻولي مان ترجمو ڪري سنڌي ٻولي جي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مان ان ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهيان. اهو پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهن ٿا.

مان بنيادي طور شاعر آهيان ۽ اڄ به مان اول ترجيح شاعريءَ جي شعبي کي ڏينڊو آهيان. جڏهن توهان ٻولي جي بچاءَ جون ڳالهيون ڪيو ۽ اُن جي واڌ ويجهه بابت بحث مباحثہ ڪيو ۽ عمل نہ جي برابر هجي تہ پوءِ

مان سمجهان ٿو تہ اهو نہ صرف هوليءَ سان پر، پنهنجي ماڻهن، وطن ۽ پاڻ سان دوکو آهي. رڳو شاعر سڏائي پاڻ تان ادب ۽ هوليءَ جون ٻيون ذميواريون نہ ٽيون لاهي سگهجن. اسان وٽ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي، جيڪي پاڻ کي شاعر سڏائي، پاڻ تان ٻيا ڪَر معاف ڪرائي ڇڏيندا آهن پر، ايئن هر گز نہ ڪرڻ گهرجي. جڏهن توهان ادب جي آڪر ٿي پيرَ رکو ٿا تہ هر طرف کان هوليءَ جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

منهنجي اها ڪوشش رهي آهي تہ مان نہ رڳو شاعري ڪيان پر، هر اهو ڪم ڪيان، جنهن سان پنهنجي هوليءَ جي خدمت ڪري سگهان ۽ آءٌ وسَ آهر هر پاسي کان پنهنجي هوليءَ، وطنَ جي خدمت ڪرڻ پسند ٿو ڪيان ۽ مون ڪُل وقتي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيترو ٿي سگهي تہ ٻُڌو پڙهجي، ٻُڌو لکجي ۽ معياري مواد دوستن کي پڙهائجي ۽ مان سمجهان ٿو تہ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو به پلو ڪم ٿي نہ ٿو سگهي. جو اوهان دل سان، چاهه سان پنهنجي وطنَ ۽ هوليءَ جي ٿوري ئي سهي پر، خدمت ضرور ڪيو.

سنڌي ادبَ ۾ ترجمي جي حوالي سان جيڪڏهن اسان تاريخي طور لکڻ ويهنداسين تہ هوند ڪيترائي ڪاغذ ڪارا ٿي ويندا. سو ٿُلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ادبَ ۾ جتي تخليقي ادب جو معيار آهي تہ اُتي ٻين هولين جي ادب جي ترجمي جو به معيار ڏسڻ وٽان آهي. هڪ هوليءَ مان ٻي هوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، پلي ڪوان ڪم کي سولو سمجهي پر، ايئن قطع طور ناهي تہ ترجمي جو ڪم اڪ چنبَ سان ٽيو وڃي. هيءُ ڪم ايڏو ئي ڏکيو آهي، جيڏو تخليقي ڪم ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اوهان کي تخليقي معيار ترجمي ۾ برقرار رکڻو ٿو پوي ۽ تخليقي روح کي رهنڊ کان به بچائڻو ٿو پوي.

هن ڪتاب جي ليکڪ ملڪ اشفاق جو مختصر تعارف هيءُ آهي. هيءُ تعارف سندس ڪتاب "فيثا غورث زندگي، فلسفو ۽ نظريو" تان ترجمو ڪيو ويو آهي.

"ملڪ اشفاق 30، اپريل 1961ع، ستيانہ فيصل آباد ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ستيانہ مان حاصل ڪئي. 1982ع، ۾ گورنمينٽ اسلاميہ ڪاليج فيصل آباد مان گريجوئيشن ڪئي.

1986ع ۾ پنجاب يونيورسٽي لاهور مان ايم - اي اردو جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ 1992ع ۾ اسلاميہ يونيورسٽي بهاولپور مان ايم - اي سياست ڪئي. 1994ع ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان بي - ايڊ جي ڊگري حاصل ڪئي. 1998ع ۾ پنجاب يونيورسٽي مان قانون (ايل ايل بي) جي ڊگري حاصل ڪئي."

ملڪ اشفاق اردو هوليءَ ۾ لڳ ڀڳ ويهہ ڪتاب لکيا آهن. جن مان ڪجهہ سفر ناما آهن. باقي فلسفين جي زندگي. فلسفي ۽ نظرين بابت آهن ۽ ان کان علاوه ستر جي لڳ ڀڳ ٻين هولين مان اردو هوليءَ ۾ ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. سندس جيترو ڪم گهڻو ٿيل آهي. اوترو ئي ڪارائتو پڻ آهي.

ڪتاب جو نالو "قديم دور جون عظيم فلسفي عورتون" مون جيئن جو تيئن اردو ڪتاب تان ورتو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل عورتون 3100 قبل مسيح کان 914 عيسوي تائين اچي وڃن ٿيون. پاڻ هتي وڌيڪ انهن عورتن تي نہ ٿا ڳالهايون. ڇاڪاڻ تہ سندن زندگين ۽ ڪارنامن تي ڪتاب اندر مختصر پر جامع انداز سان لکيو ويو آهي. حقيقتن ۾ اهڙي سيريز لکڻ گهرجي. جنهن ۾ سنڌ جي عظيم فلسفي عورتن بابت ڄاڻ ڏيڻ گهرجي. جڏهن مون هيءَ ڪتاب پڙهيو تہ مون کي حيرت ٿي تہ هن ڪتاب ۾ يوناني، عراقي، مصري، هندستاني، اٽلي، جرمني، فلسطيني، شامي، عربي، برطانوي، جاپاني وغيره ملڪن جي عظيم فلسفي عورتن جي شموليت هئي ۽ انهن جي جيون ۽ ڪارنامن تي روشني وڌل هئي پر. هن ڪتاب ۾ ڪابہ سنڌي عورت شامل نہ هئي ۽ مون پنهنجي محدود مطالعي جي آڌار تي ڏاڍو سوچيو پر. مون کي ڪابہ سنڌي فلسفي عورت پري پري تائين نظر نہ آئي! ممڪن آهي تہ مان غلط بہ هجان. پوءِ مون اهو فيصلو ڪيو تہ مان هيءَ ڪتاب سنڌي هولي ۾ ترجمو ڪيان تہ جيئن هيءَ ڪتاب اسان جي سنڌي عورتن جي هٿن تائين پهچي ۽ هُو هنن عظيم فلسفي عورتن جي ڏاهپ کان آشنا ٿين ۽ فلسفي طرف اچن ۽ ڏاهپ کي جنم ڏين ۽ ڏاهپ جا ڏَر کولن.

آخري ۾ مان پنهنجي قلمي دوست لجپت راءِ مظلوم جو شڪر گذار آهيان جنهن هيءَ سڄو ڪتاب روزاني هلال پاڪستان اخبار ۾

قسطوار هلائي پڙهندڙن تائين پهچايو. ٿورا ته محترم حفيظ ڪنيرءِ محترمہ گلشن لغاري جا جن منهنجي پيار کي پاڻي ڏنوءِ ترجمي بابت ٻہ اکر لکي ڏنا ءِ ان کان علاوہ ذوالفقار گاڏهي، گلزار رحمت سومروءِ آصف رضا نظاماڻي جو پيار ٻہ نہ ٿو وساري سگهجي.

احمد شاکر

قديم دور جون

عظيم فلسفي

عورتون



پي سيشٽ: 3100 ق ـ م / مصر

قديم مصر شاندار تمدن ۽ قديم مصري علم جنهن ۾ فلسفو علم نجوم، رياضي، جاگرافي، طب ۽ فلڪيات شامل آهن. قديم مصر جي ٻين ۽ ٽين گهراٽي جو دور جيڪو 3100 ق ـ م کان 2100 ق ـ م تائين آهي. هن دور ۾ اِهي علمَ پنهنجي عروج تي هئا. هي دور عملي سائنس جو دور هو ۽ هن دور ۾ عورتن علمي سائنس کي پنهنجائي اُن ۾ مهارت حاصل ڪئي. پنهنجي ان فني ۽ سائنسي مهارت سان پنهنجي معاشري جي فردن جي خدمت ڪئي. اهڙين عورتن کي حڪمرانَ تمام گهٽي عزت ۽ تعظيم ڏيندا هئا ۽ اُنهن جو نالو اُنهن جي علمي قابليت ۽ خدمتن جي حوالي سان سرڪاري دستاويزن ۾ درج ڪيو ويندو هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته حڪومت جي طرف کان انهن کي وظيفو به ملندو هو.

مصر ۾ علم هنر ۽ فن ايڏي قدر ترقي ڪئي هئي جو آس پاس جي رومي ۽ يوناني تهذيبن جا ماڻهو مصر جي ان علم کي سکڻ لاءِ مصر ايندا هئا. ان لاءِ جواهي علم انسانن کي گهٽو ڪم آيا ٿي. علم ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تمام گهٽي مثبت تبديلي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. تنهن ڪري ان علم جي اهميت گهٽي وڌي وئي هئي.

هونئن ته رومي ۽ يوناني تهذيبن به گهٽي ترقي ڪئي هئي پر انهن عورتن کي اها آزادي نه ڏني هُئي جو اهي مردن جيان مختلف علمَ سکي سگهن. جڏهن ته ان دور جي مصر ۾ عورتن کي مڪمل آزادي حاصل

هئي. جو اُهي مردن جيان هر طرح جو علم حاصل ڪري سگهنديون هيون. عورتون پنهنجي مرضي جي تعليم حاصل ڪري پنهنجي مرضي جي پيشي جي چونڊ ڪري سگهنديون هيون. مصري حڪمرانن جي ٻين ۽ ٽين گهراڻي جي دور ۾ تمام گهڻين عورتن مختلف علمن جون ڄاڻون هيون ۽ خاص ڪري طب جي پيشي سان وابسطا هيون. عورتون - مردن جي مقابلي ۾ بطور طبيب گهڻيون مشهور هيون. اهڙيون عورتون سرڪاري ڪاتي ۾ داخل هونديون هيون. تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته ان دور ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ حڪيم عورتون هيون. جن جا نالا سرڪاري رڪارڊ ۾ موجود آهن.

اهڙين حڪيم عورتن جو تمام گهڻو احترام ڪيو ويندو هو ۽ انهن کي تمام گهڻي اهميت ڏني ويندي هئي. انهن کي سرڪاري تحفظ حاصل هيو. زندگي ۽ موت ۾ اهڙا مرحلا آهن جن جي لئه ماهر دائين ۽ مذهبي رسمن جي ماهرن جون خدمتون حاصل ڪرڻ ضروري رهيون آهن. پي سيشت به هڪ اهڙي ئي ماهر عورت ڊاڪٽرياڻي هئي، جيڪا هڪ ٻار ڄڻائڻ واري دائي ۽ ٻين بيمارين جو علاج ڪرڻ جي ماهر هئي. ان جو نالو قديم مصري دستاويزن ۾ ان ڪري داخل آهي، جو هو شاهي خاندان جي گهر ياتين جي ذاتي معالج به هئي ته ان سان گڏ ان دور جي طبيبن جي ڪيس اڳواڻ به ٻڌايو ويو هو. جيڪو هڪ تمام وڏو سرڪاري اعزاز هو.

مصر جي قديم بادشاهن جا جيڪي مقبرا دريافت ٿيا آهن، انهن ۾ سقاره جي هڪ مقبري جي پِت تي پي سيشت جي ڪوٽيل شڪل جي هيڻان ان جو نالو ڪجهه هن طرح شامل ڪيو ويو آهي. تراڙها حڪيمن جي استاد هئي.



ميرٽ پتاح: 2700 ق ـ م / مصر

ميرٽ پتاح جو مطلب آهي "پتاح جي پياري" ان مان معلوم ٿو ٿئي ته ان کي ديوتائن جهڙو تقدس حاصل هيو. مصر جي تاريخ ۾ قديم شهنشاهت جي ٽين گهراڻي جي دور ۾ هوءَ هڪ مقبول ۽ معروف طبيب عورت هئي. ميرٽ پتاح شاهي گهراڻي جي خانداني ڊاڪٽرياڻي هئي ۽ ان سان گڏ هوءَ عام ماڻهن جو علاج به ڪندي هئي. هن وٽ علاج واسطي پري پري کان ماڻهو ايندا هئا ۽ چاق چڪا پلا ٿي ويندا هئا. ان کري ميرٽ پتاح هڪ طبيب جي طور پري پري تائين مشهور هئي. هن جي شهرت هڪ ته شاهي خاندان سان ويجهڙائي کري هئي ۽ ٻيو هن جي قابليت ۽ انسان دوستي به هئي. ميرٽ پتاح جو نالو قديم مصري دستاويزن ۾ هڪ ڊاڪٽرياڻي طور درج آهي. سقاره جي ويجهو هڪ مقبري جي ڀِت تي هن جي تصوير اڄ به موجود آهي ۽ سندس سرڪاري رڪارڊ به موجود آهي ته هوءَ پنهنجي دور جي طبيبن جي "پي سيشت" جيان سربراهه هئي. ۽ هي هڪ عالم آشڪار ڪالهه آهي ته هُوءَ هڪ حبشڻ عورت هئي، جنهن جي ثابتي سندس تصوير به ڏئي ٿي. اها نه رڳو هڪ قابلِ احترام ماهر طبيب هئي پر اُن جو ڪافي ڪم علم فلڪيات تي به ٿيل هو. جنهن جي ڪجهه ڄاڻ ملي آهي. اها نه رڳو ميرٽ پتاح جي حوالي سان هي ڪالهه به رڪارڊ تي آهي ته هوءَ ڪيترن ئي طبيبن جي استاد هئي.

***



اين هيدو اننا: 2354 ق ـ م / ميسوپوتيميا (عراق)

اين هيدواننا دنيا جي پهرين عورت آهي، جيڪا پنهنجي سائنسي علم، فلسفي ۽ شاعري جي حوالي سان ڄاتي ويجي ٿي. هن جون سائنس ۽ فلسفي متعلق متيءَ جي تختن تي لکيل تحريرون اڄا تائين محفوظ آهن. اين هيدواننا تقريبن 4300 سالَ پهرين دنيا جي قديم ترين رسم الخط ۾ پنهنجون تحريرون لکيون. ان دور جو رسم الخط ڏاڍو مشڪل ۽ پيچيده هو ۽ اُهو خط 2300 ق ـ م ۾ رائج ٿيو هو. ان لکٹيءَ کي پهريون دفعو مندرن جا ڪاهن (مذهبي پيشوا جيئن اسان وٽ ملا آهن- سنڌيڪار) ۽ واپارين ڪتب آندو.

خط منحني جنهن کي اسان ترچي لکير يا ٽيڊي ليڪ چئون. هي شروعاتي لکٹيءَ جو هڪ قسم آهي. جنهن کي ٽ ڪنڊائي نشانين ذريعي متيءَ جي آلين تختين تي تيز ڌار قلم سان لکيو ويندو هو. ان طرح تحرير تختيءَ تي نقش ٿي ويندي هئي. سُڪڻ کان پوءِ انهن تختين کي باهه جي بٹي ۾ پچايو ويندو هو. اهڙيون هزارين تختيون بابُل ۽ پاڙيسري جي هر عصر شهرن جي کنڊرن مان لڌيون آهن.

هُوءَ پنهنجي دور جي مقبول ترين عورت هئي. جا پنهنجي علم ۽ تقديس جي ڪري لازوال شهرت ماڻي اُر جي کنڊرن مان هڪ اهڙي تختي به ملي آهي، جنهن تي هيدو جي تصوير موجود آهي ۽ ان جي هيٺان هن جو نالو لکيل آهي. اين هيدو اننا بادشاهه ساراگون پهرين جي نياڻي هئي. هن جو پيءُ ساراگون گهراڻي جو باني هو. هي اُهو ساراگون آهي، جنهن سمير ۽

عکاد جي حڪومتن سان اتحاد ڪيو هو. اهي حڪومتون بابل جي شهنشاهت جي ماتحت هيون.

ساراگون جي بادشاهت جو علائقو موجوده عراق آهي. هُن 3279 ق ـ مر کان 3234 ق ـ مر تائين حڪومت ڪئي هئي. ساراگون پنهنجي ڏيءُ هيدوڪي ڪاهنہ (مذهبي اڳواڻ) مقرر ڪيو هو. هُوءَ اُر شهر ۾ چنڊ جي ديوي "اننا" جي مندر جي ڪاهنہ هئي. چنڊ جي ديويءَ جي ڪاهنہ جي حيثيت گهڻي سگهاري هئي. ساراگون ڪاهنہ ماءُ جو پُٽ هو. هن جي ماءُ هڪ سميري خاندان مان هئي. جيڪي قديم مملڪت جا حڪمران هئا. اُن جي زال به ڪاهنہ ئي هئي. تمام مندرن جا ڪاهن ۽ ڪاهنائون هن جا ماتحت هئا. جيڪي روزاني جي ڪمن جي باري ۾ سڏيون هن کان هدايتون ونڊا هيا. جيئن ته تجارت، زرعي ۽ ٻين علمن جي باري ۾ هُن کان ئي هدايت ونڊي پوندي هئي. مندرن جي آمدني، خرچ جو حساب به هن کي ڏيڻو پوندو هو.

چنڊ جي ديوي جا مندر علم سيکارڻ جا مرڪز به هيا. انهن مندرن ۾ رياضي، هئيت، موسيقي ۽ ٻين علمن جي تعليم ڏني ويندي هئي ۽ شاگردن جو رکارڊ به رکيو ويندو هو. انهن مندرن جي اهم ڳالهہ مينار هوندا هئا. جتان کان سيارن ۽ ستارن جي گردش جو مشاهدو ڪيو ويندو هو. هيدوهڪ اهڙي ئي طاقتور مندر جي انچارج ڪاهنہ هئي. هُوءَ هڪ بهترين شاعره به هئي. هن اهي سڀ علم به سکيا هئا، جن متعلق صرف مندرن جا ڪاهن ئي ڄاڻيندا هئا. جن کي ٻين ماڻهن کان ڳجهو رکيو ويندو هو.

هُن جي نظمن ۾ هڪ فلسفياڻو فڪر موجود آهي. هُن جا هن وقت رڳو اڳرين تي ڳٽڻ جيترا نظم هٿ آيا آهن. جن مان گهڻا نظم رڳو ديوتائن جا حمد ۽ ثنا ۾ لکيل آهن، پر اُنهن ۾ اخلاقي، سياسي ۽ معاشي مضمون به ٻڌا ويا آهن. هڪ تختي تي لکيل آهي. هيدو سيني ملڪن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. هُن زمين کان ستارن جو فاصلو ماپيو. هڪ نظم ۾ هوءَ چوي ٿي. حقيقي عورت اُها آهي. جيڪا عاقل، فهم ۽ بردبار هجي.

هُن جو ڪم ٽن حصن ۾ ورهايل آهي:

پهرين حصي ۾ ديوتائن ۽ مندرن جي خوبي اجاگر ڪئي وئي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

آهي، جنهن ۾ ديوتائن جي صفت ۽ ثنا، پاڪ مندرن جون رسمون ۽ اُن سان
منسوب ٻين ڳالهين جا تفصيل آهن.

ٻين حصي ۾ علم نجوم، رياضي ۽ علم فلڪيات متعلق ڄاڻ
ڏني آهي. اُن حوالي کان هُن آسماني بُرجن ۽ ستارن جي هڪ جدول به
سهيڑي هئي.

هُن جو نظم "ڏاهپ سان پيار ڪرڻ" ان ئي موضوع تي لکيل
آهي.

ٽين حصي ۾ اخلاقيات ۽ سياست کي موضوع بڻايو ويو آهي. ان
حوالي سان هِن جو گهڻو مقبول نظم "نِن مِي سارا" آهي. اهو نظم ڪجهه
هن طرح شروع ٿئي ٿو.

منهنجي ڪاهنه ماءُ مون تي غيب جا رازَ ظاهر ڪيا
تڏهن مون علم جا موتي حاصل ڪيا
مان اها ڳالهه چوڻ پسند ڪندیس ته منهنجون نيڪ تمنائون
جنگ جي ملڪ جي لاءِ آهن جا گناهه جي وڏي ڏيءُ آهي
جيستائين هوابيهه
منهنجي سامهون زمين نه ٽوچتي
۽ جيستائين هو پنهنجي ڏاڙهي سان منهنجي سامهون زمين
صاف نه ٽوڪري
منهنجو هٿ هن ملڪ تي سخت رهندو
مان هُن کي سبق سيکاريندیس، ته جيئن هُو مون کان خوفزده رهي
مان جنگ چيڑي چڏيندیس دشمن سان
مان جڏهن تير اڇلينديس ته هُو ڏڪڻ لڳندو
جنگ ۾ رت جو گهڻو ڏيان ٽيندو
مان پنهنجي تلوار سان هن کي قتل ڪندیس
مون هڪ مندر ٺهرايو آهي. جتي مان اهم واقعن تي گفتگو
ڪندیس
مون اتي هڪ مضبوط تخت به لڳرايو آهي
۽ ان سان گڏ مون هڪ تنبورو ۽ دُهل به رکيو آهي

مان مردن کي عورتون بڻائي ڇڏيندیس
مان تنهنجي آهيان، مان تنهنجي رهندیس
بي شڪ تنهنجي دل منهنجي طرف کان ڏڏي آهي
مان تنهنجا جذبا سمجهان ٿي
اي عظيم عورت! مان مُڙني زمين تي تنهنجي عظمت
۽ شان کي وڌائيندیس
مان تنهنجو رستو اختيار ڪندیس ۽ تنهنجي ٿنا جا گيت
ڳائيندیس
عظيم عملن جي راڻي! تون آسمان ۽ زمين تي قادر آهين
تون عظيم اننا آهين
عظيم الشان تهذيب جي اڏيندڙن ۽ شهرين کي خراج پيش
ڪريان ٿي
گهر تعمير ڪيو! عورت جي لئه به ڪمرو ناهيو ان ڳالهه تي عمل
ڪريو
هڪ ننڍي ٻار جي چپن کي چُميو (يعني ٻارن سان پيار ڪيو)
بادشاهه کي تاج پارايو
بادشاهه جو انڪاري هڻڻ گناهه آهي
هُوءَ پنهنجي نظر ۾ وڏيڪ لکي ٿي:
اين لِل آسمانن ۾ رهندي
هن پوري سرشتيءَ ۾ تنهنجي نصيب جو تعين ڪري ٿو
توکي سهڻين عورتن جي نصيب جو تعين ڪرڻ گهرجي
اي عورت! تون عظيم آهين اهم آهين
اننا تون عظيم آهين اهم آهين
اي منهنجي پياري! تنهنجي عظمت هڪ قانون آهي
ڇا تنهنجي دل منهنجي لئه ڏڪندي آهي؟
جيڪڏهن منهنجي لئه نه ٿي ڏڪي ته ان کي منهنجي لئه نرم
ڪر.

گهٽا اوير جا عالمِ ان ڳالهه تي مُتفق آهن ته هيدو جا اهي نظمَ

پنهنجي پيءُ جي سياسي مدد جي لئہ لکيا ويا. هن جو پيءُ ساراگون سمير ۽ عکاد جو بادشاهہ هو. ان جو کوبہ پُٹ نہ هو. جيکو انتظامي معاملن ۾ هُن جي مدد ڪري هيدو هي نظمَ لکي ڪري پنهنجي پيءُ جي سياسي مدد ڪئي هئي. ڇو جو هيدو جو چيو ۽ فرمان حڪم جو درجو رکندا هئا. انهن نظمن ۾ هن پنهنجي پيءُ جي دشمنن کي للکاريو آهي. جنهن ۾ هُوءَ پوري طور ڪامياب ڏسجي ٿي. هيدو پنهنجي نظمن ۾ محبت جو آفاقي پيغام بہ ڏنو آهي ۽ عورتن ۽ ٻارن تي خاص شفقت ڪرڻ جو منصوبو بہ ڏنو آهي.

سو تاريخ کان اڳ جي هيءَ عورت فلاسافر اڄ بہ دنيا جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ بحث جو موضوع آهي ۽ هِن تي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا ويا آهن.





اگنيس: 1875 ق ـ م / مصر

اگنيس جي باري ۾ گھٹي جاڻ ڪونہ ٿي ملي. هن متعلق ايتري جاڻ تہ قديم تاريخ جي صفحن ۾ موجود آهي تہ هوءَ 1875 ق ـ م ۾ "فرعون سسٽورس" جي شاهي دربار سان منسلڪ هئي. ڪجھ تاريخدان اِها دعويٰ ڪن ٿا تہ هوءَ فرعون سستورس جي ڏيءُ هئي پر. هن جو نالو شاهي گھراٽي جي خانداني فهرست ۾ شامل ڪونهي. اگنيس فطري فلسفي ۽ علم نجوم جي ذريعي سچائي جو اداراڪ حاصل ڪيو. هُن آسماني بُرجن ۽ تارن جي جُھڱٽن جو مطالعو ڪيو ۽ انهن تجربن جي روشني ۾ اينڊرٽوقت ۾ ٽيڪ واري واقعن جي اڳ ڪٿي ڪئي.

هُوءَ لکي ٿي تہ ثريا (ستارن جو ميڙ ـ ڪتي) ايجان پري آهي ۽ مان آسمان ۾ غور ڪري رهي آهيان. اٺ پوچڙ تارا ۽ ٽن نون تارن جو ھڪ گروھ ڳولي لڌو آهي. جيڪي هن کان پهريان ڪنهن انسان جي مشاهدي ۾ ناهن آيا. مان پنهنجي مشاهدي جي ھڪ جدول تيار ڪري رهي آهيان. اُن سان گڏ و گڏ ھڪ 560 ستارن جي فهرست بہ تيار ڪري رهي آهيان. اگنيس جون اهي ڪوجنائون ۽ ڪم يعني جدول ۽ فهرست برٽش لائبريري ۾ موجود آهن ۽ اُن سان گڏ اُهي نوٽس بہ موجود آهن. جن ۾ درستگيون ڪيون ويون.

رائل سوسائٽي جِي ھڪ فرد وليم چواٽي، جيڪو پاڻ بہ ماهر فلڪيات آهي. "مون اگنيس جي دريافتن ۽ ان جي تيار ڪيل جدول کي پوري طرح جاچيو ۽ ڪجھ ضروري واڌارا ڪيا. ان کان علاوه ٽيلي

اسڪوپ کان بہ مدد ورتي ۽ هر رات اڳنيس جي جدول مطابق تارن جو مطالعو ڪيو. ان ۾ منهنجي اداري بہ منهنجي مدد ڪئي. توهان تصور ڪري سگهو ٿا تہ مون بہ ان جدول ۽ فهرست مطابق اُهو ڪجهہ آسمانن ۾ ڏٺو. جيڪو ان کان اڳ زمين تان ڪڏهن بہ نہ ڏٺو ويو هو. مون جڏهن پنهنجو ڪم ختم ڪيو تہ مان سڄي رات آسماني وسعتن ۾ گُم رهيس. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن مان اڪيلو اونداهي آسمان هيٺ سمهندو آهيان تہ مونتي ڪائنات جا نت نوان راز ظاهر ٿين ٿا. تڏهن مان پنهنجي هن عظيم سائنسدان پيٽ کي ياد ڪندو آهيان جنهن کي وساريو ويو آهي."

هن عظيم فلڪياتدان اڳنيس کي هن کان وڌيڪ سٺن لفظن ۾ خراج تحسين پيش نہ ٿو ڪري سگهجي. اها ئي اُها عظيم سائنسدان آهي، جنهن جي تحقيق کي هن کان پوءِ اچڻ وارن عظيم سائنسدانن اڳتي وڌايو. اڳنيس فلڪيات جي باري ۾ جيڪي اصول طي ڪيا هئا ۽ پنهنجي جدول ترتيب ڏيڻ وقت جيڪي اصول ڏسيا هئا اڳتي هلي اِهي ئي اُصول جديد سائنس جي پيڙهہ جو پٿر بڻيا.

❊❊❊



لوپامدار: 800 ق ـ م / هندستان

لوپامدار هڪ هندستاني فلسفي عورت هئي. هوءَ "اگستيا" جي گهر واري هئي جيڪو هڪ ڏاهو (پوجاري) هيو. لوپامدار کي "ڪوشي تاکي" ۽ "وارا پرادا" جي نالي سان به سڏيو وڃي ٿو. هندو تهذيب ۾ هن جو نالو ان ڪري به مشهور آهي جو هُن ديوي ماءُ جي هڪ هزار نالن جي پوڄا کي عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. رگ وید ۾ هن جي نالي سان هڪ پڃن به مشهور آهي. رگ وید ۾ هن جي پيدائش جي ڪهاڻي عقل ۽ ذهن کان مٿانهين آهي ۽ هن کي هڪ غير معمولي ديوي واري حيثيت حاصل آهي. رگ وید ۾ هُن جي پيدائش جي ڪهاڻي بي معنيٰ ناقابل يقين ۽ ناقابل قبول آهي. ان ڪري اسان هن جي صرف عام واقعن جو ذڪر ڪنداسين. اُتر هندستان جي هڪ رياست جو راجا "ويدار پاءُ" کي هڪ ڏيءُ پيدا ٿي. جيڪا انتهائي خوبصورت هئي. جوان ٿي تہ هن ۾ عقل ۽ دانش به پروان چڙهي. جو تہ هن جي پرورش راجا جي دربار ۾ ٿي هئي. جڏهن هُوءَ وڏي ٿي تہ اُن جي خوبصورتي ۽ ڏاهپ جو چرچو هر طرف ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن راجا جي دربار ۾ هڪ پوجاري "اگستيا" آيو. اُن راجا کي چيو تہ پنهنجي ڏيءُ لوپامدار جي شادي مون سان ڪرائي. راجا ڏاڍو پريشان ٿيو. جو تہ هُو پوجاري جي سوال کي موتائي نہ پيو سگهي پر هُو ان ڳالهہ کان به پريشان هو تہ اگستيا هڪ دنيا تياڳيندڙ يوگي آهي. پر راجا جي ڏيءُ لوپامدار چاهي پئي تہ هن جي شادي هِن يوگي سان ٿئي.

آخر ڪار راجا پنهنجي ڏيءُ جي ڀالهه ميجي ۽ پنهنجي ڏيءُ جي شادي هن يوڳي سان ڪرائي ڇڏي. پوءِ لوپامدار شاهي محل ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي مڙس سان فقيراڻي زندگي گذارڻ لڳي.

جڏهن اگستيا حقِ زوجيت لاءِ رجوع ڪيو تہ لوپامدار ان کي چيو تہ هاڻي تون مون سان گڏ شهزادين وارو سلوڪ ڪر ۽ مون کي شهزادين جهڙيون سهولتون مُهيا ڪر. اگستا چيو تہ مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ناهي. ان لاءِ مان توکي ڪجهہ بہ نہ ٿو ڏئي سگهان. تڏهن لوپامدار چيو تہ ها تون مون کي علم جي دولت ڏئي سگهين ٿو. تڏهن لوپامدار ديوتائن جي تعريف ۾ هڪ ڀجن لکيو. ان طرح لوپامدار ۽ اگستيا هڪ ٻئي جي محبت کي پاتو ۽ انهن کي هڪ خوبصورت پُٽ ڄائو. جنهن جو نالو "ڏاسو" رکيائون.

رگ ويد ۾ لوپامدار ۽ اگستيا جي وچ ۾ هڪ ڏگهو مڪالمو آهي. ان مڪالمي ۾ لوپامدار جي ذهانت ۽ فهم عروج تي آهي. رگ ويد ۾ ان جو نظم "رتي" يعني لافاني محبت جي نالي سان آهي. جڏهن هُن جي مُڙس اگستيا هُن سان شادي ڪرڻ کان پوءِ بي رُکائي جو مظاهرو ڪيو ۽ لوپامدار کي اهي سڀ حقَ نہ ڏنا جن جي باري ۾ ديوتائن جو حڪم آهي.

لوپامدار پنهنجي نظم ۾ چئي ٿي تہ مون پنهنجي زندگي جون ڪيتريون ئي خزائون گذاري ڇڏيون آهن. مان پنهنجي مڙس جو پيار پائڻ لاءِ صبح کي شام ۽ شام کي صُبح ڪري ڇڏيندي هئيس مان وڏي محنت ڪئي پر. مان پنهنجي مڙس جي بي رُکائي جو شڪار رهيس. جڏهن تہ وڏندڙ عمر جسمن جي خوبصورتي کي متاثر ڪندي آهي. جڏهن تہ مُڙس ان عمر ۾ بہ زالن جي ويجهو ايندا آهن، جن جون هو حقدار بہ آهن. رگ ويد کي لکي هزارين سال گذري ويا آهن پر، لوپامدار جو سچائي جو فلسفو ڪلهہ جان اڄ بہ نئون ۽ تازو آهي.

ويدن جي منترن ۽ سڃي اپنشدن کي هندو پاڪ پوتر ڪلاسڪ جو درجو ڏيندا آهن. جڏهن تہ انهن ويدن ۾ حڪمت، دانائي، اخلاقيات، قانوني ضابطن، رياضي، سائنس ۽ فلسفي جا نظريا بہ آهن. پر گهڻو ڪجهہ مواد بي بنياد عقل ۽ سمجهہ کان ٻاهر جي واقعن تي مشتمل آهي.

لوپامدار جو فلسفو زال، مڙس جو هڪ ٻئي سان فطري حقن جي حوالي سان شاندار گفتگو تي ٻڌل آهي. ان جي فلسفي جو ٻيو حصو علم ۽

عرفان جي حوالي سان آهي تہ علم جي مقابلي ۾ مال ملڪيت کي ڪابہ اهميت نہ ٿا رکن. جڏهن تہ هن جي فلسفي جو ٽيون حصو بي لوث محبت جي حوالي سان آهي. هُن جو چوڻ آهي تہ جا محبت بي لوث نہ هجي، اها محبت ناهي، هوس آهي. هوس محبت جو ضد هوندي آهي. لوپامدار جي هن ڪلاسيڪل فلسفي جديد دور جي فلاسافرن کي بہ متاثر ڪيو آهي.

❊❊❊



گارگي: 800 ق ـ م / هندستان

رياست "وڏيا" جو بادشاهه "جانڪ" هڪ عظيم بادشاهه ئي نه هو هڪ عظيم فلسفي ۽ علم دوست به هيو. ان جي دربار ۾ ڪيترائي عالم موجود هوندا هئا. ان جا خاص نوَ عالم جيڪي مختلف علمن تي دسترس رکندا هئا، اهي هن جا "نَوَرتن" چوائيندا هئا. انهن نَوَرتنن ۾ هڪ عورت به هئي. جنهن جو نالو گارگي هيو. هوءَ هڪ ساڏو وچاڪنو جي نياڻي هئي. ان کي "برهما وڏياڻي" چيو ويندو هو. ان جو هڪ علمي بحث "ويجانا والڪيا" سان ٿيو هو. جيڪو رگ ويد جي ستين ۽ انين اُپنشد ۾ موجود آهي.

ويجانا والڪيا هڪ رگ ويدي خاتون "متيري" جو گهر وارو هو. گارگي متيري جيان وڏي ذهين ۽ عالم فاضل عورت هئي. بادشاهه جانڪ پنهنجي دربار ۾ سڄي هندستان جي عظيم دانشورن ۽ عالمن جي گڏجاڻي سڏائڻ جو فيصلو ڪيو. ان گڏجاڻي ۾ هُو علمي بحث ڪرائي اهو ڏسڻ ٿي چاهيو ته علم ۽ دانش ۾ ڪهڙو درويش سڀ کان عظيم آهي. گيانين جي اها مجلس مقدس باهه جي چوگرد منعقد ڪئي وئي. ان محفل جو نالو "بهود ڪشنا" رکيو ويو هو. چوته ان محفل ۾ ڪنهن کي خيرات نه ڏني ويندي هئي. هن محفل ۾ سڀني دانشورن کي ڪلي چوٽ ڏنل هئي ته هُو پنهنجي هم رتبه دانشورن سان ڪنهن به موضوع تي بحث ڪن.

هن محفل ۾ جيڪو دانشور پنهنجي علم ۽ عقل جي زور تي سڀ کان ڪٽي ويندو هو. ان کي هڪ هزار ٽلهيون متاريون ڳائيون انعام ۾ ڏنيو

ويندين هيون. انهن ڳڻون جي سڳن تي سونو ڪوپو چڙهيل هوندو هيو. دانشورن جي انهي محفل ۾ ويجانا والڪيا هي ثابت ڪري ڏيکاريوتہ هو سڀ کان وڏو عالم ۽ دانشور آهي. والڪيا پنهنجي شاگرد "سمسرو" کي چيو پٽ هاٿي تون هنن ڳڻون کي هڪلي ڪاهي وڃ. اِهو ڏسي. ٻيا سڀ برهمڻ ڪاوڙ۾ اچي ويا.

بادشاهہ جو هڪ پروهت "اسوال" اڳتي وڌيو ۽ هُن والڪيا کي چيو ڇا تون اسان سيني برهمڻن کان اُتم آهين؟ والڪيا مسڪرايو ۽ بادشاهہ جي پُروهت جي سامهون هٿ ٻڌي جُهڪيو ۽ چيو جناب توهان هن دربار جا سڀ کان بهترين برهمڻ آهيو. اسان تہ هي ڳائيون ان لاءِ ونيِ ٿا وڃون جو اسان کي هنن جي ضرورت آهي ۽ مان هنن جانورن جو سوالي آهيان. مان تہ توهان کان وڌيڪ علم نہ ٿو رکان پر ڪڏهن ڪڏهن مقابلو ناگزير ٿي پوندو آهي.

اسوال والڪيا کي چيو هاٿي توکي ثابت ڪرڻو پوندو تہ تون بهترين گياني آهين. تڏهن پنج برهمڻ والڪيا جو وڌيڪ امتحان وٺڻ جي لاءِ هن جي سامهون اچي بيٺا.

هڪ برهمڻ "پوتراگني" جي باري ۾ سوال ڪيو.

بي برهمڻ موت جي باري ۾ سوال ڪيو.

ٽين برهمڻ موت کان پوءِ واري زندگي بي باري ۾ سوال ڪيو.

چوٿين برهمڻ "برهما" جي فطرت جي باري ۾ سوال ڪيو.

والڪيا سيني برهمڻن کي بحث ۾ شڪست ڏئي ڇڏي هاٿي گارگيءَ جي سوال ڪرڻ جو وارو هيو. گارگي پنهنجي علم ۽ فهم ۾ ڏاڍي مشهور هئي ۽ هوءَ خوبصورت بہ ڏاڍي هئي. تڏهن گارگي والڪيا کان اهڙا سوال پُڇا جيڪي ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هئا. هُن اُهي بنيادي سوال پُڇيا جي اسان جي ڏرتيءَ سان جُڙيل هئا.

گارگي چيو اي فلاسافر والڪيا! جيڪڏهن اسان جي ڏرتي پاڻي سان ۾ رجي وڃي تہ ڪهڙي دعا سان اُهو پاڻي ختم ٿيندو؟ والڪيا جواب ڏنو. گهٽو پاڻي تہ ٻاڦ بڻجي ويندو. گياني سنڪارا ان جي تشريح هن طرح ڪئي جيڪڏهن زمين پاڻي کان خالي هوندي تہ پوءِ اها سِڪلين جي صورت ۾ ٻنجر بڻجي ويندي. پوءِ گارگيءَ پڇيو اي والڪيا! ٻُڏائي

آسمان جي مٿان زمين جي هيٺان اُن جي وچ ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل ڇا آهي ۽ ان کي ڪهڙي تاجي پيٽي سان اُٽيو ويو آهي؟

والڪيا جواب ڏنو. آسمانن جي مٿان زمين جي هيٺان ۽ انهن جي وچ ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل کي "آڪاشا" پنهنجي تاجي پيٽي سان اُٽيو آهي. گارگيءَ چيو والڪيا تو صحيح چيو. مان جهڪي ڪري تعظيم پيش ڪريان ٿي.

والڪيا چيو اي گارگي! مون کان ٻيو سوال پُڇ.!

گارگي چيو اي والڪيا! ٻڌاءِ ته آسمانن جي مٿان ۽ زمين جي هيٺان ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل ڇو ناهيو ويو آهي. ڇا اِهو ٻيهر انهي تاجي پيٽي سان اُٽيو ويندو؟

والڪيا جواب ڏنو. ها! هي سڀ ڪجهه جيئن اُٽيو ويو آهي. انهي ئي تاجي پيٽي سان ٻيهر ناهيو ويندو.

گارگيءَ پُڇيو ڇا ان کان سواءِ به جيڪو ڪجهه آهي. اُهو تاجي پيٽي جيان ناهيو ويندو؟

والڪيا چيو اي گارگي! هن "ٻئي" کي برهمڻ "فطرت" چوندا آهن. هي فطرت نہ ننڍي آهي، نہ وڏي آهي، نہ هن جو پاڇو آهي، نہ هي ڳاڙهي آهي، نہ هي اڇي آهي، نہ هن ۾ خوشبو آهي، نہ هن جون اکيون آهن، نہ هن جا ڪن آهن، نہ هي ڳالهائي ٿي، نہ هي سوچي ٿي، نہ هي ساهہ کڻي ٿي، نہ هن جي ابتدا آهي، نہ هن جي انتها آهي، نہ هن کي ماپي سگهجي ٿو نہ هي ڪائي شيءِ استعمال ڪندي آهي، نہ ڪائي شيءِ هن کي استعمال ڪندي آهي.

اي گارگي! سج ۽ چند هن جا حصا آهن. هي انهي فطرت جي تابع آهن.

اي گارگي! زمين ۽ آسمان هن جي حڪم سان پنهنجي جاءِ تي قائم آهن.

اي گارگي! وقت، ڏينهن، رات، مهينا، موسم ۽ سال هن فطرت جي اصولن جي تابع آهن.

اي گارگي! اسان به هن فطرت جو حصو آهيون ۽ فطرت ئي برهما آهي.

هن کي ڏسي نہ ٿو سگھجي پر، ڏسي ب سگھجي ٿو. هن کي ٻڌي نہ ٿو سگھجي پر، ٻڌي ب سگھجي ٿو. هن کي سوچي نہ ٿو سگھجي پر، سوچي ب سگھجي ٿو. هُو نامعلوم آهي پر، هن کي معلوم ب ڪري سگھجي ٿو. پر ان جي لاءِ شرط اهو آهي تہ فطرت جي اندر جِي فطرت کي سمجھڻو پوندو.

اي گارگي! اِهو سڀ ڪُجھ تاجي ٻيٽي سان اُٽيو آهي. هو فطرت آهي. هو برهما آهي، هو فطرت آهي. تڏهن گارگيءَ چيو اي والڪيا! توئي سچ چيو. مان تنهنجي تعظيم جي لاءِ تنهنجي اڳيان جهڪان ٿي. پوءِ گارگيءَ برهمڻ سان مخاطب ٿي چيو تہ توهان مان ڪوئي ب علم ۽ ڏاهپ ۾ هن کي شڪست نہ ٿو ڏئي سگھي. پوءِ گارگيءَ والڪيا کي چيو تہ تون انعام جون هڪ هزار گايون. سون جي سڳن واريون پاڻ سان وٺي وڃي سگھين ٿو. چو تہ تون هنن جو حقدار آهين. وڃ اهي ڪاهي وڃ.

والڪيا گايون نہ ورتيون ۽ خاموشي سان اتان هليو ويو. ان مڪالمي ۾ گارگي جو علم ۽ فلسفو عروج تي آهي. اُن زمين، آسمان، خلا، وقت ۽ ڪائنات جي فطري اصولن تان پڙدو کنيو آهي. گارگيءَ جا سوال هن ڪائنات جي تخليق، تشڪيل ۽ زمان، مڪان ۽ مابعد طبعياتي نظريي زندگي جي حوالي سان تمام گھڻا اهميت جوڳا آهن.

گارگي هڪ ويدڪ عورت آهي. يعني جڏهن هزارين سالَ پهرين هندو دور جا ڪيترائي ڏاها ماڻهو هندو ڌرم جا مذهبي اصول، قائدا ۽ اخلاقي ضابطن جا بنياد رکي رهيا هئا. جن کي هندو وید چوندا آهن، ان وقت مردن سان گڏ عالم فاضل داناءُ عورتون ب هيون جو علمي ۽ فلسفياڻي گفتگو ڪندیون هيون. جي اهڙين عالمانا ۽ دانائي جي ڳالهين کي ب ويدن ۾ شامل ڪيو ويندو هو. جن عورتن جي شاعري يا عالماڻي گفتگو ويدن ۾ شامل آهي. انهن کي ويدڪ عورتون چوندا آهن.

ويدڪ عورتن جو ڏاڍو احترام ڪيو ويندو آهي. بلڪ انهن کي پاڪ ديوي جو درجو حاصل آهي. انهن جي فلسفياڻي گفتگو کي "اپنشد" چوندا آهن. ويدن کي ڪنهن هڪ داناءُ ناهي لکيو. بلڪ هي ويدَ هزارين سالن تائين لکيا ويندا رهيا ۽ انهن ۾ هر دور جي رشي مينن پنهنجو پنهنجو حصو وڌو.

گارگي جو فلسفو وجود ۾ اچڻ ڪائنات، زمان ۽ مڪان جي

حوالي سان آهي. جيڪو فلسفي والڪيا سان گڏ مڪالمي جي شڪل ۾ آهي.

دراصل فلسفو ڪڏهن؟ ڇو؟ ڪيئن؟ ڪٿي؟ جهڙن سوالن جا جواب ڳولهيندي حقيقت تائين رسائي حاصل ڪرڻ جو نالو آهي. گارگيءَ به اهڙن سوالن کي بنياد بڻائي هن قدرت جي ڪارخاني کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان لاءِ گارگي کي قبل مسيح کان اڳ تاريخ جي هڪ اهم فلسفي ڇيو ويندو آهي. جڏهن ته هن کي هندو مذهب جي دانشورن ۾ اهم فلسفين ۾ به شامل ڪندا آهن.

❊❊❊



ميترائي: 800 ق ـ م / هندستان

ميترائي ويجانا والڪيا رشي جي ٻي گهر واري هئي. هي اُهو ويجانا والڪيا رشي آهي، جنهن سان "گارگي" ڪائنات متعلق بحث ڪيو هو. ميترائي هندن جي پاڪ ڪتابن ۾ گهٽي مقبول آهي. هن کي "برهما وديائي" چيو ويو آهي. هن جي نالي سان ڪيترائي منتر ۽ ڀجن ويدن ۾ موجود آهن. هوءَ بهترين شاعره هئي. ان لاءِ هن جا مقدس ڀجن اڄ به ڳايا ويندا آهن. هن جي حوالي سان هي ڪهاڻي مشهور آهي ته هوءَ ويجانا والڪيا رشي سان شادي ڪرڻ نه ٿي چاهي. هو ته رڳو هن جي هڪ شاگرديائي ٿي ڪري روحاني عبادت حاصل ڪرڻ چاهيندي هئي. جڏهن ميترائي کي وڌيڪ علم ۽ گيان حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو ته هُو والڪيا جي گهر واريءَ وٽ وئي ۽ هن ان کي چيو ته هُوءَ سندس مڙس جي چيلي بڻجي هن سان گڏ رهڻ چاهي ٿي. والڪيا جي زال "ڪتياٽي" هن کي اجازت ڏئي ڇڏي ته هُوءَ ان سان گڏ رهي سگهي ٿي. تڏهن ميترائيءَ ڪتياٽي سان گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ شروع ڪري ڇڏيو. هاڻي ويجانا والڪيا جي عُمر گهٽي ٿي وئي هئي. ان لاءِ هُن فيصلو ڪيو ته هُو گهر بار ڇڏي ڪري "سنياس" وٺڻ چاهي ٿو. جنهن لاءِ هن کين ٻڌايو ته هاڻي مان گهر بار ۽ سڀ سامان توهان جي حوالي ڪري پنهنجي زندگي جي چوٿين دور يعني سنياس جي لاءِ بلڪل تيار آهيان. هاڻي مان پنهنجو سڀ سامان ۽ دولت وغيره توهان ٻنهي ۾ برابر ورهائي ڪري سُکون حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو.

ميترائي کيس چيو ته تون سنياس وٺي ڪري پنهنجي روح کي لافاني ڪرڻ چاهين ٿو ته تون دولت مند ٿي ڪري به ائين ڪري سگهين ٿو. والڪيا چيو ته ائين ٿيڻ ممڪن آهي پر سنياس کان وڌيڪ ڪائي شيءِ هن زمين تي ان کان بهتر نه ٿي سگهي. تڏهن هُن هِن کان سوال جواب پڇيا ۽ سوالن جوابن کان پوءِ والڪيا ميترائي سان ٻي شادي ڪري چڏي ۽ سنياس ترڪ ڪري چڏيو.

ميترائيءَ والڪيا کان پُڇيو منهنجا سائين جيڪڏهن هي سڄي دنيا، دولت سان پرجي وڃي ۽ اُها دولت منهنجي ٿي وڃي ته ڀڏاءِ ڇا ان طرح مان لافانيت پائي سگهان ٿي؟

والڪيا وراڻيو نا ڇو ته دولت مند ماڻهن جي زندگي به اهڙي ئي زندگي هوندي آهي جهڙي ٻين جي ان لاءِ اِها اُميد نه ٿي ڪري سگهجي ته دولت سان لافانيت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ميترائي چيو جڏهن هر ڪنهن کي هڪ ڏينهن مري وڃڻو آهي ته پوءِ ان لاءِ کهڙي نيڪي ڪرڻ ڪپي؟ هي دنيا اسان کي ڪوئي تحفظ نه ٿي ڏئي سگهي. هتان جي هر شيءِ غير محفوظ آهي. ابتدائي ڏينهن کان ئي تون چوين ٿو هتان جي هر شيءِ حقيقي ناهي. جڏهن ته هن دنيا جي هر شيءِ غير حقيقي آهي ته پوءِ اُهو کهڙو ڪم آهي، جيڪو مون کي ڪرڻ ڪپي؟ جنهن سان تون مون کي عزت ڏئي سگهين؟ والڪيا ميترائي جي ان خوبصورت سوال تي ڏاڍو خوش ٿيو. ميترائيءَ ڏٺو ته والڪيا جي اکين ۾ هڪڙي جادوئي چمڪ اچي وئي هئي.

والڪيا چيو ها تون صحيح چئين پئي. هن دنيا جي هر شيءِ غير يقيني آهي. رڳو اندروني خوشي ئي لافاني ۽ يقيني آهي. ميترائي چيو شيون رڳو اسان جي ذهن سان تعلق رکن ٿيون. خارج ۾ اسان جي لاءِ خوشي تخليق نه ٿيون ڪري سگهن. ان لاءِ ڪنهن شيءِ تي ملڪيت جو قبضو ڪائي اهميت نه ٿو رکي. ان ملڪيت جي قبضي جو تعلق ذهن سان آهي ته فلاڻي شيءِ منهنجي آهي. جڏهن ته مرڻ کان پوءِ اهو تعلق ختم ٿي ويندو آهي.

ميترائي جو فلسفو انسان ذات ۽ ڪنهن حد تائين مثاليت جي طرز جو آهي. ان ۾ خاص ڳالهه روح جي بقا جي حوالي سان آهي.

جيڪڏهن روح کي شفاف ڪيو وڃي تہ انسان مرڻ کان پوءِ به لافاني ٿي سگهي ٿو. ڪجهہ محققن جو چوڻ آهي تہ ميترائي جو فلسفو هن جي خارجي ڪيفيت جي حوالي سان آهي. جديد فلسفي "برڪلي" جي عينيت شايد ميترائي کان ئي ورتل آهي. بلڪہ سڀئي عينيت پسند فلسفي ميترائي کان ئي متاثر آهن.

❊❊❊



امباپالي: 600 ق ـ م / هندستان

600ق ـ م يا 500 ق ـ م ۾ هڪ اهڙي عورت جي باري ۾ جنهن جو ڪم تمام گهٽو هو. معلومات گڏ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو مرحلو هو. "ويشالي" قديم هندستان جو شهر هو. جيڪو رياست "لڪچاوس" جو گادي جو هنڌ هو. امباپالي هن شهر جي رهواسي هئي. هُوءَ پنهنجي فڪر ۽ فلسفي جي حوالي سان گهٽي مشهور هئي. پوءِ هو مهاتما ٻُڌ جي پڪشاٽي بڻجي وئي.

امباپالي جو نالو سنسڪرت جي ٻن لفظن تي مشتمل آهي. جنهن جو مطلب آهي. انبن جو ڪچو ٻوٽو. ان متعلق اِها ڪٿا مشهور آهي ته جڏهن هُوءَ پيدا ٿي هئي ته هن جا ماءُ پيءُ گذاري ويا هئا. ڪو هن کي شاهي انبن جي باغ ۾ هڪ انب جي وڻ جي هيٺان رکي ويو هو هن کي شاهي ملازمن اُتان کنيو هو. اهڙي طرح ان جو نالو امباپالي ٿي ويو.

هن جي تربيت شاهي محل ۾ ٿي ۽ هِن ـ پڙهڻ، لکڻ ۽ شاهي محل ۾ رهي سکيو. جوان ٿيڻ تي هُوءَ پنهنجي خوبصورتي سان گڏ گڏ پنهنجي ذهانت ۾ به بي مثال هئي. پر. ڪجهه ٻُڌ مت جي محققن جو چوڻ آهي ته هو هڪ وٺشيا يعني طوائف هئي.

هُوءَ ڏاڍي خوبصورت، ذهين ۽ تعليم يافته هئي. هڪ ڏينهن مهاتما ٻُڌ هُن جي انبن جي باغ ۾ اچي لڏو لاٿو امباپالي کي خبر پئجي وئي هئي. هُوءَ مهاتما ٻُڌ وٽ وئي. مهاتما ٻُڌ هن کي پنهنجي پير ۾ ويهاريو. تڏهن هِن مهاتما ٻُڌ جو واعظ ٻُڌو ۽ هُوءَ هُن جي پڪشاٽي ٿي وئي. هُوءَ هن

جي واعظ کان ڏاڍي متاثر ٿي ۽ زندگي جي حقيقت کي حاصل ڪري ورتو ته زندگي سواءِ ناپائيداري جي ڪجھ به ناهي. هُن مهاتما ٻُڌ ۽ ان جي پڪشوئن کي دعوت ڏني ته هُن جي گھر ۾ دعوت کائين. مهاتما ٻُڌ هن جي دعوت قبول ڪئي.

جڏهن ته رياست جي شهزادي به مهاتما ٻُڌ کي ڪاڏي جي دعوت ڏني پر ٻُڌ هن جي دعوت قبول نه ڪئي. مهاتما ٻُڌ امباپالي جي گھر ۾ جڏهن پنهنجي شاگردن سان گڏ چانورن جي دعوت کائي چُڪو ته هن وري واعظ ڪيو. امباپالي هُن جي واعظ کي لکندي رهي. ان سان امباپالي کي ڏاڍي راحت ملي. تڏهن امباپاليءَ ٻُڌ جا اُهي سڀ واعظ لکيا جي هن ٻُڌا هئا. امباپاليءَ وٽ ٻُڌ جا چيل ڪيترائي واعظ تحريري شڪل ۾ موجود هئا. ان کان سواءِ ٻُڌ جا اُهي تمام ڪم ۽ ڪرشما جيڪي هن پاڻ ڏٺا لکي ڇڏيا. امباپالي پاڻ به هڪ فلسفي عورت هئي. هُن مهاتما ٻُڌ جي ان فڪر تي پنهنجي طرفان وڌا حاشيا لکيا. هُو پاڻ هڪ عملي ٻُڌ پڪشاٽي هئي. تنهن ڪري هُن ٻُڌ جي فلسفي کي پنهنجي مٿان حاوي ڪري ڇڏيو هو.

هن جون هٿ جون لکيل ڪيترون ئي تحريرون پالي زبان ۾ اڄ به محفوظ آهن. جڏهن ته ڪجھ مخطوط زماني جي دستبرد کان نه بچي سگھيا آهن. امباپالي جي تحريرن سان ئي ٻُڌ مت جي تعليم کي محفوظ ڪيو ويو آهي. ٻُڌ مت ۾ امباپالي جو درجو گھڻو اتاهون آهي. هن جو زندگي جي فلسفي جي حوالي سان هي نظم خاص طور ٻُڌمت ۾ عبادت جو درجو رکي ٿو.

امباپاليءَ جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته هُن ٻُڌ مت جي ڦھلاءُ ۾ گھڻو ڪردار ادا ڪيو ۽ ٻُڌ مت جي فلسفي تي گھڻو ڪجھ لکيو. هُن جون گھڻيون تحريرون پالي ٻولي ۾ آهن ۽ ٻُڌ مت ۾ پاڪ صحيفن جو درجو رکنديون آهن. هتي هُن جو معروف ۽ قبول نظم هيٺ ڏيون ٿا. جنهن سان پوري طور تي معلوم ٿي ويندو ته هُن تشبيهون استعارا ۽ ادبي علامتون استعمال ڪندي شاندار زندگي جو فلسفو پيش ڪيو آهي. ۽ اهو نظم:

منهنجا وار ڪارا هوندا هئا
ماکيءَ جي مکين جھڙا ڪارا

ءِ اهي گهنڊيدار بہ آهن
عمر سان گڏ گڏ
اِهي گاهہ جي پري جيان پُتا ٿي ويا آهن
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
گلن سان پريل ٿوڪري مان اُٿندڙ خوشبوءِ
عمر سان گڏ گڏ
جانورن جي وارن مان اٿندڙ
ڏپ جيان لڳي ٿي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
هڪڙو سائو چهچ باغ
جيڪو هڪ حسين عورت جيان سهڻو هوندو آهي
عمر سان گڏ گڏ
خزان جو ماريل نظر ايندو آهي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
سونا ڳهٽا پاتل ڪنوار
خوبصورت ءِ برندڙ مُک واري
هاڻ عمر سان گڏ گڏ
هن جي مٿي جا وار بہ اڏامي ويا آهن
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
چمڪندڙ ڪُڙهہ
جيڪو قيمتي هيري سان گڏ پيو ڪڙڪندو هو
جنهن جو ڪڙڪ منهنجي ڪنن کي
ڏاڍو وڻندو هو
عمر سان گڏ گڏ اُهو ڪُڙهہ گم ٿي ويو آهي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
هڪ قابل عورت جون تراشيل پنبڙيون
جيڪي روشنيءَ جيان چمڪنديون آهن
عمر سان گڏ گڏ انهن ۾ جهريون پئجي ويون آهن
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي

چمڪندڙ هيرن، موتين جهڙيون منهنجون اکيون
هاڻي عُمر سان گڏ گڏ اِهو نڪ جُهري پيو آهي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
منهنجو سنهو نڪ چمڪندڙ ڪلس جيان هوندو هُيو
۽ اهو سپ منهنجي جواني ۾ ئي هُيو
هاڻي عمر سان گڏ گڏ اها ڏوڙي ٿي وئي آهي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
منهنجا ڏند اڇي سون جيان پيا تجلا ڇڏيندا هيا
جيئن جهنگلي
"گُلِ وحيد" جا گُل
عمر سان گڏ گڏ اهي تاريءَ مان چڙي ڪري پيا آهن
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
گهاٽي جهنگ ۾
ڪُوڪندڙ ڪوئل جي مٺي آواز جهڙو
منهنجو من موهيندڙ آواز
عمر سان گڏ گڏ
منهنجو آواز
ڪورو ۽ بي سرو ٿي ويو آهي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
منهنجي ڪچي ڪُونج جيان ڏکهي نرم ۽ ملائم هوندي هئي
عُمر سان گڏ گڏ هاڻي اُها هيڻ ڏرڪي پئي آهي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
منهنجا ٻئي ڏورا محل جي گول منارن جهڙا هوندا هيا
عُمر سان گڏ گڏ هاڻي اُهي سُڪي تپالي جي ٻوٽن جيان ٿي ويا آهن
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
منهنجي آڱرين ۾ سونيون ۽ هيرن جي ٻُڙن واريون مُندڙيون هوندڙيون هيون
جن سان منهنجا هٿ پيا جرڪندا هئا
عُمر سان گڏ گڏ اهي بصر جهڙا ۽ انهن ۾ ڳنڍيون پئجي ويون آهن


سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
ڪڏهن منهنجي ڇاتي گول ۽ اُپريل هوندي هُئي
هاڻي ڪُراڙپ ۾ اهي اپريل ڇاتيون پاڻيءَ جي ڪليءَ جهڙيون ٿي ويون آهن

سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
ڪڏهن منهنجو جسم سون جهڙو هوندو هيو
پريل پريل ۽ اڌ ڪچي ۽ اڌ پڪي ميوي جهڙو
هاڻي هي ڪُراڙپ ۾ گُهنجن سان پرجي ويو آهي ۽ ڪُهڙو ٿي ويو آهي

سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
منهنجون ٻئي رانون هاڻي جي سُونڊَ جيان نرم هوندیون هيون
عُمر سان گڏ گڏ هاڻي هي بانس جي لڪڙي جهڙيون ٿي ويون آهن
منهنجي پيرن ۾ سون جون چيرون هوندیون هيون
جيڪي خوب چٽڪندیون ۽ تجلا ڏيندیون رهندیون هيون
عمر سان گڏ گڏ هاڻي منهنجون ٽنگون تالهي جي
سُڪل وڻ جهڙيون ٿي ويون آهن
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
منهنجا پيرَ اهڙا نرم هيا
جهڙو هنن ۾ ڪهڙ پريل هجي
عُمر سان گڏ گڏ هاڻي اهي ڳري ويا آهن
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي
هاڻي جسم جي عمارت اهڙي ڊِڪي جهڙي ٿي وئي آهي
جهڙو ڪنهن گهر جو پلستر اُکڙجي ڇُڪو هجي
سچ جو سچ هميشہ سچ رهندو آهي.

امباپالي جي هن شاندار فلسفياڻي نظم ۾ انساني زندگي جي حقيقت کي بيان ڪيو آهي. انسان پنهنجي پيدائش کان وٺي موت تائين فطري مرحلن مان گذرندو آهي. ان عمل کي هر حالت ۾ مڪمل ٿيڻو آهي ۽ انسان ان کي نہ ٿو روڪي سگهي. ۽ هن نظم ۾ امباپالي پاڻ پنهنجي

جسم جو مثال پيش ڪري ٿي تہ نوجواني کان جواني ۽ جواني کان پوڙهاپو هڪ فطري عمل آهي. اِن لاءِ انسان کي زندگي جي ڪنهن بہ مرحلي تي غُرور ۽ تڪبر نہ ڪرڻ کپي. آخر انسان کي موت قابو ڪري ونڊو آهي. اِهو ئي انساني زندگي جو سڀ کان وڏو سچ آهي. نرواڻ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ذات کي فنا ڪرڻ ضروري آهي. امباپالي ٻُڌ مت جي اهم ترين مُبلغ ۽ فلاسافر آهي. ان لاءِ ٻُڌ مت جا پيروڪار هن جو نالو ڏاڍي احترام سان ونڊا آهن. امباپاليءَ جيڪو زندگي جو فلسفو ترتيب ڏنو. ان کي بين الاقوامي سطح جي مقبوليت ماڻي.





ٿيمسٽوڪليا: 600 ق ـ م / يُونان

ٿيمسٽو ڪليا ڊيلفي جي مندر جي ڪاهنہ هئي. ڊيلفي جو مندر يونان جو سڀ کان عظيم مندر هيو. جنهن ۾ پوڄا جي لئہ سڀ يوناني گڏ ٿيندا هئا. ٿيمسٽو ڪليا جي باري ۾ اِها ڳالهہ مشهور آهي تہ هُوءَ فيثا غورث جِي بہ اُستاد هئي. فيثا غورث ٿيمسٽو ڪليا کي يونان جي ستن دانائن مان هڪ سڏيندو هو. يونان ۾ قديم زماني کان اِها ئي روايت رهي آهي تہ هر دور جي دانائن جي باري ۾ عام ماڻهو بہ پوريءَ طرح آگاهي رکندا هئا.

ٿيمسٽو ڪليا ڊيلفي جي مندر جي ڪاهنہ تقريبن 600 ق ـ م ۾ هئي. مذهبي حوالي سان هن کي يونان ۾ سڀ کان اعليٰ رُتبو حاصل هيو ۽ اُن کي "ڊيلفي جو غيبي آواز" بہ سڏيو ويندو هو. جيتوڻيڪ يوناني هُن کي پهرين فلاسافر عورت چوندا هئا. جڏهن تہ اِهو درست نہ هو. بلڪ هن کان پهرين بہ ميسوپوٽيميا، مليٽس ۽ هندستان ۾ فلاسافر عورتون موجود هيون.


ڊائيوجينئس، ٿيمسٽو ڪليا جي ڪم تي ڪجهہ تحقيق ڪئي آهي. اُن جي چوڻ مطابق فيثا غورث جي اخلاقي تعليم ٿيمسٽو ڪليا جي تعليم جو ئي نتيجو هئي. ڊيلفي جي هن ڪاهنہ فيثا غورث کي تمام مُروج اخلاقي تعليم سيکاري هئي. اهڙي طرح فيثا غورث جي اخلاقي تعليم جو وڏو حصو ٿيمسٽو ڪليا جي تعليم تي ٻڌل آهي. ڇيو وڃي ٿو تہ فيثا غورث، سقراط ۽ افلاطون بہ عورتن کان تعليم حاصل ڪئي هئي. افلاطون ـ سقراط ۽ پنهنجي ماءُ "پريڪٿون" کان تعليم حاصل ڪئي

هئي.

ٿيمستو ڪليا پنهنجي عقل ۽ دانش جي ڪري پوري يُونان ۾ مشهور هئي. ڊيلفي جو مندر قديم زماني کان ئي مذهبي حوالي کان هڪ پاڪ جاءِ هئي. سڄي يونان جا ماڻهو ڊيلفي جي مندر ۾ ايندا هئا ۽ مذهبي رسمون ادا ڪرڻ کان علاوه اُن جي مذهبي ڪاهنہ کان پنهنجي مستقبل جو حال معلوم ڪندا هئا. ٿيمستو ڪليا کي ڊيلفي جي مندر جي ڪاهنہ جو عهدو مليل هيو. ٿيمستو ڪليا ڊيلفي جي مندر ۾ پنهنجو پاڻ تي هڪ خاص ڪيفيت طاري ڪري غيبي آواز جي ذريعي پيشن گوئيون بہ ڪندي هئي.

ڊيلفي جي مندر ۾ هر دور جي يوناني فلسفي، دانشور ۽ سوفسطائي حاضري ضرور ڏيندا هئا. (سوفسطائي اهڙن حڪيمن جو هڪ گروهہ هيو جن جي اصولن جو بنياد وهم تي ٻڌل هو جيڪي حقيقت جا انڪاري هيا ۔ سنڊيڪار) اهي ٿيمستو ڪليا جي غيبي آواز کان طرح طرح جا سوال ڪندا رهندا هئا ۽ پنهنجي علمَ ۾ اضافو ڪندا هئا. فيثا غورث ۽ سقراط تہ پنهنجو اخلاقي فلسفو ٿيمستو ڪليا جي مبهم ڳالهين مان ئي ورتو هو.

ٿيمستو ڪليا يقينن هڪ اهڙي ذهين زيرڪ، فهم ۽ ادراڪ رکڻ واري ڪاهنہ هئي. جيڪا وڏن وڏن فلسفين ۽ ڏاهن کي بہ متاثر ڪرڻ جي سگهہ رکندي هئي.





سيلو بولينيا رهوڊس: 570 ق ـ م /رهوڊس

سيلو بولينيا آف رهوڊس سيلو بولس جي ڏيءُ هئي. ڊائيو جينس جي بقول سيليو بولس "لنڊس" جو رهندڙ هو. ان جي پيءُ جو نالو "ايوا غورٿ" هو. جڏهن ته ڊيورس جو چوڻ آهي ته هُو ڪيرين جو رهواسي هو ۽ سيلو بولس، هرڪوليس جي خاندان سان تعلق رکندڙ هو. سيلوبوليس پنهنجي طاقت ۽ مردانه جاهه و جلال جي حوالي سان هڪ اهم ۽ وڏي شخصيت جو مالڪ هو.

سيلو بوليس مصر ۾ فلسفي جي تعليم حاصل ڪئي هئي. ان پنهنجي ڏيءُ سيليو بولينيا کي به پاڻ ئي تعليم ڏني هئي. اُن جي ڏيءُ سيلو بولينيا، فلسفي ۽ شاعريءَ ۾ نوجوانيءَ ۾ئي شهرت حاصل ڪري ورتي هئي. سيلو بولينيا جيڪي پرولين لکيون اُهي عقل، فهم ۽ اخلاقي فلسفي سان پرپُور آهن. هُوءَ پنهنجي انهن ڳجهارتن جي ڪري گهڻي مشهور ٿي وئي هئي. ۽ هُن کي عقل ورائڻ واري شاعره سڏيو ويندو هو.

عظيم ڊرامه نگار ڪريٽينس هڪ ڊراموبه لکيو هو. جنهن جو نالو ئي سيلو بولينيا هيو. ان ڊرامي ۾ ان سيلو بولينيا جي ڪردار کي چڱي طرح چٽيو آهي. سيلو بولينيا جي پيءُ سيلو بوليس ديوي "مونروا" جي مندر کي به بحال ڪيو هو. جنهن کي گهڻا سال اڳ "دانائوس" تعمير ڪيو هو. سيلو بولينيا جي شاعري ڪجهه هِن طرح هئي. جنهن ۾ پرولين، گيت ۽ دانش منداڻو فڪر موجود آهي.

مان نامي جي رنگ جهڙي چوڪري هتي ستي پئي اهيان
مداس جي مقبري تي عرصي کان
چوليون هٽندڙ پاڻي جيان ساون پنن وارن وٽن جيان
جيئن ڏڪندڙ سورج هجي ۽ جيئن چاندي جهڙو چنڊ روشن روشن
صدين کان وهندڙ دريا جيڪي پنهنجي وهڪري سان گجندا ويندا هجن
مان به ان مقبري ۾ ايئن ئي ستي پئي هوندیس
چو ته هتي مداس دفن آهي. جيڪو منهنجو ورثو آهي
جڏهن انسان پنهنجي حواسن کي قابو رکندو آهي
تڏهن ليڊين سيلوبوس ان کي خراج تحسين پيش ڪندو آهي
اُن مجسمي جي ڪير برابري ڪري سگهي ٿو جنهن کي هڪ انسان بڻايو
اِهي نديون جيڪي اُجل ڪائي پنهنجي ڪنارن کان ٻاهر وهنديون آهن
بهار جي مند جا رنگين گُلَ جن کي ڳٽي نه ٿو سگهجي
سج جا ڪرڻا جيڪي سُنهري آهن ۽ ڏينهن کي روشن ڪندا آهن
سمنڊ جون هي بيڪران لهرون جن لئه ڪوبه ڪنارو ڪونهي
هر ڪا شيءِ خوف مان ڏڪي رهي آهي. جڏهن انهن جِي برابري ديوتائن سان ڪئي ويندي آهي
چو ته انسان ديوتائن جي سخت هٿن جي هيٺان چپجي ويندو آهي
ديوتائن سان مقابلي ڪرڻ جو خيال رڳو بي وقوفن کي ايندو آهي
هڪ پيءُ هيو. جنهن کي ٻارنهن ڏيئرون هيون
اُن جي هڪڙي هڪڙي ڏيءُ کي ٽيهه ٽيهه ٻار هئا
هر ٻار هڪ ٻئي جي شڪل کان مختلف هيو
ڪجهه سهڻا هئا. ڪجهه ڪوجها
پر سڀني کي موت جو ذائقو چکڻو هيو

سيلو بولينيا آف رهوڊس پنهنجي دور جي بهترين فلسافر هئي.
اُن جون ڳجهارتون ۽ فلسفياڻي شاعري تي اڄ بہ جديد دور جي يُونيورسٽين ۾ مقالا لکيا ويندا آهن ۽ اُن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويندو آهي.

سائي هُئي، من پري هُئي، نو لکي موتي جڙي هئي.
لالا جي باغ ۾ ساڙهي ويڙهيون بيلي هئي.

هي پرولي بہ سيلو بولينيا جي آهي. جنهن کي ڪنهن شاعر ترجمو ڪيو آهي. اهڙيون سوين ڳجهارتون جيڪي مختلف بولين جي ثقافت ۾ موجود آهن. انهن پرولين کان گهڻيون ئي پرولين سيلو بولينيا - جون آهن.

ڳجهارتن ۾ هن جي شاعري ذهانت ۽ عُروج تي آهي. هِن جي ڳجهارتن ۾ خاص دعوتِ فڪر آهي تہ انسان کي سوچڻ گهرجي ۽ پنهنجي عقل جو امتحان وٺڻ گهرجي. ان سان انساني فڪر کي هڪ نئين تقويت ملي ٿي. جيڪڏهن سيلو بولينيا پنهنجين ڳجهارتين کان علاوه ٻيو ڪجهہ بہ نہ لکي ها. تڏهن بہ هُوءَ انهن ڳجهارتن جي ذريعي عالمي ادب ۾ هميشہ زنده رهڻي آهي.

❊❊❊



ٿيانو: 546 ق ـ م / اٽلي ڪروٽونا

ٿيانو برونٽينس جي ڏيءُ هئي. برونٽينس هڪ طبيب هيو. هُو عارفي مت جو پيروڪار هيو. ٿيانو 546 ق ـ م ۾ ڪروٽونا ۾ پيدا ٿي. هِن جي والد هن کي سُٺي تعليم ڏياري. هُوءَ هڪ سُٺي رياضيدان هئي. هُن "سون جهڙا لفظ" جي نالي سان رياضي تي مضمون به لکيو. هُوءَ نون نظرين ۾ ڏاڍي دلچسپي رکندي هئي.

فيثا غورث جڏهن مصر کان موٽي ڪري ساموس آيو تہ ٿيانو پنهنجي پيءُ سان گڏ فيثا غورث جي تقرير ٻُڌڻ وئي هئي. ٿيانو فيثا غورث کان ايترو متاثر ٿي جو هُن فيثا غورث سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن تہ ٿيانو فيثا غورث کان عُمر ۾ گهٽي ننڍي هئي. هُوءَ انتهائي خوبصورت ۽ ذهين هئي. شادي کان پوءِ فيثا غورث کان هُن کي پنج ٻار پيدا ٿيا. ٽي ڏيئون ڊيمو ميا، ايريگنوٽ ۽ ٻہ پُٽ ارمينٽس ۽ ٽيلجيس.

"ٿيانو" ساموس ۽ ڪروٽن ۾ فيثا غورث جي مڪتب ۾ رياضي تي ليڪچر ڏيندي هئي. هُن "سون جهڙا لفظ" جي نالي سان ڪيترا مضمون لکيا. اُن جا هي مضمون رياضي جي نَون نظرين ۾ ڏاڍي اهميت رکن ٿا. هُن جو رياضي تي شاندار ڪم اڄ به اڏاوتن ۽ فطري اُصولن جي ڳولا جي لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

فيثا غورث جي موت کان پوءِ هُوءَ ان انجمن جي سربراهہ بڻجي وئي. ان انجمن ۾ هن سان گڏ هُن جون ٽئي ڏيئون به ليڪچر ڏيندڙ هيون. ان جا ٻئي پُٽ ٻہ فلسفي هئا. اهڙي طرح سڄو خاندان فلسفين جو

خاندان ئي هيو. ٿيانو فيثا غورث جي مرڻ کان پوءِ اُن جي شعور ۽ آگهي جي ڪم کي جاري رکيو. هُن جي هارن بہ فيثا غورثي نظريي کي ڦهلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن ٿيانو ۽ اُن جو اولاد فيثا غورث جي نظريي کي اڳتي نہ وڌائڻ ها تہ فيثا غورث، جو سڄو ڪم ان جي موت کان پوءِ ختم ٿي وڃي ها. عظيم فلاسافر ڊائيو جينس ليئرٽس، اٿينياس، سوئيڊس ۽ لمبيلڪس چون ٿا تہ هُوءَ هڪ عظيم فلاسافر، استاد، ليکڪ ۽ اخلاقيات جي ماهر هئي. ميري بيئرڊ 1946ع ۾ ٿيوريموف گولڊن مين تي هڪ تحقيقي مقالو لکيو. جنهن ۾ ٿيانو جي ڪم جي پُوري طرح اکول ڪئي وئي آهي.

ٿيانو پنهنجي دور جي بهترين فلاسافر، رياضيدان ۽ مذهبي رسمن جي ماهر هئي. اُن جا هزارين شاگرد هئا. جيڪي هن جو ليڪچر ٻُڌندا هئا. ان جي لکڻين جا ڪجهہ حصا دريافت ٿيا آهن. جيڪي روم جي عجائب گهر ۾ موجود آهن.

❊❊❊



ڊيمو: 535 ق ـ م / اتلي ڪروٽون

ڊيمو ڪروٽون ۾ پيدا ٿي. ڊيمو فيثا غورث جي وڏي ڏيءَ هئي. هُن پنهنجي ماءُ ٿيانو ۽ پيءُ فيثا غورث کان تعليم پرائي. ۽ پوءِ پنهنجي پيءُ جي مڪتب ۾ ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيا. ڊيمو تي سندس پيءُ کي وڏو اعتماد هوندو هو. هُو هِن جي فلسفي تي به اعتبار ڪندو هيو ۽ اُن جي راستبازي جو به ڏاڍو قائل هيو. فيثا غورث پنهنجون لکڻيون هِن وٽ رکندو هو. ڇو ته هُوءَ اُنهن تحريرن کي وڏي احتياط سان سنڀالي رکندي هئي.

فيثا غورث جي وفات کان پوءِ هُوءَ ايٽنز هلي وئي. ايٽنز ۾ هن کي غير ملڪي ڏاريو سمجهيو ويو. ايٽنز جو قانون غير ملڪين جي لاءِ ڏاڍو سخت هيو. اُن قانون مطابق ايٽنز جي شهريت صرف انهن ماڻهن کي ملندي هئي. جيڪي ايٽنز جي شهريت رکڻ وارن والدين مان پيدا ٿيندا هئا. غلامن، واپارين ۽ ڏارين کي ايٽنز جي شهريت نه ڏني ويندي هئي.

ڏارين عورتن جي لاءِ ته ايجا به اِهو قانون گهڻو سخت هيو ته ڪائي عورت ايٽنز ۾ اڪيلي نه رهي سگهندي هئي. ان کي يا ته ڪنهن ايٽنز جي شهري جي داشته ٿي ڪري رهڻو پوندو هو يا غلام بڻجي ڪري اُن لاءِ ڊيمو کي به پرديسياڻي هُئڻ جي بنياد تي ايٽنز جي ان سخت قانون کي مُنهن ڏيڻو پيو ۽ پوءِ ان کي واپس وڃڻو پيو. اُن تي هُن هڪ مضمون به لکيو هيو. "ڪروٽون کان آيل ايٽنز جا اجنبي" ڇو ته ان سان گڏ فيثا غورثي فلاسافر ٽميريبس هو. جيڪو پرائمر نمبرز ٿيوري جي حوالي سان

گھٹو مشهور هيو. پيو فلاسافر فِلالوس هيو جيڪو فيثا غورثي ستارا شناسي جي حوالي کان گھٹو مشهور هيو. هيءَ پهريون سائنسدان هيو جنهن جو چوڻ هيو ته زمين هڪ سيارو آهي. جيڪا مرڪزي باهه جي چوڌاري گھمي رهي آهي. فلالوس- افلاطون جي پيدائش تائين زنده رهيو جڏهن ته سقراط پڙهڪيترن ئي فيثا غورثي فلسفين سان ملاقات ڪئي هئي.

ڊيمو ايٽنز جي ماڻهن کي هڪ سياسي ڏانچو به ٺاهي ڏنو هو. ڊيمو ديوتائن جي شان ۾ ثنائيہ گيت به ڳايا هُن جو آواز ڏاڍو مٺو هوندو هو. هڪ دفعي ايٽنز ۾ هوءَ مالي مشڪلاتن جو شڪار ٿي وئي ته هُن کي چپو ويو ته تون پنهنجي والد جون تحريرون سون جي عيوض کپائي ڇڏ. هُوءَ ٻُڌ، غُربت جو شڪار رهي پر، پنهنجي والد جي تحريرن کي کپائڻ کان انڪار ڪيو ۽ هميشہ انهن کي سنيالي رکيو. هُوءَ پنهنجي ماءُ کان پوءِ ٻي بهترين فلاسافر هئي.

❋❋❋



ايريگنوٽ: 530 ق ـ م / اٽلي (ڪروٽون)

ايريگنوٽ اُتر اٽلي جي شهر ڪروٽون ۾ پيدا ٿي. هُن پنهنجي پيءُ فيثا غورث ۽ ماءُ ٿينو کان تعليم پرائي. اُن کان پوءِ هُوءَ پنهنجي پيءُ جي خاص حلقي ۾ شامل ٿي ڪري انجمن ۾ ليڪچر ڏيڻ لڳي.

ايريگنوٽ رياضي جو گهرو مطالعو ڪيو. هُن ئي اهو نظريو ڏنو هو ته ڪائنات انگن مان ٺهي آهي ۽ انگ ان ۾ هڪ خاص ترتيب سان ڪردار ادا ڪن ٿا. هُن ئي رياضي جي تصور کان انسان کي ڪائنات سان منسلڪ ڪرڻ جو نظريو ٻڌايو.

هُوءَ جسماني رشتي کي فلڪيات سان ڳنڍڻ جي حوالي سان پاڪ چوٽيون ۽ يُوناني خدا متعلق گهڻو ڪجهه لکي وئي آهي.

❊❊❊



ميادِ: 525 ق ـ م / اٽلي (ڪروٽون)

هيءَ پنهنجي پيٽ ڊيمو ۾ پاڻ ٽيلجيس کان ننڍي هئي. هن کي ٻين ٻارن جيان فيثا غورث ۾ ان جي زال پنهنجي مڪتب ۾ تعليم ڏني. هيءَ به ڪروٽون ۾ ئي پيدا ٿي. هُن اولمپڪ ايٿليٽ مِلو سان شادي ڪئي هئي. مِلو اولمپڪس ۾ پهلواني جو مقابلو کٽيو هو. مِلو يوناني پهوانن جو سربراهه به هيو. هُو اولمپڪس جشن ڪرائڻ وارن مان هو. هُن اولمپڪس ۾ پنج دفعا مقابلا کٽيا هئا. جيڪو هڪ رڪارڊ هيو.

ميادِ به هڪ سُٺي فلاسافر هئي ۽ مڪتب ۾ ليڪچر ڏيندي هئي. پر، هن جو ڪو به لکيل ڪم موجود ڪونهي. ڇيو وڃي ٿو ته جڏهن سائيلون، فيثا غورث جي مڪتب تي حملو ڪيو ته ميادِ اُن حملي ۾ شهيد ٿي وئي هئي. اِن ڳالهه جا ٻوس ثبوت موجود آهن ته ميادِ فيثا غورث جي مڪتب ۾ رياضي ۽ اخلاقيات تي ليڪچر ڏيندي هئي. مڪتب ۾ هُن بي شمار شاگردن کي تعليم ڏني. اُن جو رڪارڊ مڪتب ۾ موجود آهي.

❊❊❊



اسپاسيا آف ملينٽس: 470 ق- م / ملينٽس

اسپاسيا پنجين صدي قبل مسيح ۾ ملينٽس شهر ۾ پيدا ٿي. هي شهر ايشيائ ڪوچڪ (ترڪي) ۾ بحره اجين جي اُتر ڪناري تي واقعي آهي. اسپاسيا جو ذڪر افلاطون، اسڪريٽس، اينٽي شيٽين ۽ اسڪيچين جي لکڻين ۾ ملي ٿوملينٽس جو شهر دانشورن، فلاسافرن، سائنسدانن ۽ رياضيدانن جي حوالي سان ڏاڍو اهم شهر آهي. ٿاليس عظيم رياضيدان، هيروڊوٽس عظيم تاريخدان به هن شهر جا هئا. جن جو ذڪر افلاطون ۽ ارسطو کان علاوه گهڻن ئي فلاسافرن پنهنجي لکڻين ۾ ڪيو آهي.

اسپاسيا ملينٽس جي هڪ جاگيردار خاندان ۾ پيدا ٿي. هُن جي پيءُ جو نالو "ايزيوڪس" هو. هُوءَ پنهنجي پيءُ جي ٻين ڏيءُ هئي. هُن جي ماءُ جي نالي جي ڄاڻ نه پئجي سگهي آهي. هُن ٻال جتي ۾ ئي پنهنجي پيءُ کان ئي تعليم ورتي هئي. هُوءَ ڏاڍي خوبصورت هئي ۽ ذهانت ۾ به بي مثال هئي. هُن پاڻ کي فلسفي ۽ خطابت جي لئ وقف ڪري ڇڏيو هو. نوجواني ۾ ئي هُوءَ پنهنجي جوشِ خطابت ۽ علم ۽ فهم جي حوالي کان مشهور ٿي وئي هئي. هُن ملينٽس ۾ وڌيڪ علم پرائڻ کان پوءِ ايٿنز وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ايٿنز انهن ڏينهن طاقت، قوت ۽ علم جو مرڪز هيو.

اها خبر ڪانهي ته هُن ملينٽس کان ايٿنز تائين جو سفر ڪيئن ڪئي ڪيو. ڪجهه محققن جو چوڻ آهي ته هُن پنهنجي هڪ ويجهي رشتيدار "ايسي بيادس" سان گڏ ايٿنز تائين جو سفر ڪيو هو. اسپاسيا ايٿنز ۾ ڪيئن ۽ ڪٿي رهي، اهو ڄاڻڻ ضروري آهي. ڇو ته اُن وقت ايٿنز ۾

عورتن جي لاءَ قانون ڏاڍا سخت هئا. هي زمانو "پيري ڪليس" جهڙن عظيم فلاسافرن جو هو. اُن وقت ايٿنز ۾ عورتن جا به طبقا هئا. آزاد عورتون ۽ غلام عورتون. جن کي ايٿنز جي قانون مطابق ڏاڍين پابندين سان منهن ڏيڻو پوندو هو.

ان وقت ايٿنز هڪ شهري رياست هئي ۽ اُن جي آبادي ٽيهه هزار هئي. اُتان جي شهريت رڳو بطور وراثت هئي. يعني جيڪو ٻار ايٿنز جي شهري والدين مان پيدا ٿيندو. اُن کي شهريت جو حقدار سمجهيو ويندو هو. غلام، غير ملڪي، واپاري ۽ پناهه گيرن کي شهري حق حاصل نه هئا. ايٿنز جا ئي شهري تقريبن هڪ ٻئي جا رشتيدار هئا. اُهي پاڻ ۾ ئي شاديون ڪندا هئا. اُهي هڪ ئي ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. عورتن کي دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت به نه هئي. نوجوان ڇوڪرين کي گهريلو هُنر سيکاريا ويندا هئا ۽ اُهي گهر کان ٻاهر وڃي به سگهنديون هيون.

ايٿنز ۾ عورتن جو هڪ ٻيو به قسم هيو. جن کي پرديسي عورتون چيو ويندو هو. دعوتن ۽ ٻين تقريبن ۾ مرد اهڙين عورتن جي خواهش ڪندا هئا. جيڪي انهن سان گڏ دعوتن ۾ شريڪ هجن ۽ اهي ساڻي جيان ٻين سان انهن کي ملائي سگهن. اُهي پرديسي عورتون ايٿنز جي شهريت ته نه رکنديون هيون. پر انهن کي هتياري عورتون چيو ويندو هو. ڪوئي به شهري انهن کي پنهنجو ساڻي بڻائي دعوت ۽ تقريب ۾ ونڊي وڃي سگهندو هو. ان طرح کان ان هتياري عورت کي شهريت حاصل نه هئڻ باوجود ڪنهن شهري جي "ساڻي" هئڻ جي بنياد تي ايٿنز ۾ رهڻ جي اجازت هئي.

ايٿنز جا شهري غير ملڪي عورتن سان شادي نه ڪندا هئا. چو ته هو سمجهندا هئا اِن طرح سان پوءِ سندن خالص نسل نه رهندو. اسپاسيا جڏهن ايٿنز پهتي ته ان وقت پيري ڪليس جي علم ۽ فلسفي کي ڏاڍي شهرت هئي. هُوءَ سڌو ان وٽ وئي. پيري ڪليس پهريان ئي پنهنجي زال کي طلاق ڏئي چُڪو هو. هُو اسپاسيا جي حُسن ۽ ذهانت کان ڏاڍو متاثر ٿيو. هُن اسپاسيا کي هتياري (اوهان هن کي بنا نڪاح جي گهر واري چئي سگهو ٿا ـ سنڌيڪار) بڻائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. هاڻي پيري ڪليس جو گهر اسپاسيا جو گهر هيو.

افلاطون جو "قانون" پڑهنداسون ته اسان ايٿنز جي پرديسي عورتن جي باري ۾ ڏاڍو چڱي طرح ڄاڻي سگهنداسون. هي پرديسي عورتون ڪجهه ته پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ هتياري ٿيندڙيون هيون. جڏهن ته ڪجهه عورتون رڳو خيال، علم ۽ فلسفو حاصل ڪرڻ جي لاءِ علامتي طور تي هتياري ٿيندڙيون هيون. اسپاسيا انتهائي خوبصورتي سان گڏ وڏ انتهائي ذهين ۽ علم، فلسفي ۾ شيدائي هئي. هُوءَ پنهنجي خانداني حيثيت ۽ وقار ۾ ملينس جي اعليٰ خاندان جي عورت هئي. اُن سان گڏ ئي پيري ڪليس هُن- جي عزت افزائي ڪئي هئي.

جالينوس اسپاسيا ملينس جي باري ۾ چوي ٿو ته اسپاسيا ۽ افلاطون جو نظريو ۽ سچائي متعلق اُن جو عقيدو هڪ جهڙو هيو. هُو هڪ حقيقي سچائي جي ڳولا تي زور ڏيندا هئا. سيسرو جي ڪتاب جو هڪ باب اسپاسيا ۾ سچائي جي فلسفي تي مبني آهي. اسپاسيا ايٿنز ۾ عورتن جي لاءِ هڪ انجمن جو بنياد رکيو جيڪا پوءِ هڪ "معروف سالون" يعني ديوان خاني يا نشست گاهه جو روپ ڌاري ورتو. جتي سقراط افلاطون، اينڪسيا غورث، فدياس، پيري ڪليس ۽ ٻيا ڪيترائي فلاسفر اچي ويهندا هئا. اُن ڪري ئي افلاطون جي تحريرن ۾ اسپاسيا آف ملينس جي ڏسڻ جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون. افلاطون، زينفون، سيسرو ايٿينانس ۽ پلوٽارڪ اسپاسيا جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا.

پيري ڪليس کي پهرين زال مان به هار هئا. جيڪي ٻئي وفات ڪري ويا. پيري ڪليس حڪومت کان اهو حق حاصل ڪري ورتو هو ته هُو پنهنجي مري ويل پُٽن جي شهريت اسپاسيا کي منتقل ڪري سگهي. ان طرح پيري ڪليس اسپاسيا کي ايٿنز جي شهريت ڏني هئي. اسپاسيا جي باري ۾ اهو به چيو ويندو آهي ته هُن پيري ڪليس جي فلسفياڻي نظرين تي نهايت گهيرا اثر ڇڏيا هئا.

ڪجهه تاريخدان اسپاسيا تي اهو الزام هڻن ٿا ته سينا ۾ انقلاب برپا ڪرڻ ۾ پوليپونيشن جنگ جي ذميوار به اسپاسيا ئي هئي. هڪ دفعي ايٿنز جي معروف شاعر هري پس اسپاسيا سان مذاق ڪيو هو. ته هُوءَ ايٿنز جي خالص شهريت نه ٿي رکي. پر پيري ڪليس هُن جو پهرين بچاءَ ڪيو

هو. اسپاسيا جي ڪائي تحرير ته موجود نہ آهي پر، ان جي فلسفياڻي خيالن جو تمام گهڻو ذڪر هُن جي هم عصر فلاسافرن جي تحريرن ۾ موجود آهي. سقراط افلاطون، زينوفن ۽ پري ڪليس کي ته اسپاسيا جو شاگرد چيو ويندو آهي.

❊❊❊

سُقراط جُون ٿي استاد عورتون.

عظيم فلسفي سقراط جُون ٿي استاد عورتون هيون. اِها ڏاڍي حيرت جي گالهه آهي پر اِها گالهه بلڪل درست آهي. سُقراط جو شاگرد، عقيدت مند ۽ عظيم فلسفي افلاطون سقراط جي انهن استاد عورتن جو ذڪر پنهنجي "مڪالمن" ۾ ڪيو آهي. افلاطون جو چوڻ آهي ته سُقراط پاڻ اِنهن استاد عورتن جي باري ۾ ٻُڌايو هو. سُقراط جُون اِهي استاد عوتون ڪير هُيون. اسان انهن جي باري ۾ چا ڄاڻيون ٿا ـ؟ جڏهن ته افلاطون انهن جو ذڪر پنهنجي مڪالمن ۾ به ڪيو آهي. اچو انهن عورتن جي باري ۾ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

❊❊❊



7 - فيٽيا آف ديلفي

هِن عورت يونان جي مذهبي رسمن جي حوالي سان ڏاڍو وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. سُقراط اُن جي گفتگو ٻڌڻ ويندو هو. جنهن جي باري ۾ هو چوندي هئي ته اهو سمورو الهام آهي ۽ ماٺهو ۽ ان کي غيبي آواز سڏيندا هئا. جيتوڻيڪ فيٽيا سقراط کي ڪائي خاص جاڻ ڪونہ ڏني هئي. پر تڏهن ۽ سقراط هن جي ڳجهين ڳالهين کي سڏو ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو. اُن جي لفظن جي اندر لڪيل معنائن کي ڳولیندو رهندو هو.

ڊيلفي جِي ڦيٽيا جي انهن الهامي ڳالهين سُقراط کي ۽ سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو ۽ هُو اهڙي طرح سوچيندي سوچيندي فلسفي ٿي ويو. سقراط اسان کي "معذرت" سان گڏ ٻڌائي ٿو تہ هُن جو هڪ دوست جنهن جو نالو "ڪيريفون" هو. اُهو ڊيلفي جي غيبي آواز فيٽيا وٽ ويو ۽ ان کان پڇيو تہ ڇا سُقراط کان ۽ وڌيڪ ڪو عقلمند آهي؟ تہ موٽ ۾ فيٽيا چيو تہ ڪوئي ناهي. يعني سقراط کان داناءِ ٻيو ڪوئي ۽ ناهي.

سُقراط جڏهن اِهو ٻڌو تہ پريشان ٿي ويو. تڏهن سقراط چيو: "مان اهو ڄاڻان ٿو تہ مان ڪجهہ نہ ٿو ڄاڻان" ان ڳالهہ مان سقراط سمجهي ويو هو تہ هاڻي اِهو منهنجو فرض آهي تہ مان فيٽيا جي ان ڳالهہ تي غور ڪريان تہ ڇا اِها ڳالهہ سچ آهي يا وري غلط آهي. -؟ سقراط جو چوڻ هو تہ مان ڪوئي داناءِ شخص نہ آهيان. جڏهن تہ سچائي ۽ عقل جي حوالي کان ايئن چيو ويندو آهي.

ڊيلفي جي مندر تي لکيل تحرير "پاڻ سچاڻو" به سقراط کي متاثر کيو هوندو. "علم نيڪي آهي" اِها ان جي فلسفي جِي انتها آهي. اهي خاص فلسفياڻا خيال هُن ڊيلفي جي مندر جي ڪاهنه فيثيا کان ئي ورتا هئا. سُقراط اسان کي ٻُڌائي ٿو ته هُن کان پوءِ هُن سچائي جي تلاش شروع ڪري ڇڏي هئي

❊❊❊



2- ايسارا آف لوڪينيا: 425 ق ـ م / يونان

ايسارا آف لوڪينيا هڪ فيثا غورثي عورت هئي. جڏهن فيثا غورث جي سائمي سرڪل سوسائٽي کي ڪروٽونا جي حڪمرانن ختم ڪري ڇڏيو ۽ فيثا غورثين کي زبردستي ٻين ملڪن ۾ جلاوطن ڪري ڇڏيو تہ بچيل فيثا غورثي هڪ عرصي تائين ٻين ملڪن ۾ ڇڙوڇڙ رهيا. تڏهن ڪجهہ فيثا غورثين ٻين ملڪن ۾ فيثا غورثين سان رابطو ڪيو ۽ اتلي جي ڏاکڻي علائقي ۾ فيثا غورث جي سائمي سرڪل سوسائٽي کي ٻيهر منظم ڪيو. انهن جي اها سوسائٽي 542 ق ـ م کان 100ع تائين منظم رهي. هتي انهن فيثا غورثي تعليم ۽ روايتن کي مڪمل طور پنهنجو ڪيو اهي ان ڳالهہ تي پورو يقين رکندا هئا تہ اهڙوئي ڳانڍاپو ڪائنات جي سڀني شين ۾ موجود آهي. اهائي هم آهنگي انهن کي ڳنڍي رکيو آهي.

ايسارا آف لوڪينيا جي باري تمام ٿوري جاڻ ملي آهي. اُن جو ذڪر اسٽوبيئس پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. اسٽوبيئس لکيو آهي تہ ايسارا آف لوڪينيا اتلي جي قديم صوبي ميڪنا گريشيا سان تعلق رکندي هئي. هُن ڪيتري وقت کان پوءِ فيثا غورث نظريي کي ٻيهر زنده ڪري ڇڏيو هو. ميگنا گريشيا ۾ گهڻا ئي فيثا غورثي رهندا هئا. اِن لاءِ انهن ٻين ملڪن سان رابطو ڪري فيثا غورثين کي اُتي منظم ڪيو هو ۽ سائمي سرڪل سوسائٽي جي سربراهہ ايسارا آف لوڪينيا کي ڪيو هو. هاڻي سائمي سرڪل سوسائٽي پنهنجي علم، تحقيق ۽ روايت جي سبب سان وري مشهور ٿي چُڪي هئي. اسٽوبيس لکي ٿو تہ ايسار پنهنجي پُوري زندگي فيثا غورثي فلسفي جي ترويج ۽ ترقي جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. جنهن لاءِ هُن سڃي

عمر شادي نہ ڪئي.

"انساني فطرت"

ايسارا آف لوڪينيا جو ڪيل اِهو جڳ مشهور ڪتاب آهي. هي ڪتاب هُن "ڊورڪ" زبان ۾ لکيو هو. جيڪا ان وقت اٽلي جي مشهور ٻولي هئي. ۽ گهٽي پاڳي لکڻ وارا ان ٻولي ۾ لکندا هئا. ڊورڪ ٻولي 300 ق ـ م تائين يونان، روم ۽ سڪندريه ۾ ڳالهائي ويندي هئي. هن ڪتاب جا تمام ٿورا صفحا زماني جي هٿ کس کان محفوظ رهيا. ايسارا هن ڪتاب ۾ ٻڌايو آهي ته انسان جي فطرت تي اهي سمورا قانون لاڳو ٿين ٿا، جيڪي هن ڪائنات تي لاڳو آهن. ايسارا انساني فطرت جو تجزيو ڪري ٻڌايو ته انساني رُوح ۽ فطرت ڪائناتي رُوح سان ئي ڳنڍيل آهن. جيڪڏهن اسان فطرت جي قانون کي سمجهي وٺون ته اسان "انصاف" جي فطرت کي به سمجهي سگهون ٿا. هوءَ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿي ته هڪ هم آهنگي جو قانون ۽ اصول انساني نفسيات ۾ ڪارفرما آهي. ان اصول کي سمجهي ئي اسان انساني شخصيت ۽ سماجي معيار کي به سمجهي سگهون ٿا.

اسٽوبيس لکي ٿو ته ايسارا آف لوڪينيا جو هي ٻڌو سخن اڄ به پُوري سچائي سان اها گواهي ڏئي رهيو آهي.

"انساني فطرت مون کي قانون ۽ انصاف جو اِهو معيار فراهم ڪيو آهي ته هن قانون ۽ انصاف کي پنهنجي گهر ۽ شهر تي ساڳي نموني لاڳو ڪري سگهجي ٿو."

ايسارا جي لکڻيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته هُوءَ پنهنجي سائمي سرڪل سوسائٽي جي سربراهه به هئي. ان جي لئ فيثا غورثين ۾ هُن جو رُتبو ڏاڍو مٿانهون هو. هُن فيثا غورثين جي لاءِ هڪ نصابي ڪتاب به لکيو. هُوءَ هڪ معنيٰ ۾ فيثا غورث جي جانشين هئي. ايسارا انساني فطرت جو تجزيو ڪري ٻڌايو هو ته انساني رُوح، ڪائناتي رُوح سان ئي منسلڪ آهي. هاٿي جديد سائنس اُن کي ڪائناتي ڳانڍاپي جو نالو ڏنو آهي. اٽلي جي ڏاکڻي صوبي ميڪنا گارشيامراج به اَرڪيائس جا آثار ڏسي سگهجن ٿا. ان جي باري ۾ چيو ويندو آهي ته، ٽين ۽ چوٿين صدي قبل مسيح ۾ هي اُهو ئي فيثا غورثي مڪتب هيو. جنهن جي سربراهه ايسار لوڪينيا هئي. ايسارا جي پڇاڙي واري زندگي جي باري ۾ تاريخ يا هم عصر فلسفين جُون تحريرون چُپ آهن.

❊❊❊



3- ليونشن: 300 ق- م / ايٿنز

ليونشن هڪ عجيب غريب فلسفي عورت هئي. هُوءَ ايپي ڪيورس جي شاگرد هئي. هُن ايپي ڪيورس کان ئي فلسفي جي تعليم حاصل ڪئي هئي. اُن وقت جي يونان ۾ عورتن ۽ غلامن جي لاءِ قانون ڏاڍا سخت هئا. عورتون، مردن جيان تعليم حاصل نه ڪري سگهنديون هيون. جن عورتن ان زماني ۾ يونان ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي. انهن کي ڏاڍين ذڪيائن کان پوءِ ئي فلسفي ۽ سائنس جي تعليم حاصل ڪئي هئي.

ڊائيوجينس لکيو آهي ته ليونشن جي باري ۾ اهو ته معلوم ناهي ته هُوءَ ڪهڙي علائقي مان آئي هئي پر، ان نوجواني کان ونئي ڪري پنهنجي موت تائين پوري زندگي ايٿنز ۾ ئي گذاري هئي. هتي ايپي ڪيورس جي مڪتب جو احوال بيان ڪرڻ ضروري آهي. تڏهن ئي اسان مڪمل طور ايپي ڪورس ۽ ان جي شاگردن جي باري ۾ ڄاڻي سگهنداسين.

ايپي ڪيورس ايٿنز ۾ فلسفي جي جيڪو مڪتب قائم ڪيو هيو. اهو مڪتب ان زماني جو انوکو مڪتب هيو. دراصل ايپي ڪيورس جو هي مڪتب ايٿنز جي تعليمي نظام ۾ هڪ انقلابي قدم هيو. اُن جو هي مڪتب هم عصر تعليمي ادارن کان گهڻو ئي مختلف هيو. ايپي ڪيورس ايٿينز ۾ هڪ اهڙو گهر خريديو ڪيو. جنهن سان گڏ هڪ ڏاڍو وڏو باغ به هيو. ان جو اهو ئي باغ اُن جو مڪتب هيو. ان جي لاءِ اُن جي مڪتب کي باغ چيو ويندو هو. اُن مڪتب کي هُن- 306 ق م ۾ قائم ڪيو هو. هُن اُن

دروازي تي هڪ تختي لڳرائي. جنهن تي لکيل هيو.

"اڄا پرديسيو هتي توهان سان گڏ بهترين ورتاءُ ڪيو ويندو. هتي اسان جي اعليٰ ترين خوبصورتي "مُسرت" آهي. هن باغ جو نگران رحمدل ميزبان آهي جيڪو توهان جي خدمت جي لئه هميشه تيار رهندو آهي. توهان کي کاڏي پيتي جي لاءِ پليڪار چوندو ۽ توهان جي خدمت ڪندو. هُو پنهنجي لفظن جو پابند رهندو. ڇا توهان بهترين تفريح نه ٿا چاهيو؟ هن باغ ۾ توهان جو آڏر ياءُ ڪيو ويندو."

ايپي ڪيورس پنهنجي فلسفي کي "مسرت" جو نالو ڏنو هو. ان لاءِ هُن ايٿنز جي عام رواج جي خلاف پنهنجي مڪتب ۾ پرديسين يعني غير ملڪين، غُلامن ۽ عورتن کي به داخلا جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي. ايپي ڪيورس جي هِن مڪتب ۾ "ليونشن" کان علاوه وڌيڪ ڇهن عورتن جا نالا آهن. جيڪي هن مڪتب ۾ تعليم حاصل ڪنديون هيون. اهي نالا هي آهن.

1: هيديا
2: ماميرين
3: بوڊين
4: ڊيمٽريا
5: ايروشن
6: ٿيمستيا (ميٽرو ڊورس گهرواري)

ايپي ڪيورس جو عورتن کي تعليم ڏيڻ هڪ انقلابي قدم هو. ايپي ڪيورس ڊيماڪريٽس جي ڪم کي اڳتي وڌايو هو. هن جي مسرت واري فلسفي ۾ به موضوع ڏاڍا اهم آهن. اُن جو چوڻ آهي ته موت جي خوف کي ختم ڪري ڇڏڻ سان ئي ته زندگي کي حقيقي مُسرتن کان ملائي سگهجي ٿو. سڄي ڪائنات ذرڙن مان ٺهي آهي ۽ ڪائنات جو هر ذرو پئي سان منسلڪ آهي. ان طرح پوري ڪائنات ۾ هڪ منظم ڳانڍاپو آهي. ان لاءِ هو عورتن، غلامن، غير ملڪين سڀن کي برابر جو حق ڏئي ٿو.

هن مڪتب جي باغيچي ۾ هڪ وڏو رهڻ لاءِ هال به تعمير ڪيو ويو هو. جتي هُن جا دوست، فلسفي، استاد ۽ شاگرد به رهندا هئا. دراصل ايپي ڪيورس جو هي مڪتب ڪُل وقتي هو. اُن جي باغ ۾ ايٿنز جو هڪ

محترم فلسفي ميترو ڊورس بہ رهندو هو. هُو- ايپي ڪيورس جو شاگرد بہ هو ۽ ان مڪتب ۾ استاد بہ هو. ليونشن هُن جي ساڻي هئي. ساڻي جو مطلب آهي تہ هُو ايٽنز جي شهريت رکندي نہ هئي. ان لاءِ اهڙين عورتن کي يوناني هتياري چوندا هئا. هي عورتون عموما ايٽنز کان ٻاهر ايندڙيون هيون ۽ انهن کي اٿينز ۾ رهڻ جي لاءِ ڪنهن مرد سان گڏ رهڻو پوندو هو. اهڙين عورتن کي ايٽنز ۾ شهريت نہ ڏني ويندي هئي. بلڪ جڏهن ڪو معزز ايٽنز شهري اهڙين عورتن جي ضمانت ڏيندو هو. تڏهن ان کي ايٽنز ۾ رهڻ جي اجازت ملندي هئي. اهڙين عورتن کي خاص ڪري طوائف جو درجو ڏنو ويندو هو. صاحبِ حيثيت ماڻهو انهن کي پنهنجي استيٽس سمبل طور دعوتن وغيره ۾ وڃي ويندا هئا.

ليونشن، ميترو ڊورس ۽ ان جي زال سان گڏ ئي ايپي ڪيورس جي مڪتب ۾ فلسفي ۽ سائنس جي تعليم حاصل ڪندي رهندي هئي. جين، ايم سنيڊر لکي ٿي تہ ايپي ڪيورس جي مڪتب ۾ فلسفي جو استاد ٿيوفراسٽس حقيقي فلسفي تي هڪ مقالو لکيو ۽ ان کي مڪتب جي ميمبرن آڏو پيش ڪيو ليونش، ٿيوفرانسٽس جي هن مقالي تي مدلل ۽ پرپور تنقيد لکي. ٿيوفراسٽس وٽ ان تنقيد جو ڪو خواب ڪونہ هو. نقد و نظر جي حوالي سان مقالو وڏي ڪم جو مقالو هيو. ان لاءِ پاڻ ايپي ڪيورس، ان جي ڏاڍي تعريف ڪئي هئي. جڏهن تہ ان، وقت جو عظيم فلسفي سسيرو بہ ليونشن جي ان ڪم جي ڏاڍي گهٽي تعريف ڪئي.

ايپي ڪيورس پنهنجي هڪ خط ۾ جيڪو هُن آئيڊومينس کي لکيو هو. اُن ۾ هُن لکيو آهي تہ ليونشن جي جي تنقيد هڪ خوبصورت آهي. ان کان خوبصورت دليلن سان پرپُور تنقيد ٿي ئي نہ ٿي سگهي. ليونشن جي هن مقالي کان باز گشت هڪ عرصي تائين يونان جي دانشورن وٽ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. جديد دور جي محقق ۽ علم دوست سائنسدان ليونشن کي هڪ "حيران" ڪُن فلسفي عورت جو نالو ڏين ٿا.

❊❊❊



ڊائيوٽيما آف مينٽينيا: 450 ق ـ م/ مينٽينيا

ڊائيو ٽيما آف مينٽينيا افلاطون جي مشهور مڪالمي "سمپوزيم" ۾ هڪ اهم ترين ڪردار آهي. دراصل "سمپوزيم" هڪ مڪالمو آهي. جيڪو هڪ دعوت ۾ مختلف فلسفين جي وچ ۾ ٿيو. اهڙيون دعوتون يونان ۾ ان زماني ۾ عام ٿينديون هيون. جيڪي سڄي رات جاري رهنديون هيون ۽ ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي مهمانن جي وچ ۾ بحث مباحثو ٿيندو رهندو هو. اهڙي بحث ۾ عورتون حصو نه وٺي سگهنديون هيون. افلاطون جو مڪالمو "سمپوزيم" هڪ فرضي مڪالمو آهي. افلاطون هڪ دعوت ۾ سڏايل آهي ۽ ٻيا گهڻا ئي فلسفي به موجود آهن. فيصلو ڪيو وڃي ٿو ته "محبت" جي موضوع تي بحث ڪيو ويندو ۽ ڪائي عورت اُن ۾ حصو نه وٺي سگهندي.

هن دعوت ۾ عظيم فلاسافر "سقراط" به موجود آهي. سقراط اتي به ڪڇهري جي مورن ۾ هڪڙي ڳالهه رکي ٿو: ڇو نه هن بحث ۾ هڪ عورت کي شامل ڪيو وڃي؟ ڇو ته سقراط به ابتدائي تعليم عورتن کان ئي حاصل ڪئي هئي. سقراط گهڻن ئي عورتن کي سڃاڻيندو هيو. جيڪي فلسفي هيون. انهن ۾ ٿيمسٽو ڪليا، اسپاسيا ۽ پريڪٽيون هيون. ان کان سواءِ به ان دور ۾ گهڻيون ئي فلسفي عورتون هيون.

هن محفل ۾ حصو وٺندو محبت جي باري ۾ وڏا وڏا نظرياتي بحث مباحثا ڪندا آهن. آخر ۾ سقراط تقرير ڪرڻ ايندو آهي ۽ هُو ويٺلن کي ٻڌائيندو آهي ته هن جو واسطو هڪ ڪاهنه ڊائيو ٽيما آف مينٽينيا سان

پيو هو ۽ هُن، هِن کي محبت جي معنيٰ سيکاري هئي. سقراط مائي ڊائيو تيما جي تعليم کي ڏهرائي ٿوءِ چئي ٿو. محبت ۽ خوبصورتي جي ڏاهڪ ذريعي ئي انسان محبت جي مڪملتہ پائيندو آهي.

سقراط جي ان انڪشاف نوجوان شاگردن ۾ هڪ هلچل پيدا ڪري ڇڏي هئي. اهڙي طرح هڪ خوبصورت شيءِ جي چڪ مان خوب کان خوب تر خيال جنم وٺندا آهن ۽ پوءِ خوبصورتي پاڻ پنهنجي انتها کي پهچي خوبصورت رُوح جو درجو حاصل ڪري وٺندي آهي.

ڊائيو تيما آف مينٽينيا جو هي نظريو ڪيتري عرصي تائين مغرب ۾ مقبول رهيو. ان نظريي کي مذهبي عالمن ۽ روحاني پيشوائن پنهنجي تحريرن ۾ وڏي چڙهي پيش ڪيو. ڊائيو تيما جي معنيٰ آهي زيوس ديوتا پاران عورت پاتل جڏهن ته مينٽينيا هن جي شهر جو نالو آهي. مينٽينيا هڪ يونان جو قديم شهر هو. جيڪو يونان جي سو سال جنگ "پيلو پوليشين" جي حوالي سان مشهور آهي.

جڏهن ته اٽوهين ۽ ويهين صدي جا محقق چون ٿا ته ڊائيو تيما اسپاسيائي آهي. جنهن وٽ سقراط ۽ افلاطون علمي بحث ڪرڻ ويندا رهندا هئا. افلاطون اسپاسيا جي ذهانت ۽ حاضر جوابي کان ڏاڍو متاثر هيو. ان لاءِ افلاطون پنهنجي مڪالمي "سمپوزيم" ۾ اسپاسيا کي ئي ڊائيو تيما مينٽينيا چيو آهي.

افلاطون جو فلسفو آهي ته خيال انسان جي ذهن ۾ عالم مثال مان ايندا آهن (عالم مثال اهڙي دنيا کي چوندا آهن. جيڪا اسان جي دنيا کان ڪٿي ڪٿي آهي. جتي هن دنيا جي هر شيءِ جو اصل موجود آهي. هڪ خيالي دنيا يا خواب سنڊيڪار) مثال کان اڇو وارا خيال ئي اصل خيال هوندا آهن. جڏهن ته انهن خيالن کي ٻوس حالت ۾ آڻبو آهي ۽ ڪائي شيءِ تخليق ڪبي آهي ته اها شيءِ ان مثالي خيال کان گهٽ درجي جي هوندي آهي. جڏهن مصور ان پي درجي واري شيءِ جي تصوير ٺاهيندو آهي ته اها تصوير ٽين درجي جي هوندي آهي.

افلاطون جو چوڻ آهي ته جيڪي ماڻهو پهرين درجي جي شين کي پسند ڪندا آهن. اهي ماڻهو پنهنجي ذهن جي اعليٰ ترين صلاحيتن کان ڪم وٺندا آهن. جڏهن ته بين ۽ ٽين درجي جي شين کي پسند ڪرڻ

وارا ماڻهون پنهنجي ذهن جي تمام هيٺاهين درجي جي صلاحيتن کان ڪم وٺندا آهن.

ڊائيو ٽيما جو محبت جو نظريو به ڪجهه ائين ئي آهي ته محبت جا اعليٰ ترين خيال مثالي خيال هوندا آهن. انهن خيالن کان وڌيڪ نازڪ ۽ سهڻا خيال ٿيندا آهن. انهن خيالن جي نفاست سان انسان نيڪي جي اعليٰ ترين درجي تي پهچي وڃي ٿو. نيڪي جو اعليٰ ترين درجو اعليٰ ترين علمي خيالن سان پڃاڻي پائيندو آهي. ڊائيو ٽيما آف مينٽينيا جو هي فلسفو سقراط ۽ افلاطون به پرايو ۽ اڄ به ان کي بحث جو موضوع بڻايو ويندو آهي.

❊❊❊



پيرڪيٽون (پٿريئر): 425 ق ـ م / ايٿنز (يونان)

پيرڪيٽون ايٿنز جي خالص شهريت رکندي هئي ۽ هي ئي پيرڪيٽون افلاطون جي ماءُ هئي. هُوءِ ايٿنز جي هڪ طاقتور خاندان سان تعلق رکندي هئي. چيو وڃي ٿو تہ ايٿنز جي مشهور قانونداڻ ۽ شاعر "سالون" جي خاندان مان هئي. هيءُ خاندان هڪ عرصي تائين ايٿنز جي جماعت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو هو. اسان پيرڪيٽون جي ماءُ پيءُ جي باري ۾ تہ ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻيون پر. اسان اِهو ڄاڻيون ٿا تہ "ڪريٽاس" هُن جو مامو هيو.

پير ڪيٽون جي پاءُ جو نالو "چارميڊاس" هو. ڪريٽاس ۽ چارميڊاس ٻئي ايٿنز شهر جي تمام اهم ماڻهن ۾ شامل هئا. هي ٻئي انهن ٽن آمرن مان هئا. جي ايٿنز تي حڪومت ڪندا هئا. چارميڊاس ۽ ڪريٽاس ٻئي سقراط جا ڏاڏا سُٽا دوست هئا. هُو اڪثر سقراط جي فلسفياڻي گفتگو ٻڌڻ هُن وٽ ويندا هئا. هُو ڪڏهن ڪڏهن سقراط کي شاندار دعوتن ۾ بہ سڏائيندا رهندا هئا.

پير ڪيٽون 432 ق ـ م ۾ "ارسٽون" سان شادي ڪئي هئي. ان وقت پير ڪيٽون جِي عُمر ارڙهن يا اُڻويهہ سال هئي. جڏهن تہ ارسٽون جي عمر تقريبن ٽيهہ سال هئي. ارسٽون. ارسٽوڪلس جي خاندان مان هيو. هي اهوئي ارسٽوڪلس هيو. جنهن 634 ق ـ م ايٿنز جو حڪمران هيو. ان طرح ارسٽون جو خاندان بہ ايٿنز جو هڪ با اثر ۽ اهم خاندان هيو.

ارسٽون کان پير ڪيٽون کي چار پار هئا. ٽي پُٽ "ايديمينٽس،

گلوڪن ۽ ارسطو" ۽ هڪ ڏيئ بہ هئي. جنهن جو نالو "پوٽن" هو. ڊائيو جينس جو چوڻ آهي تہ ارسطون پنهنجي خاندان سان گڏ "اجينا" جي اُپيٽ تي منتقل ٿي ويو هو. اجينا اُپيٽ ايٿنز جي نئين آبادي هيو. افلاطون اُتي پيدا ٿيو هو. افلاطون جي پيدائش جي ڪجهہ سالن کان پوءِ ارسطون وفات ڪري ويو هو. هاڻي پير ڪيٽون هڪ بيواهہ هئي.

ايٿنز جي شهري قانون مطابق ڪابہ عورت اڪيلي رهي نہ ٿي سگهي. اهڙين بيواهہ عورتن کي يا تہ پنهنجي وڏي پُٽ سان گڏ رهڻو پوندو هيو يا اُن کي ڪنهن شخص سان پي شادي ڪرڻي پوندي هئي. جيڪڏهن اهڙي عورت جو وڏو پُٽ بہ نہ هجي ۽ هُوءَ شادي بہ نہ ڪرڻ گهري تہ ان کي پنهنجي والدين جي گهر وڃي رهڻو پوندو هو. پير ڪيٽون جو وڏو پُٽ ايڊيمينٽس ننڍپڻ ۾ئي وفات ڪري ويو هو. ان لاءِ پير ڪيٽون بہ شادي "پيري لمپس" سان ڪئي. پيري لومپس بہ ايٿنز جو هڪ با اثر شهري هيو. هو ايٿنز جي سفير طور ايران جي بادشاهہ جي دربار ۾ ويو هو.

جڏهن پيري لومپس پيري ڪيٽون سان شادي ڪئي، ان وقت پيري لومپس جي عمر پنجاهہ جي پيٽي ۾ هئي. ان کي پهرين شادي مان هڪ پُٽ بہ هيو. جنهن جو نالو "ڊيماس" هو. ان طرح ڊيماس افلاطون جو ويڳو ياءُ هيو. جڏهن تہ پير ڪيٽون ۽ پيري لومپس کي بہ هڪ پُٽ ڄائو. جنهن جو نالو "اينٽي فون" هيو. اُهو بہ افلاطون جو ويڳو ياءُ هيو. اينٽي فون فلسفي سان ڪا بہ دلچسپي نہ رکندو هيو. بلڪ پنهنجو گهڻو وقت گهوڙن سان گڏ گذارينڊو هيو ۽ گهوڙن جي ڊوڙ جو وڏو شوقين هيو.

پيري ڪيٽون جي ڏيئ پوٽن "سپوسيپس" جي ماءُ هئي. سپوسيپس افلاطون جي مڪتب جو هڪ نامياروا استاد هيو جو افلاطون جي لاڏاڻي کان پوءِ افلاطون جي مڪتب جو سربراهہ ٿيو هو. پيري ڪيٽون ۽ پوٽن ٻئي افلاطون جي مڪتب جي نظرداري ڪندیون هيون. جنهن ڪري هُو فلسفي کي گهڻو سمجهندیون هيون.

پيري لومپس بہ پير ڪيٽون سان شادي ڪرڻ کان پوءِ جلد ئي گذاري ويو. پير ڪيٽون پنهنجي وڏي پُٽ سان گڏ رهڻ لڳي. پيري ڪيٽون هڪ تعليم يافتہ عورت هئي ۽ هڪ ڪامياب ماءُ پڻ ۽ اُن سان گڏ هُوءَ هڪ ڪامياب ۽ مشهور دائي بہ هئي. سڄي ايٿنز ۾ هُن جو نالو احترام


سان ورتو ويندو هو. پير ڪيٽون ڏاڍي ڏيٽي جي به ماهر هئي. ان لاءِ هُن کي "روحاني طبيب" چيو ويندو هو. هُوءَ هڪ باصلاحيت عورت هئي. ان لاءِ هُن پنهنجي خاندان کي به ڏاڍو گهٽو خيال رکيو ۽ پنهنجي ٻارن جي انهن جي ڪمن ۾ مدد ڪئي ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪئي.

سي جان جو چوڻ آهي ته پير ڪيٽون هڪ هيلر ۽ دائي جي طور تي مشهور هئي پر ئي ان کان سواءِ هُوءَ هڪ عقلمند عورت طور به مشهور هئي. هُن پنهنجي پُٽ افلاطون کي گهٽو ڪجهه سيکاريو هيو. بعد ۾ افلاطون پنهنجي مڪالمن ۾ جتي به عورت جي عقلمندي جو ذڪر ڪيو آهي. دراصل اُهو هُن پنهنجي ماءُ جو ڪيو آهي. افلاطون جي علم ۽ فلسفي تي اُن جي ماءُ پير ڪيٽون جي فهم ۽ دانش جو تمام گهٽو اثر هو.

سي جان وڌيڪ لکي ٿو ته مڪالمن ۾ افلاطون جيڪو سقراط جي علم ۽ فهم جو ذڪر ڪيو آهي. دراصل اُهي يادگيريون آهن. جيڪي ان جي پنهنجي خاندان سان وابستا آهن. پيري ڪيٽون هڪ طبيب ڪان علاوه فلسفي به نظر اچي ٿي. ان جو سڄو خاندان فلسفي ۾ دلچسپي رکندو هيو. ان جو پاءُ ۽ ان جو چاچو جن جو پهريان ذڪر ٿي چُڪو آهي. سقراط جا گهرا دوست هئا. ان طرح پير ڪيٽون به افلاطون جي مڪتب ۾ ان جي مدد ڪندي هئي ۽ فلسفي تي گفتگو ڪندي رهندي هئي.

سيري ايلن وائيٽ جو چوڻ آهي ته "عورت جي محبت" تي لکيل مڪالمو پير ڪيٽون جو ئي آهي. جيڪا افلاطون جي ماءُ هئي. "هولگردي سيلف" جو چوڻ آهي ته " عورت جي محبت" جو مڪالمو فيثا غورثي طرز تي آهي. اِن طرح اهو اندازو افلاطون پنهنجي ماءُ پير ڪيٽون کان سکيو هوندو. ڇو ته ان جي ماءُ جي دور ۾ فيثا غورثي اثر ايٿنز جي معاشري تي تمام گهٽو هو.

ڊيبرا نيلز پنهنجي ڪتاب "افلاطون جا ماڻهو" جو تعلق افلاطون جي ماءُ پير ڪيٽون سان ئي آهي.





ايزيوٿيا آف فليشياءِ: 400 ق ـ م / فابوس

ايزيو ٿيا جو ذڪر ڀائجينس لارٽس ۽ افلاطون جي تحريرن ۾ موجود آهي. هُو فليشياءِ جي رياست جيڪا ايٿنز جي ڏکڻ ڏانهن آبادي هئي. اتان کان ايٿنز وئي ۽ افلاطون جِي شاگرديائي ٿي وئي. ايزيو ٿيا جڏهن افلاطون جو ڪتاب "جمهوريت" پڙهيو تہ هُوءَ افلاطون کان تمام گهڻي متاثر ٿي هئي. انهن ڏينهن ۾ ايٿنز ۾ عورتن ـ مردن جيان تعليم حاصل نہ ڪري سگهنديون هيون. جهڙوڪ افلاطون جي "گفتگو" مان خبر پوي ٿي. جڏهن وڃي ٿو تہ اهي مرداڻا ڪپڑا پائي مرداڻو روپ ڌاري افلاطون جي مڪتب ۾ ويندڙيون رهنديون هيون.

ايٿنز ۾ ٻاهرين عورتن جي حيثيت ڪا ٻُڌي نہ هئي. جيتوڻيڪ آزاد پرديسي عورتون غُلام نہ هونديون هيون پر انهن کي شهري حق حاصل نہ هئا. انهن ڏاڙين عورتن جي باري ۾ "اسپاسيا ملينس جي حوالي سان ٻُڌايو ويو آهي. ايزيوٿيا فليشياءِ اسپاسيا جيان ايٿنز ۾ هتياري ٿي نہ رهي هئي. بلڪ هُوءَ غلام عورتن جي زمري ۾ بہ نہ آئي ۽ هڪ غير مُلڪي مرد جيان پنهنجي شخصيت ناهي رکي. ان طرح هُوءَ هڪ غير ملڪي يا پرديسي مرد جيان ايٿنز ۾ رهندي آئي. جو تہ پرديسي مرد کي ايٿنز جِي شهريت تہ نہ ڏني ويندي هئي. پر هُو پرديسي طور ايٿنز ۾ رهي سگهندو هو. ان طرح مرد هجڻ ڪري ان جو احترام بہ ڪيو ويندو هو. ان جي باري ۾ ايٿنز جي گهٽن ئي ماڻهن کي اهو بہ معلوم ٿي ويو هو تہ هُوءَ مردن جي ويس

ھڪ عورت آھي. ان ويس ۾ ھُوءَ افلاطون جي مڪتب ۾ ويندي رھي.

ڊائجينس لارٽس جو چوڻ آھي تہ افلاطون جي مڪتب ۾ مردن کان سواءِ عورتون بہ ھونديون ھيون. ليس ٿينيا ۽ ايزيوٿيا آف فلو ايشياءِ ڊائڪارسس جو چوڻ آھي تہ ھُو ٻئي مردن جي ويس ۾ ھونديون ھيون. ايزيوٿيا فلسفي سان حقيقي طور محبت ڪندي ھئي. ھُوءَ مڪتب جي سڀني شاگرد مردن جي نسبت فلسفي کي گھٽو سمجھندي ھئي.

ايزيوٿيا جڏھن افلاطون جو ڪتاب "جمھوريت" پڙھيو تہ ھُن افلاطون جي نظامِ تعليم کي تمام گھٽو پسند ڪيو. تہ ھُو "جمھوريت" ۾ مردن ۽ عورتن کي برابري جي بنياد تي تعليم ڏيڻ جي حق ۾ ھيو. ان لاءِ ايزيوٿيا فلو ايشياءِ کان اچي. ھُن جي مڪتب ۾ داخلا ورتي ھئي. ۽ ھُوءَ افلاطون جي ان تعليمي نظريي کي پنھنجائي پاڻ بہ افلاطون کان تعليم حاصل ڪرڻ چاھيندي ھئي. پر، ان وقت جي ايٿنز جو قانون ۽ سماجي ڏانچو ڪجھ ان طرح جو ھيو تہ اھو عورتن کي اھڙي تعليم ڏيڻ جي حق ۾ نہ ھيو. اھڙي نموني اِھو ممڪن نہ ھيو تہ عورتون، مردن سان گڏ ملي ڪري تعليم حاصل ڪن. پر، ايزيوٿيا پنھنجي مضبوط ارادي سان اھو ڪري ڏيکاريو.


ھُوءَ افلاطون جي مڪتب جي انتھائي ذھين شاگرديائي ھئي. ھن سڄي جو سڄو پاڻ کي علم ۽ فلسفي جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ھو. افلاطون جي وفات کان پوءِ ھُوءِ "سپوسي پس" جي شاگرديائي ٿي وئي ھئي. سپوسي پس، افلاطون جي پيٽ "پوٽن" جو پُٽ ھو. جو افلاطون جي لاڏاڻي کان پوءِ مڪتب جو سربراھ ٿي ويو ھيو. جڏھن تہ ڪجھ محققن جو چوڻ آھي تہ مڪتب جو سربراھ افلاطون جو ڏاھو شاگرد "ارسطو" ٿيو ھيو. پر، اھا ڳالھ سچي آھي تہ سپوسي پس بہ مڪتب ۾ فلاسافي جي تعليم ڏيندو ھيو. جڏھن تہ ڪجھ محققن جو چوڻ آھي تہ افلاطون کان پوءِ سپوسي پس، مڪتب جو سربراھ ٿيو ھيو ۽ ارسطو کي اِھو عھدو نہ ملیو ھو. ان لاءِ جو ھن افلاطون جي فلسفي تي سخت تنقيد ڪئي آھي.

افلاطون جي مڪتب جي ٻنھي عورتن شاگرديائين ايزيوٿيا ۽ ٿس ٿينيا ٻئي مڪتب جي فيءِ ادا ڪنديون ھيون. ڇو تہ ٻئي امير خاندان سان تعلق رکنديون ھيون. افلاطون جي مڪتب ۾ افلاطون ڪنھن بہ

شاگرد کان في ڪونہ گھرندو ھو. بلڪ جيڪو چاھيندو ھيو ڏئي ڇڏيندو ھيو. جيڪو في نہ ڏئي سگھندو ھو. ان کان زوري في ڪانہ اُڪاڙي ويندي ھئي. جڏھن تہ مڪتب جون اِھي ٻئي شاگرديائيون باقائدگيءَ سان في ڏيندیون ھيون.علم ۽ فلسفي سان محبت انھن ٻنھي عورتن ۾ مڙانھين درجي تي پھتل ھو. ٻنھي پنھنجا گھر ڇڏي ڪري پرديس آيون. ويس مڙائي مردن جي برابر تعليم حاصل ڪئي ۽ ٻنھي پنھنجي في باقائده ادا ڪئي.

ايڙيوٿيا افلاطون کان فلسفي جي حوالي کان گھڻو ڪجھ سکيو ھيو. ان لاءِ ھُن فلسفي جي حوالي کان گھڻو ڪجھ لکيو ٻہ ھيو. ھُن انصاف تي ھڪ پرپُور مقالو لکيو ھيو. ھڪ مقالو "فنَ" تي ھيو. ھڪ "آزادي" تي ھيو ۽ ھڪ "ڏکيائي" تي ھيو. پر. بدقسمتي سان ھُن جو پنھنجو لکيل سڄو ڪم زماني جي ھيٺ مڙانھين جي نظر ٿي ويو. جڏھن تہ افلاطون جي "جمھوريت" تي بحث ڪندي ايڙيوٿيا ۽ لسٽينيا جي وچ ۾ انصاف ۽ آزادي جي ھڪ ڪالمو موجود آھي. جنھن ۾ انھن ٻنھي عورتن جي ذھانت ۽ فلسفو چوٽ تي پھتل آھي.





ايريٽ سائرين: 400 ق ـ م / اُتر آفريڪا ليبيا

جنهن ملڪ کي اڄ ڪلهه ليبيا چيو ويندو آهي. تاريخ ۾ ان کي "سائرين" چيو ويندو هو. ان ملڪ جو نالو يوناني ديو مالائي ڪردار "هيپسيسس" جي ڏيءُ سائرين جي نالي تي رکيو ويو هيو. چيو ويندو آهي تہ اپالو ديوتا سائرين کي ڪٽي آيو ۽ اُتي ان جي نالي هڪ شهر ٻڌائي هن کي اتان جي راڻي ٻڌايو. جڏهن تہ تاريخي طور 530 ق ـ م ۾ يونانين اُن علاقي کي پنهنجي نو آبادي ناهي ڪري سائرين نالي سان هڪ نئون شهر ٻڌايو. آهستي آهستي اِها شهري رياست علم ۽ فن جو اهم مرڪز ٿي وئي ۽ هر طرف کان شاگرد هتي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا.

اُتي هڪ "طب" جو اسڪول هيو. ماهر جاگرافي دان ارستوس ٿينس به ان شهر ۾ رهندو هيو. ان کي ئي تاريخ جو پهريون جاگرافي دان چيو ويندو آهي. ارسٽو پس به اتي فلسفي جو هڪ ادارو قائم ڪيو هيو. ارسٽو پس ئي ايريٽ جو پيءُ هيو. هُو پنهنجي شهر جو سپ کان وڏو عالم فاضل شخص هو. ارسٽو پس جي ڏيهه ڇڏڻ کان پوءِ اُن جي ڏيءُ ايريٽ اُن اداري کي هلايو.

ايريٽ آف سائرين جا ماڻ پيءُ:

ايريٽ جي پيءُ جو نالو "ارسٽو پس" هو. ارسٽو پس سائرين سان ايٽنز آيو ۽ سقراط جو شاگرد ٿي ويو. جڏهن تہ افلاطون "فيدو" ۾ ان جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي تہ جڏهن سقراط کي موت جي سزا ڏني وئي هئي تہ ان وقت ارسٽو پس اُتي موجود نہ هو. ڇو تہ انهن ڏينهن ارسٽو پس

سقراط جي هڪ ٻئي شاگرد "ڪليميبروٽس" سان ملڻ "اجينيا" پيٽ ويو هو.

لارٽس اسان کي ٻڌائي ٿو ته ايرٽ به پنهنجي پيءُ ارسٽو پس سان گڏ ايٿنز وئي هئي ۽ اٿينز ۾ هُن فلسفي جي تعليم حاصل ڪئي هئي. هُن جي پيءُ سائرين ۾ جيڪو ادارو کوليو هيو. ان جي مرڻ کان پوءِ ايريٽ ان اداري جي سربراهه ٿي وئي ۽ شاگردن کي فلسفي جي تعليم ڏيندي هئي. ايريٽ جو هڪ پُٽ هو. اُهو به فلسفي هو. اُن جو نالو ايريٽ اُن جي نانيَ جي نالي تي ارسٽو پس رکيو هو. ان لاءِ ايريٽ جي پُٽ ارسٽو پس کي "ماءُ کان پڙهيل" به چيو ويندو هو. ايريٽ جي وفات کان پوءِ اُهو ئي اداري جو سربراهه ٿيو هو. ايريٽ پنهنجي پُٽ کي به فلسفي جي تعليم پاڻ ئي ڏني هئي.

اپني ايلزبيٿ پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿي ته ايريٽ سائرين قديم زماني جي هڪ اهڙي استادياڻي هئي. جنهن پنهنجي اداري ۾ ٽيهن سالن تائين سائنس ۽ فلسفو پڙهايو ۽ چاليهه کان گهٽا ڪتاب لکيا. ان جي مقبري جي تختي تي لکيل آهي ته هُوءَ انتهائي ذهين ۽ يوناني عالمن جي وچ ۾ هڪ شاندار عورت هئي. هُن جي خوبصورتي آڏو هيلن جِي خوبصورتي ڪجهه به نه هئي. هُن جي اندر سقراط جو رُوح هيو ۽ هُن جي زبان ۾ هومر جهڙو ميناج هيو.





هپارچيا: 340 ق ـ م / ٽرليس

هپارچيا 346 ق ـ م ۾ "ميرونيا" ۾ پيدا ٿي. جيڪو ٽريس جو هڪ شهر آهي. هُن جو خاندان مرونيا جو وڏو جاگيردار خاندان هو. هُوءَ پنهنجي ذهانت ۽ شرافت جي ڪري گهٽي مشهور هئي. هُوءِ مقامي ماڻهن جي روين کان مطمئن نه هئي. هُوءَ شهر ۾ ماڻهن جي تفريحي سرگرمين ۾ به دلچسپي نه وٺندي هئي. هن رڳو رسمي تعليم پرائي هئي. پر، هُوءَ پنهنجي ان تعليم کان مطمئن نه هئي. هُن جو هڪ ننڍو پاءُ هو. "ميٽرو ڪليس". ميٽرو ڪليس پنهنجي ننڍپڻ ۾ ارسطو جي اداري مان تعليم حاصل ڪئي هئي. ارسطو جي اداري جو نالو "ليسيم" هو. ميٽرو ڪليس جي استاد جو نالو "ٿيو فراسٽس" هو. ميٽرو ڪليس ليسيم جي انتظاميا کان مطمئن نه هيو. تڏهن هُن سائنڪ فلاسافرن کان تعليم وٺڻ شروع ڪئي. انهن فلاسافرن ۾ هُن جي استاد جو نالو ڪريٽس هو.

ميٽرو ڪليس جي پيٽ "هپارچيا" به پنهنجي پاءُ سان گڏ ڪريٽس کان وٺڻ لڳي. سائنڪ فلاسافرن جو هڪ گروهه هو. جنهن جي دعويٰ هئي ته انهن جو ڪم ۽ ڪر ڪرڻ جو طريقو بلڪل سقراط جهڙو آهي. انهن جو ڪوئي ادارو نه هو. هُو ماڻهن سان گڏ مختلف جڳهين تي ويهي ڪري تعليمي بحث ٻيا ڪندا هئا ۽ اِن طرح سقراط جي طريقي جي مطابق ماڻهن کي تعليم ڏيندا هئا. انهن جي تعليم جو وڏو مقصد انسان جي اخلاقيات کي بهتر بڻائڻ هو. انهن جو چوڻ هيو ته نظرين ۽ فلسفن وغيره جا اصطلاح بي معنيٰ آهن. بس رڳو انسان جي اخلاقيات کي بهتر

بڻاڻ اهم اهي. ان طرح انسان معاشري جو هڪ ڪارامد فرد ٿي سگهي ٿو.

ڪريٽس هڪ تجربيڪار فلاسافر هو. هپارچا هُن جي علم کان گهڻو متاثر هئي ۽ ان جي محبت ۾ مُبتلا پڻ. جڏهن ته ڪريٽس هڪ بدصُورت ڪُراڙو هو ۽ هُو پنهنجي زندگي جا آخري ڏينهن گذاري رهيو هو. ڪريٽس هپارچا کي چيو ته هُوءَ ڪنهن نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي پر هپارچا ته هُن تي فدا ٿي چُڪي هئي. هپارچا جا ماڻ پيءُ جن ڪريٽس کي چيو ته هُو هپارچا سان شادي نه ڪري ۽ هُن جي حوصلو ٽوڙي ڇڏي ڪريٽس پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر. هپارچا پنهنجي ڳالهه تي بيٺي رهي. ۽ آخرڪار ڪريٽس سان شادي ڪري ڇڏي ۽ اُن سان عام جاين تي ايندي ويندي رهندي هئي ۽ پنهنجي مڙس تي فخر ڪندي هئي.

هپارچا سائنڪ فلاسافرن مطابق اخلاقي ۽ سياسي لحاظ سان ڪوشش ڪئي ۽ گهٽن ئي ماڻهن جون زندگيون مثبت طور تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ۽ هُن پوري شهر جي ثقافت کي تبديل ڪري ڇڏيو هو. هپارچا هڪ انقلابي قسم جي استاد هئي. هُوءَ ايٿنز جي عورتن سان ملندي رهندي هئي ۽ اُنهن جا حالَ معلوم ڪندي هئي اُنهن سان بحث ڪندي هئي ۽ انهن کي پنهنجا رويا تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪندي هئي.

ڊائيو جينس هڪ واقعو ٻڌائي ٿو. اُنهن ڏينهين ٿيوڊورس هڪ نالي وارو فلاسافر هيو. هڪ ڏينهن اُن هپارچيا سان فلسفي تي بحث ڪيو جنهن ۾ ٿيوڊورس کي هار مڃڻي پئي. هُن هِن جي ذات تي به حملا ڪيا پر. هُوءَ بلڪل پُرسڪون رهي ۽ صرف تعليم تي ئي گفتگو ڪندي رهي.

هپارچيا مقامي ثقافت ۽ فلسفي کي ملائي ڪري هڪ اهڙو نظام ڏنو جنهن سان سڀ ڪجهه تبديل ٿي ويو. هپارچيا هر وقت پنهنجي ڪم کي جاري رکيو. ايستائين جو جڏهن هُوءَ پيٽ سان ٿي. تڏهن به هن عام ماڻهن ۾ ويجي ڪري ڪم ڪيو. هُن جو فلسفو هيو ته هر ڪوئي پنهنجي عقيدن جي مطابق زندگي گذاري ۽ بي جي عقيدي ۾ دخل نه ڏئي. ان طرح پُوري معاشري کي تبديل ڪري سگهجي ٿو.

هپارچيا اُها پهرين عورت هئي. جنهن ايٿنز جي عورتن جي آزادي

لاءِ عملي جدوجهد ڪئي. ايٽنز ۾ عورتن جي باري ۾ قانون ڏاڍا سخت هئا. ايٽنز جي قانون جي باري ۾ اسان اسپاسيا ۽ لسٽينيا جي حوالي سان پڙهي چُڪا آهيون. ته هُو مردن سان گڏ ڪنهن دعوت ۾ نه وڃي سگهنديون هيون ۽ پنهنجي مرضي سان شادي نه ڪري سگهنديون هيون. هپارچيا ايٽنز جي عورتن جي گهر گهر وڃي. انهن کي انساني بنيادي حقن متعلق آگاهه ڪيو. هُن ايٽنز جي عالمن سان عورتن جي حقن جي لاءِ مُناظرا ڪيا ۽ عورتن ۾ پنهنجي آزادي جو شعور جاڳايو.

هپارچيا پاڻ پنهنجي ڳُراڙي مُڙس سان گڏ دعوتن ۾ ويندي ۽ بازارن ۾ گهمندي هئي. هپارچيا پنهنجي جدوجهد اُن وقت تائين جاري رکي. جيستائين ايٽنز جي عورتن کي انهن جا حقَ نه ڏياريا. اڄ به هپارچيا کي عورتن جي حقن جي علمبردار چيو ويندو آهي. ايائي هزار سال پهريان هُن عورتن جي حقن جي لاءِ جيڪو آواز اٺاريو هو. اُن جي گُونج اڄ به ٻُڌڻ ۾ اچي ٿي.

❊❊❊



لس ٿينيا: 300 ق ـ م / مينٽينيا (يُونان)

لس ٿينيا آف مينٽينيا افلاطون جي مڪتب جي هڪ عورت شاگرديائي هئي. مينٽينيا هڪ يوناني شهري رياست "اڪاديا" ۾ هئي. اڪاديا کي اڪوسپارٽنز 418 ق ـ م ۾ شڪست ڏني هئي. تڏهن ان جون شهري رياستون ڪيترن ئي بحرانن جوشڪار هيون. ڊائيوجينس لارٽس جو چوڻ آهي تہ افلاطون جي مڪتب ۾ به شاگرديائيون ٿينيا مينٽينيا ۽ ايزيو ٿيا آف فلوشياءِ هيون. افلاطون انهن ٻنهي عورتن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "جمهوريت" ۾ هڪ مڪالمي ۾ ڪيو آهي. افلاطون جون اهي ٻئي شاگرديائيون مرداڻي لباس ۾ مڪتب ۾ تعليم حاصل ڪندیون هيون.

افلاطون جي مڪتب ۾ اعليٰ درجي جي تعليم ڏني ويندي هئي. اُن جو مطلب هو تہ افلاطون جي ان مڪتب جا شاگرد بنيادي ۽ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي اعليٰ تعليم جي لاءِ افلاطون جي مڪتب ۾ ايندا هئا ۽ هتان کان فلسفي جي تعليم جي شروعات ڪندا هئا.

افلاطون جي وفات کان پوءِ مڪتب جو سربراهہ افلاطون جي پيءُ جو پُٽ "سپوسي پس" ٿي ويو هو. لس ٿينيا ۽ ايزيوٿيا سپوسي پس- جُون شاگرديائيون ٿي ويون هُيون ۽ پنهنجي تعليم مڪمل ڪئي هئي. افلاطون جي مڪالمي "سمپوزيم" ۾ سقراط جي حوالي سان بحث ڪيو ويو آهي. اُن مڪالمي جي آخري حصي ۾ لس ٿينيا به شامل ٿي ويندي آهي. لس ٿينيا ايٿنز جي آزاد شهرين جي طبقي سان تعلق نہ رکندي هئي. هُوءَ ايٿنز

ڀر پرديسي هئي. پر ايٿنز جي آزاد شهرين جيئن ئي رهندي هئي.

ايٿنز جون عورتون ايٿنز جي قانون جي سبب مردن سان گڏ ملي ڪري تعليم حاصل نه ڪري سگهنديون هيون. هُوءَ رڳو پنهنجي ماءُ پيءُ يا مُٽس سان گڏ ئي اچي وڃي سگهنديون هيون. جڏهن ته ٻين شهري رياستن کان ايندڙ ويندڙ عورتون ڪنهن مقامي مرد جي پناهه ۾ ئي رهي سگهنديون هيون.

جڏهن ته لس ٿينيا مينٽينيا ايٿنز ۾ رهڻ جو پنهنجو ئي رستو ڳولي لڌو هو. هُوءَ مردن جي لباس ۾ رهندي هئي ۽ مردن سان گڏ ئي تعليم حاصل ڪندي هئي. اُن لاءِ هُن کي مرد سمجهي ڪري ئي ايٿنز جا ماڻهو اُن تي ڪائي پابندي عائد نه ڪري سگهندا هئا.

لس ٿينيا فلسفي ۽ سائنس جي تعليم مڪمل ڪئي پر، اسان اُن جي فلسفياڻي ڪم جي باري ۾ ڪجهه نه ٿا چاڻيون. اسان رڳو اهو چاڻيون ٿا ته هُن افلاطون ۽ سپوسي پس کان تعليم حاصل ڪئي ۽ فلسفي تي عبور حاصل ڪيو.

❊❊❊



پان چُو: 45 عيسوي (چين)

پان چُو پهرين صدي عيسوي ۾ چين ۾ پيدا ٿي. گڏيل چين ۾ ان جو خاندان هڪ نهايت ئي معزز خاندان هيو. هُن جو خاندان پنهنجي علم، هُنر ۽ شرافت جي بدولت سڄي چين ۾ مشهور هيو. هُن جي والد جو نالو "پان پيائو" هو. جيڪو "ڪنفيوشس ازم" جو مشهور عالم ۽ مبلغ هو. پان چُو جو هڪ پاڻ هو. جنهن جو نالو "پان ڪُو" هو. پان چُو جي ابتدائي زندگي جي باري ۾ ڪائي گهٽي معلومات ڪونہ ملي آهي. هُن جو پنهنجو چوڻ آهي تہ هن جو پيءُ ئي هُن کي تعليم ڏيندو رهندو هو ۽ هُن جي ماءُ هُن کي تهذيب سيکاريندي هئي. هُنن جي خاندان ۾ عورتن کي تعليم ڏيڻ جو قديم رواج هو. هُن جي دور ۾ هُن جي خاندان جي هڪ عورت "پيلس ليڊي بان" پنهنجي علمي قابليت جي ڪري سڄي چين ۾ مشهور هئي.

پان چُو پنهنجي ابتدائي عمر ۾ ئي ڪنفيوشس ازم، تاريخ، علم نجوم ۽ جاگرافي دلچسپي سان پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. پان چُو جي چوڏهن سالن جِي عُمر ۾ شادي ڪرائي وئي. پر هُن جو مُڙس جواني ۾ ئي مري ويو ۽ هُن پنهنجي اڪيلي پُٽ جي پاڻ ئي پرورش ڪئي. 92 عيسوي ۾ هُن جي پاءُ کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ جيل ۾ ئي مري ويو. پان چُو جي پاءُ هڪ ڪتاب لکيو هيو. جيڪو مشرقي هِنن جي هڪ مڪمل تاريخ هئي. شهنشاهہ جي حڪم تي پان چُو تاريخ تي وڌيڪ ڪم ڪيو ۽ چيني هُن قوم جي تاريخ کي مڪمل ڪيو. هيءُ ڪتاب ڏاڍو مقبول ٿيو. هيءُ

ڪتاب چيني قوم جو پهريون جامع ترين ڪتاب هو.

پان ڪُو ڪڏهن به هِن تاريخي ڪتاب کي پنهنجي نالي سان منسوب نه ڪيو. بلڪ اُن جو موڙ هميشه پنهنجي مرحوم پاءُ جي مٿي تي ٻڌو. هُوءَ اِن تاريخ کي پنهنجي پاءُ جو ڪارنامو ئي چوندي هئي. اُن جي ان ڪتاب جو نالو "هُن ڪتاب" اِن ڪتاب جي لکڻي ڏاڍي مشڪل ۽ منجهيل هئي. اِن لاءِ پان ڪُو امپيريل ڪُتب خاني مِران موضوع تي گهٽيون ئي تقريرون ڪيون. اُن زماني جا ڪي مشهور عالم ۽ تاريخدان هُن جون تقريرون ٻڌڻ اينداهئا.

شهنشاهه پان ڪُو کي پنهنجي محل گهرائي ڪري چيو ته محل جي عورتن کي فلسفي ۽ تاريخ تي تعليم ڏيندي ڪر. جڏهن 105 عيسوي ۾ شهنشاهه وفات ڪئي ته اُن جي شهزادي "ڊولگر ڊينگ" اقتدار سنياليو ورتو. ڇو ته شهنشاهه جو ولي عهد شهزادو اڃان ننڍي عُمر جو هيو. پان ڪُو کي شهزادي ۽ پنهنجي وزير مقرر ڪري ڇڏيو. هاڻي پان ڪُو دربار جي سياست ۾ به حصو ونڊ لڳي هئي. اُن کان علاوه پان ڪُو هڪ بهترين شاعره ۽ نثر نگار به هئي.

پان ڪُو جو بهترين ڪم "زناني تعليم" آهي. جيڪو ڪنفوشس ازم جي ابتدائي اخلاقيات ۽ روايت تي مُبني آهي. پان ڪُو پڌايو آهي ته ڪنفيوشس ازم جي تعليم کي عملي طور اختيار ڪري خاندان ۽ سڄڻ زندگي ۾ هم آهنگي پيدا ڪري سگهجي ٿي. پان ڪُو گهٽي ئي دلچسپ انداز ۾ پڌايو آهي ته مرد ۽ عورت ٻئي گهر ۽ خاندان جي هم آهنگي جا ذميوار آهن. هُن جي ڪتاب جو هڪ باب "چوڪرين جي لاءِ تعليم" جي نالي سان آهي. جيڪڏهن توهان رڳو مردن کي تعليم ڏيندو ۽ عورتن کي تعليم نه ڏيندو. تڏهن توهان مرد ۽ عورت جي وچ ۾ بنيادي تعلقات بهتر نه ڪري سگهندا.

پان ڪُو جو چوڻ آهي ته اها قديم روايت آهي ۽ هڪ قانون به آهي ته اٺن سالن کان ٻارن کي پڙهايو ۽ پنڌرنهن سالن جي عُمر ۾ اهي تهذيبي تربيت جي لاءِ تيار ٿي ويندا. نه رڳو تعليم پر ٻارن کي اُصول ۽ ضابطا به سمجهڻ گهرجي ته جيئن هُو عملي طور نيڪ ۽ مُٺا انسان ٿي سگهن.



ميري جيويز: پهرين صدي عيسوي

ميري دي جيويز پهرين ۽ پين صدي عيسوي جي وچ ڌاري مصر ۾ پيدا ٿي. هُوءَ افلاطوني فطري فلاسافر هئي. هُوءَ اولهندي فلسفي جي پهرين "ڪيمياگر" هئي. گهڻائي سقراطي فلاسافر مادي جي طبعي تبديلي ۾ دلچسپي رکندا هئا. اپيڪورس فلاسافر به اهڙي ئي دلچسپي رکندو هو تہ مادي جي جڙن جي سُجاڻپ ڪئي وڃي. تڏهن به ميري- پهرين عورت هئي. جيڪا مادي جي ڪيميائي تبديلي ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکندي هئي.

ميريءَ مادي جي تجربن لاءِ جيڪي اوزار ٺاهيا هئا. انهن جهڙا ڪجهہ اڄ بہ تجربن ۾ استعمال ٿيندا آهن. هڪ فطري فلسفي زوسي موس جو چوڻ آهي تہ "ميريءَ ڪائنات جي جيڪا تشريح سائنسي ۽ باطني حوالي سان وابسطہ ڪئي هئي. هُن کي پوري رومي سلطنت ۾ زبردست طور تي سراهيو ويو هو."

ميري کي قديم زماني جي سائنس جي پيش ڪندڙ بہ چيو ويندو آهي. ڪرسٽيان ستن جي چوڻ مطابق ميري جيويز پهرين ڪيمياگر آهي. جنهن مادي جي جُزن تي تجربا ڪيا هئا. هُوءَ ئي پهرين عورت آهي. جنهن فلسفي سان گڏوگڏ ڪيمياگري جو نظريو بہ ڏنو. هُن مادي جي جزن جي ترڪيب جو مطالعو ڪيو ۽ مادي جي ڄاڻچي کي بہ بيان ڪيو. جنهن تي بعد ۾ ايندڙ صدين ۾ مادي تي تحقيق جا بنياد پيا.

ميري ٿاليس ۽ اناڪسي منڊر وانگر ان ڳالھ تي يقين رکندي ھئي تہ ھر شيءِ ھڪ ئي جوھر مان ٺھي آھي. ان کان پوءِ ڊيماڪريٽس ۽ ايپي ڪيورس جو چوڻ ھو تہ مادي جو جوھر ھڪ ئي آھي. ميري جيويز جو نظريو "فلسفي جو پٿر" بہ اِھا ئي ڳالھ ڪري ٿو تہ ھر مادي جي اندر ھڪ جھڙو جوھر ئي آھي. مادي کي تبديل بہ ڪري سگھبو آھي ۽ ھيئن ڪيترين حالتن ۾ بہ آندو ويندو آھي. مادي جي تبديلي جي باري ۾ بنيادي طور اُھي ئي چار عنصر آھن جيڪي اناڪسي مينڊر- ٻڌايا ھئا. ھوا، باھہ، پاڻي ۽ متي.

ميري جي "فلسفي جو پٿر" کي حقيقي زندگي ۾ پنھنجائي ڪري مادي جي نئين ٽيڪنالوجي پنھنجائي سگھجي ٿي. اِھو ئي نظريو ائٽم جي نظريي جو بنياد بہ آھي. ان طرح ميري پھرين صدي عيسوي جي اُھا پھرين عورت آھي. جنھن عملي طور جديد سائنس جا بنياد وڌا.



بُروريا: ٻين صدي عيسوي / فلسطين

بُروريا ٻين صدي عيسوي ۾ فلسطين ۾ پيدا ٿي. هُوءَ پنهنجي دور جي هڪ پهتل خدا شناس ۽ ڏاهي عورت هئي. هُوءَ تالمود" جي عالمياتي به هئي. هُن تالمود ۾ گهڻن ئي ربي يهودي مذهبي عالم جي تفسيرن کي شامل ڪيو ۽ اُنهن ربين جا حوالا به ڏنا. اسان کي اُن جي ماءُ جو نالو ته معلوم ناهي. هُن جي پيءُ جو نالو "حنان بن ترادیون" هو. ترادیون ٻين عيسوي جو هڪ وڏو مشهور فلسفي ربي هو. تالمود جي چوڻ مطابق بروريا پنهنجي پيءُ سان گڏ انتهائي صبر ۽ استقامت سان ٻيٺي رهي. جڏهن هُن جي پيءُ کي باهه ۾ آهستي آهستي ساڙيو ويو هو. هُن جي پيءُ کي اها خوفناڪ سزا "رومين" ڏني هئي. چو ته هُن رومين جي قانون کي ٽوڙيو هو. رومين هڪ قانون ناهي اِها پابندي لڳائي چڏي هئي ته توريت جو عام جاين تي پڙهڻ منع آهي.

هُن جي پيءُ جو موت به انتهائي ڊرامائي هو. هُن جي پيءُ حنان کي توريت جي پنن ۾ ويڙهي کيس باهه ڏني وئي هئي ۽ رُومي سپاهي هڪ آلي ڪمبل سان اُن باهه کي ٽڏو ڪندا رهيا. ته هُو گهٽي کان گهٽو دير تائين زندهه رهي ان باهه جي عذاب کي سهندو رهي. حنان ربي جو ڪردار گهٽو ئي جرئت مند آهي. جو هُن اِن سزا کان خوف زده ٿي ڪري رومين کان معافي نه گهري. هُن جو ڪردار هڪ بهادر جو ڪردار آهي. حنان ربي سزا کي ختم ڪرڻ واري علمدار کي چيو ته جيڪڏهن تون آلو ڪمبل باهه تي اُچلائڻ بند ڪري چڏين ته مان توکي يقين ڏياريان ٿو ته تون مرڻ کان

ويو جنت ۾ ويندين.

اُن عملدار حنان ربي جي يقين ڏيارڻ تي آلو ڪمبل مٿائي ڇڏيو ۽ جھڙ کي وڌائي ڇڏيو. حنان ربي جڏھن به ھر سڙي پسر ٿي ويو تہ ان سزا تي عمل درآمد ڪرڻ واري عملدار به پاڻ کي ان برندڙ جھڙ ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ حنان ربي سان گڏ اھو به سڙي راک ٿي ويو. ڇيو وڃي ٿو تہ بروريا جي ماءُ پنھنجي مڙس جي موت جي مذمت ڪئي. پوءِ خبر تہ ناھي اُن سان ڇا ٿيو؟

بروريا جي پيڙ ۾ جڏھن پنھنجي پيءُ جي موت تي احتجاج ڪيو تہ رومي حڪمرانن ان کي ھڪ چڪلي ۾ موڪلي ڇڏيو ۽ ايئن ھُن کي ھڪ طوائف جو درجو ڏئي ڇڏيائون. اسان معتبر ذريعن کان ڄاڻيون ٿا تہ بروريا "ربي مير" سان شادي ڪئي ھئي. ھُوءَ ھڪ عقل ۽ فھم سان پرپُور عورت ھئي. بروريا جي پُٽ جو موت "سبت" جي ڏينھن ۾ ٿيو ھو. (اھو ڏينھن آرام ۽ عبادت جو ڏينھن آھي، جو مسلمانن ۾ جمع، يھودين ۾ چنچر ۽ عيسائين ۾ آچر جو ڏينھن آھي- سنڌيڪار) اھو ڏينھن يھودين جي لاءِ گھڻو پاڪ آھي. تڏھن بروريا انتھائي صبر کان ڪم ورتو ۽ بلڪل غم زده نہ ٿي ھئي. ڇو تہ ھُوءَ ڄاڻيندي ھئي تہ "سبت" جي ڏينھن مرڻ وارو سڌو جنت ۾ ويندو آھي.

ھُوءَ پنھنجي مڙس کان ھڪ سوال ڪندي ھئي؟ تہ جيڪڏھن ڪوئي ھُن کي پنھنجي جائداد اُڌاري ڏئي ڇڏي ۽ پوءِ ھُو ان کان واپس گھري تہ ڇا ھُن کي واپس ڪرڻ کپي؟


ربي مير جواب ڏنو. بلڪل واپس ڪرڻ کپي. تڏھن ھُوءَ ھُن کي پنھنجي مري ويل پُٽ وٽ وڃي وئي تہ ھيءُ خدا جي ڏنل اُڌاري جائداد ھئي. جيڪا ھُن واپس وٺي ڇڏي ان لاءِ اسان کي غم زده نہ ٿيڻ گھرجي. بروريا جو چوڻ ھو تہ جيڪڏھن تحمل ۽ بصيرت ھڪ جڳھ ھڪ تي وڃن تڏھن انسان تي حقيقت جا در کلندا آھن. بروريا ھميشہ پنھنجي عقل ۽ فھم جو اظھار توريت جي پاڪ لفظن سان ڪندي ھئي.

ربي يوشيع ۽ ربي طارفون جي وچ ۾ بحث ڇڙي پيو تہ بروريا جو نالو ان وقت جي مينھي رٻين کان مٿانھون آھي. يھودين جي پاڪ ڪتاب "تلمود" ۾ لکيل آھي تہ ھڪ دفعو بروريا ڏٺو تہ ھُن جو مڙس "ربي مير"

پنهنجي پاڙي جي هڪ گنهگار لاءِ رب کي ٻاڏائي رهيو هو ته رب کيس ڏيئت ۾ نابود ڪري جنهن تي بروريا پنهنجي مڙس "ربي ميئر" کي چيو ته ائين نه ڪر بلڪ اسان کي گهرجي ته اسان دعا ڪريون ته گنهگارن کي خدا تباهه نه ڪري بلڪ انهن کي هدايت ڏي ته هُو سڌا انسان ٿين.

بروريا جي متعلق بي ڪهاڻي اها آهي ته هُوءَ انهن ربين جو مذاق اڏائيندي هئي. جيڪي چوندا هئا ته عورتون گهٽ عقل هونديون آهن. جڏهن بروريا جي مڙس کي اها خبر پئي ته هن کي ان تي گهٽو ڏک پهتو ته هن بروريا کي چيو توکي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته عورت گهٽ عقل ناهي. ربي ميئر چيو ته ٽون ماڻهن کي گمراهه ڪري رهي آهين. ان سان منهنجا شاگرد به گمراهه ٿي رهيا آهن. پر بروريا پنهنجي مڙس کي بي عزت ٿيڻ نه ڏني ۽ ان موت کي گلي لائي ڇڏيو.

هڪ ربي عالم جو چوڻ آهي ته جڏهن بروريا جي پيءُ کي سزا ڏني وئي ته احتجاج ڪرڻ تي بروريا جي ماءُ کي غلام بڻائي کپائي ڇڏيائون ۽ هُن جي ڀيڻ کي طوائف بڻايو ويو. جڏهن ته بروريا ۽ هُن جو مڙس ربي ميئر بابل پهچي ويا هئا. اُن کان علاوه اسان بروريا جي زندگي جي باري ۾ ڪجهه نه ٿا ڄاڻيون پر بروريا تاريخ جو هڪ سُنهري باب آهي ۽ اڄ بروريا جي عقل، فهم ۽ بصيرت جي حوالي کان هُن جو نالو احترام سان ورتو وڃي ٿو.





جوليا ڊومنا: 170 عيسوي / شام

جوليا ڊومنا مشرقي وسطيٰ جي هڪ فلاسافر هئي. هُوءَ شام ۾ پيدا ٿي. پر، هُوءَ روم ملڪ جي راڻي ٿي وئي. هُن پنهنجي زندگي ۾ فلسفي کي عملي طور پنهنجايو به هو. ان ڪري اُن دور جي گهڻن ئي فلاسافرن فلسفي ۾ هِن جي طرز اختيار ڪئي. تاريخدانَ جوليا ڊومنا کي "روم جي راڻي" جي حوالي سان سُڃاڻيندا آهن. ڇو ته رومي سِڪن تي هُن جِي تصوير موجود آهي.

جوليا روم ۾ فلسفي کي باعزت مقام ڏنو. رومي سلطنت تي ان فلسفي جي حوالي سان حُڪومت ڪئي هئي. جوليا ڊومنا 170ع ۾ شام جي هڪ شهر "اميسا" ۾ پيدا ٿي. اميسا ان لاءِ خاص اهميت جو حامل آهي ته اُتي رومَ جون ئي راڻيون پيدا ٿيون. جوليا ڊومنا، جوليا ميسا، جوليا ممياءِ جوليا سيميا ۽ روم جو هڪ شهنشاهه به اُتي پيدا ٿيو. جيڪو جوليا دومنا جو پائٽيو هو. اُن رومي شهنشاهه جو نالو "ايلا گاباس" هو.

جوليا ڊومنا جي پيءُ جو نالو "باسيانس" هو. جيڪو سج جي ديوتا جو وڏو پوڄاري هو. جوليا ڊومنا- ان ڳالهه تي فخر ڪندي هئي ته هُوءَ شام جي هڪ عظيم خاندان سان تعلق رکندي آهي. جوليا جواني ۾ "سيپٽي ميس" سان شادي ڪئي. جيڪو هڪ رُومي هو. هُو رومي فوج جو هڪ وڏو عملدار هو ۽ اُن وقت "مارڪوس" روم جو شهنشاهه هو. سيپٽي ميس جي پهرين زال گذاري وئي هئي. جنهن جو نالو "مارسيا" هو.

جوليا ڊومنا [illegible] جواني ۾ علم نجوم سکي رهي هئي ته هُن کي

بدايو ويو هو تہ هڪ بادشاهہ جي راڻي ٽيندي سيپٽي ميس شام جي دوري جي دوران جوليا سان علم نجوم جي حوالي سان ملاقات ڪئي ۽ پوءِ اُن سان شادي ڪري ڇڏي سيپٽي ميس هُن جي گهٽي عزت ڪندو هو. جوليا رڳو ذهين ئي نہ هئي. بلڪ سياست جي رمزن کي بہ چڱي طرح ڄاڻيندي هئي. جوليا کي بہ پُٽ ڄاوا. پهريون پُٽ "لوسيس" 188ع ۾ ڄائو. جڏهن تہ ٻيو پُٽ پبلوس گيٽا" 189ع ۾ پيدا ٿيو. سيپٽي ميس 193ع ۾ روم جو شهنشاهہ ٿي ويو ۽ جوليا هُن جي راڻي ٿي وئي. جلد ئي انهن کي گهرو ويڙهہ کي منهن ڏيڻو پيو.

اُن زماني جي رواج مطابق جوليا بہ پنهنجي شهنشاهہ مڙس سان گڏ گهڻن ئي معرڪن ۾ حصو ورتو. هُوءَ جنگ جي وقت محل ۾ نہ رهندي هئي. بلڪ جنگ جي محاذ تي پنهنجي مڙس سان گڏ عام خيمي ۾ رهندي هئي. اُن لاءِ سيپٽي ميس پنهنجي ان راڻي جي صورت جا روپيا ٺهرايا ۽ انهن تي لکيو "ڪيمپ جي ماءُ".

209ع ۾ سيپٽي ميس يارڪ موجوده برطانيا ۾ جنگ جي محاذ تي ماريو ويو تہ اُن جي خواهش جي مطابق انهن ٻنهي پُٽن اُن جِي حڪومت سنڀالي ورتي. پر، بہ ماڻهو هڪ وقت ۾ حڪومت نہ ٽا ڪري سگهن. ان لاءِ ٻئي پائر هڪ ٻئي جا دشمن بڻجي ويا. جوليا ٻنهي جي وچ ۾ ناهہ جي ڪوشش ڪندي رهي. پر، 207ع ۾ جوليا ڊومنا چاتي جي ڪينسر ۾ وفات ڪري وئي. پر اها جوليا ڊومنا تاريخ جي ورقن ۾ اڄ بہ زنده آهي.

جوليا فيشا غورثي ازم ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکندي هئي. هُن فلوسٽرائيوس کي "اپالو نيوس آف ٽيانا" جو زندگي نامو لکڻ تي مقرر ڪيو هو. اپالو نيوس هڪ فيثا غورثي فلاسافر هو. جنهن کان جوليا گهڻي متاثر هئي. بيٽراس زيلر جو چوڻ آهي تہ فلوسٽرائيوس جوليا ڊومنا جي باري ۾ چئي ٿو تہ جوليا رياضي ۽ فلسفي ۾ تمام گهڻي مهارت رکندي هئي. هُوءَ ان رياضي جي علم کي علم نجوم جي لاءِ استعمال ڪندي هئي.

بيٽراس وڌيڪ لکي ٿو تہ جوليا ڊومنا جيڪا علم ۽ دانائي شام کان حاصل ڪئي هئي. اهو سڀ جو سڀ سائنسي علم هو. ان علم کي هُن سڄي زندگي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪيو. سيپٽي ميس جوليا جي

علم نجوم کان ئي متاثر ٿي ڪري اُن سان شاديءَ ڪئي هئي. اُن دور ۾ علم نجوم جو ماهر تمام وڏو عالم تسليم ڪيو ويندو هو.

هُوءَ راڻي هڪ سان گڏ و گڏ علم نجوم سان پيشن گوئيون به ڪندي هئي. اسان کي جوليا ڊومنا جي ڪائي تحرير ته ناهي ملي پر اُن جا هم عصر تاريخدان چون ٿا ته هُوءَ هڪ عظيم فلاسافر هئي.

❊❊❊



سوسي پيٽرا آف افسس : 300 ـ 350 عيسوي(افسس)

سوسي پيٽرا ايشياءِ ڪُوچڪ جي شهر افسس ۾ پيدا ٿي. هُن جي زندگي جي حالتن تي"ايناپس" پنهنجي ڪتاب "افسس جون عقلمند عورتون" ۾ لکيو آهي. سوسي پيٽرا افسس جي هڪ دولتمند خاندان ۾ پيدا ٿي هئي. اُن خاندان جي جاگير سڀ ڪان وڏي هئي. هُن جي پرورش پنهنجي پيءُ جي جاگير ۾ ئي ٿي هئي. ان متعلق چيو ويندو آهي ته جڏهن هُن جي عمر پنج سال هئي تہ انهن جي جاگير تي ٻہ ماڻهو ڪم ڪرڻ جي لاءِ آيا. انهن ٻنهي ماڻهن جاگير جي مُنتظمين کي قائل ڪري ورتو تہ انهن کي انگورن جي باغ جي مڪمل زميواري ڏني ويجي. يعني اُهي انگورن جي باغ ۾ پنهنجي مرضي سان جيڪو چاهن اُهو ڪن. تڏهن انگورن جو فصل انهن جي توقع کان مٿي لهندو.

هُو سمورو سال انگورن جي باغ ۾ ڪم ڪندا رهيا ۽ جڏهن فصل جي لهڻ جو وقت آيو تہ سوسي پيٽرا ٻہ پنهنجي پيءُ سان گڏ اُتي موجود هئي. انگورن جو فصل گهڻو ئي شاندار ٿيو هو ۽ پهرين سالن جي بنسبت هن سال فصل جي پيداوار تمام گهٽي ٿي هئي. انهن ٻنهي ماڻهن جو چوڻ هيو تہ ديوتائن کان مدد حاصل ڪري بهترين فصل پيدا ڪندا آهيون. سوسي پيٽرا جي پيءُ انهن ٻنهي جي شاندار دعوت ڪئي ۽ انهن جي تمام گهٽي عزت افزائي ڪئي. سوسي پيٽرا ٻہ اُن دعوت ۾ موجود هئي.


اهي ٻئي ماڻهو سوسي پيٽرا جي خوبصورتي ۽ صلاحيت کان تمام گهڻو متاثر ٿيا. دعوت ختم ٿيڻ تي ٻنهي سوسي پيٽرا جي پيءُ کي

چيو تہ هِن سال جو فصل تہ انهن جي لاءِ هڪ ٻار جي راند هو. اسان وٽ اهڙيون طاقتور صلاحيتون آهن جن جي بدولت اسان گهٽو ڪجهہ ڪري سگهندا آهيون. انهن چيو تہ اسان هن دعوت جو شڪريو ڪجهہ هن طرح سان ڪرڻ ٿا چاهيون تہ هاڻي اسان هن جاگير تي پنجن سالن تائين ڪم ڪنداسين. ان سان گڏ و گڏ اسان تنهنجي ڏيءُ سوسي پيٽرا جي پرورش بہ ڪنداسين ۽ ان کي تعليم بہ ڏينداسين.

انهن سوسي پيٽرا جي پيءُ کي يقين ڏياريو تہ هُو سوسي پيٽرا جي تربيت ۽ صحت جي لاءِ بلڪل فڪر مند نہ ٿئي. سوسي پيٽرا جو پيءُ پنجن سالن تائين جاگير کان جدا ٿي ويو ۽ پنجن سالن کان پوءِ جڏهن جاگير تي ويو تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ هُن جي ڏيءُ ڪالدي علم ۽ فهم تي مڪمل طور دسترس حاصل ڪري ورتي هئي. اُن جي صحت بہ ڏاڍي سُٺي هئي. ۽ هُوءَ بصيرت سان پرپُور هئي ۽ هُن جو حُسن ۽ نکار اڇي ويو هو. انهن ٻنهي ماڻهن جو چوڻ هو تہ ديوتا هنن سان ڏاڍو خوش آهن. ۽ هي سڀ ڪجهہ ان جي سبب سان ٿيو آهي. سوسي پيٽرا "يوستا ٿيوس ڪيپوڊوسيا" سان شادي ڪئي هئي. يوستا ٿيوس بہ هڪ حسين نوجوان هو ۽ هُو عقل ۽ ڏاهپ سان بہ پرپور هو. سوسي پيٽرا کي ٽي پُٽ ٿيا انهن مان هڪ عظيم فلاسافر ٿيو. ٽين صدي عيسوي ۾ جڏهن سوسي پيٽرا جو مرس گذاري ويو تہ هُوءَ "پرگامون" هلي وئي. پرگامون هڪ نئون شهر آباد ٿيو هو. اُن شهر جو ڪتب خانو علمي ڪتابن سان پريل هو ۽ اُن جون عمارتون ۽ انهن جو منصوبو ڏاڍو ئي شاندار هو.

هي شهر قديم دور جو هڪ نهايت حسين ۽ شاندار شهر هو. اُن جا رهواسي تمام گهٽو علمي ذوق رکندا هئا. هتي فلسفي جو تمام گهٽو قدر ڪيو ويندو هو. پرگامون شهر ۾ "ايڊي سيوسي" رهائش پذير هو. جيڪو پنهنجي دور جو مشهور فلاسافر هو. چيو وڃي ٿو تہ جيڪي طالبِ علم ايڊي سيوسي کان درس وٺڻ ويندا هئا. اُهي سوسي پيٽرا جو درس بہ ٻُڌندا هئا. سوسي پيٽرا جو گهٽو ئي فلسفياڻو ڪم اڄ بہ موجود آهي. ان جي ڪم تي جديد دور جي علمي درسگاهن ۾ گهڻا ئي مڪالما لکيا ويا آهن.

❊❊❊



هپاٽيا آف اليگزينڊريا: 375 عيسوي / مصر

اڪثر محققن هپاٽيا آف اليگزينڊريا جي باري ۾ چون ٿا ته، هُوءَ 3 ع ۾ 359 ع جي وچ ۾ مصر جي شهر اليگزينڊريا (سڪندريا) ۾ پيدا ٿي. هپاٽيا هڪ فلاسافر جي ڌيءَ هئي. هُن جي پيءُ جو نالو "ٿيون" هو. هُو سڪندريه جي عظيم عجائب گهر جو رُکن هو. هپاٽيا جي زماني ۾ سڪندريه مصر جو علمي مرڪز هو. ان وقت شهر پنهنجي تعمير، ترقي ۽ علم ۽ فن جي حوالي سان عظيم الشان شهر هو. هن شهر ۾ يوناني ۽ رومي وڏي تعداد ۾ جديد علم حاصل ڪرڻ ايندا هئا.

هپاٽيا پنهنجي علم رياضي، سائنسي علم ۽ فلسفي جي سبب سڪندريه ۾ گهٽي مقبول ۽ معروف هئي. 391 ع ۾ "ٿيوپولس" جيڪو سڪندريه جو حڪمران هو. اُن شهر ۾ گهٽن ئي اهڙن مندرن کي مسمار ڪرايو هو. جن مندرن ۾ بُت پرست بُتن جي پُوجا ڪندا هئا. ٿيو پولس سڪندريه ۾ بُت پرستي تي سختي سان پابندي عائد ڪري ڇڏي هئي. عيسائي مذهب جي اشاعت ۽ تبليغ عام ٿي رهي هئي. بُت پرستن کي ڪافر قرار ڏئي انهن کي زنده ساڙيو پئي ويو ۽ انهن جي مندرن کي مسمار ڪيو پئي ويو. عيسائي بزرگ - عيسائيت جي تيزي سان تبليغ ڪري رهيا هئا.

رومي سلطنت ۾ عيسائيت تيزي سان ڦهلجي چُڪي هئي. ديوين، ديوتائن جي مڃڻ وارن کي ڪافر قرار ڏئي انهن جي مندرن کي مسمار

ڪيو ويو ٿي. 400ع ۾ هپاٽيا اليگزينڊريا "پليٽونڪ مڪتب" جي سربراهه ٿي وئي هئي. هُوءَ پنهنجي مڪتب ۾ رياضي ۽ فلسفو پڙهائيندي هئي. هُن جي پڙهائڻ جو طريقو ڏاڍو دلچسپ هو. ان وقت عيسائيت ۽ بُت پرستن جي وچ ۾ تمام گهٽو ٽڪراءُ هو. هپاٽيا سڪندريه ۾ تمام گهٽي مشهور هئي ۽ هُن جي تمام گهٽي عزت ڪئي ويندي هئي. هپاٽيا پنهنجي پُراڻي مذهب تي قائم هئي ۽ هُن کي بُت پرست چيو ويندو هو. پر اُن جي باوجود عيسائي به هُن جي تمام گهٽي عزت ڪندا هئا.

هُن جو هم عصر هڪ فلاسافر "سوڪريٽس" قسطنطنيه" چوي ٿو ته سڪندريه شهر ۾ هڪ عظيم الشان عورت هپاٽيا هئي. جيڪا هڪ فلاسافر ٿيون جي ڏيءُ هئي. هن سائنس ۽ ادب ۾ زبردست مهارت حاصل ڪري وئي هئي. هُوءَ پنهنجي وقت جي سينئي فلاسافرن کان گهٽو مقبول ۽ معروف هئي. هُن افلاطوني مڪتب ۾ زبردست ڪارنامو سر انجام ڏنو هئا. هُوءَ پنهنجي شاگردن کي فلسفي جا اصول ۽ ضابطن جي تشريح ڪري ٻُڌائيندي هئي. هُن جا گهڻا ئي طالب علم پري پري جي شهرن کان هُن جو درس ٻُڌڻ ايندا هئا.


هپاٽيا پنهنجي علم ۽ ڏاهپ کان علاوه پنهنجي حُسن سُلوڪ جي سبب کان به قابلِ احترام هئي. هُوءَ گهڻي ئي ذهين هئي ۽ پنهنجي ذهن جو صحيح استعمال ڪندي هئي. هُوءَ عام ماڻهن ۾ ۽ آفيسرن جي سامهون بي باڪ گفتگو ڪندي هئي. هُوءَ مردن جي اجتماع ۾ به رواني سان گفتگو ڪندي هئي. هر ڪوئي هُن جي نيڪي جي تعريف ڪندو هو.

سائينسيوس آف سائرين جيڪو تالميز جو وڏو پادري هو. اُهو سڪندريه ۾ هپاٽيا جو شاگرد رهي چڪو هو. هُو پنهنجي هڪ خط ۾ هپاٽيا کي چوي ٿو ته جن ماڻهن فلسفي تي پابندي عائد ڪئي آهي. اُهي ڪڏهن به سچ تائين نه ٽا پهچي سگهن. رڳو افلاطون جهڙا فلاسافر ئي حقيقت تائين پهچي سگهندا آهن. اهڙا ماڻهو گهٽا ئي غير معمولي هوندا آهن. سچ جي حمايت ڪرڻ هڪ مشڪل ڪم آهي.

هپاٽيا عيسائيت قبول نه ڪئي ۽ پنهنجي پهرين مذهب تي ئي قائم رهي. ان لاءِ اُن کي هڪ دردناڪ موت جو مُنهن ڏسڻو پيو. سو

ڪريٽس آف قسطنطنيہ هپاٽيا اليگزينڊريا جي موت جي باري ۾ لکي ٿو ته هڪ ڏينهن هپاٽيا وڏي پادري کي مشورو ڏيڻ کان پوءِ واپس اچي رهي هئي، ته ڪجهه عيسائي شدت پسند جن جو سربراهه هڪ عيسائي "پيٽر" نالي هو. انهن هپاٽيا کي زوري پڪڙي بگيءَ تان هيٺ لاٿو ۽ هُو هُن کي "سيزرم" جي چرچ ۾ وٺي ويا. هتي انهن شدت پسندن هُن کي رسن سان ٻڌي ڇڏيو ۽ هُن تي سِرُون وسائڻ شروع ڪري ڇڏيون. ان طرح هپاٽيا جو جسم ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ هُن جي لاش جي ٽڪرن کي "سائنارن" جي مقام تي باهه ۾ ساڙي ڇڏيو.

تڏهن سڪندريہ ۾ عيسائين ۽ هپاٽيا جي شاگردن وچ ۾ فساد شروع ٿي ويا. هي واقعو مارچ جي مهيني ۾ پيش آيو هو. اهڙي طرح هِن عظيم فلاسافر عورت جي زندگي جي پڇاڙي ٿي ۽ اُن سان گڏ سڪندريہ ۾ فلسفي بہ آخري هڏڪي پري





عربي ادب جي هڪ عظيم شاعره

حضرت خنساءِ رضہ: 57 ع ـ عرب

جاهلائي دور جي انساني زندگي مختلف حيثيت ۽ سچاڻپ وارن قبيلن ۾ورهايل هئي ۽ جيڪي تن قسمن جي ماڻهن تي مشتمل هئا. آزاد، موالي ۽ غلام قبيلي جا هي ٽئي عنصر قبيلي جي جُملي معاشرتي قانونن ۽ رسم رواج جا پابند هئا. قبيلي جي عورتن ۾ ٽوريون شريف زادیون يا مهذب ۽ باقي سڀ ٻانهيون هونديون هيون. باندياڻين مان ڪيتريون ته بدڪاري جي اونهي سمنڊ ۾ غرق ۽ هر محفل جي زينت پنهنجي نِرت، راڳ ۽ فحش شاعري ذريعي شريف زادن کي محظوظ ڪنديون رهنديون هيون. جڏهن ته ڪجهه پاڪ طبيعت پنهنجي آقائن جي خدمت ۾ ئي رات ڏينهن گذارينديون هيون. پر آزاد عورتن مان ڪجهه ته گهر پاڻ سنياليندیون هيون. ۽ ڪجهه ٻانهين ذريعي ئي گهر جو ڪم ڪار هلائيندیون هيون. جيڪڏهن اسان ٽورو وڌيڪ گهرائي ۾ وڃون ته معلوم ٿيندو ته قبيلي جي شهزادين ۽ شريف زادين کي ڪنهن قدر اها وقعت حاصل هئي جو کين شادي وهاڻ جي معاملي ۾ پورا اختيار ڏنا ويا هئا ان معاملي ۾ سندن رضا ۽ خوشي جو گهٽو خيال رکيو ويندو هو. جنهن ۾ پنهنجي راءِ ۽ نظرين کي مڙن مسلط نه ڪيو ويندو هو.

حضرت خنساءِ رضہ جو عرب جي ٻن مشهور ترين قبيلن "بيعہ ۽ مضر" مان مضر جي خاندان بنو سليم سان تعلق هو. هي قبيلو ٻين قبيلن

جي مقابلي ڪنهن قدر ۾ منزلت جو حامل تصور ڪيو ويندو هو. ايتري قدر سيئي عربن تي هن قبيلي جي حڪمرائي هئي. "قريش" به هن قبيلي جي هڪ شاخ آهي. مضري قبيلو سڄي عربستان ۾ مختلف جڳهين تي رهائش اختيار ڪئي هئي. جن ۾ حضرت خنساءِ رضہ جو قبيلو شهر ڪان ٽوري فاصلي تي "باديہ" ۾ رهيل هو. قبيلي جي خاندان کي سردار واري حيثيت حاصل هئي. سندس والد رئيس قبيلي مان هو ۽ سڄو قبيلو انهيءَ جو فرمانبردار هو. مضر قبيلي جي هوليءَ جي مهارت ۽ لساني مهارت جي لاءِ محض ايترو پُڌائڻ ئي ڪافي هوندو تہ عربي زبان ۽ ادب کي "مضر هولي" سان تعميز ڪيو ويندو آهي.

حضرت خنساءِ رضہ جو نالو "تماضر بنت عمروالشريد" آهي. جاهلاڻي دور جي سماج ۾ جمڻ جي تاريخ وغيره محفوظ رکڻ جو رواج نہ هئڻ جي ڪري ماضي جا سيئي سوانح عمري لکندڙ ڪوشش جي باوجود ڪنهن تي تاريخ تي ناهن پهچي سگهيا. تڏهن به "مستشرقي جبريليءَ" 575ع ۾ جمڻ جو ذڪر ڪيو آهي. سندس نڪ ۽ چپن جي وچ ۾ انتهائي حيرت انگيز مفاصلو هو جنهن کي عربي ۾ "خنس" چوندا آهن. جنهن ڪري ئي ماڻهو کيس جهنگلي هرڻي سان تشبيهہ ڏيندا هئا ۽ خنساءِ چئي سڏيندا هئا. پوءِ آهستي آهستي حقيقي نالو پسمنظر ۾ هليو ويو ۽ ايئن اهو نالو پراڻو قصو ٿيڻ جي ويو ۽ ايئن سندس لقب سڃاڻپ ۽ تعارف جي جاءِ وٺي چڪو هئي.

عمروالشريد خاندان ۾ حضرت خنساءِ کان علاوه به صاحبزاده ٻيا به هئا. هڪ "معاويہ" هي حضرت خنساءِ رضہ جو حقيقي ڀاءُ هو. جڏهن تہ "صخر" ٻي ماءُ مان هو. ٻئي ڀائر ڏکهي قد ڪشادي سيني مناسب انگن اکرن وارا نهايت سهڻي شڪل شبيهہ وارا نوجوان هئا. حضرت خنساءِ رضہ پنهنجي ٻنهي ڀائرن سان گهڻي محبت ڪندي هئي ۽ ٻئي ڀاءُ به هن مٿان جان گهوريندا هئا. حضرت خنساءِ رضہ جواني جي چانئٹ تي قدم رکيو تہ خدا داد حُسن ۽ رئيساڻي معاشري جي تربيت جي ڪري ان جو شمار عرب جي ڏاهي مدبر ۽ نهايت سوچ سمجهہ رکڻ وارين جوان چوڪرين ۾ ٿيڻ لڳو.

حضرت خنساءِ رضہ جي ذهانت ۽ خوبصورتي جا چرچا سڄي

عرب دنيا ۾ ٽيڙ لڳا. هن جي شاعري ۾ روز بروز طاقتور کان طاقتور ٽيندي وئي. انهيءَ دوران هُن جي پاءُ معاويہ جي دوست "بنوهوازن" جي سردار جي پُٽ مشهور شاعر "دريد بن الصمہ" سندس هٿ گهريو. پاءُ معاويہ ۽ سفارش ڪئي. پر حضرت خنساءِ هُن سان شادي کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ئي قبيلي جي نوجوان "روحہ بن عبدالعزيز السلمي" سان شادي ڪري ڇڏي. هڪ ئي سال کان پوءِ روحہ بن عبدالعزيز السلمي وفات ڪئي. سندس ٻي شادي "عبدالعزي" نالي شخص سان ٿي. هن جو هي مڙس لاابالي طبيعت جو مالڪ هو. جنهن ڪري سندس نوبت فاقن تائين پهتي. سندس پاءُ هن جي مالي مدد ڪندو رهندو هو. عبدالعزي مان هن کي چار پُٽ ڄاوا.

612ع ۾ عرب ۾ هڪ جنگ "يوم حورت اول" جي نالي سان لڳي. هن جنگ ۾ حضرت خنساءِ رضہ جو سڳو پاءُ معاويہ مارجي ويو. پاءُ جو موت حضرت خنساءِ رضہ جي لاءِ انتهائي اذيتناڪ هو. سندس پاءُ "صخر" ٽن سالن بعد "يوم ڪلاب" جي ڏينهن" جي جنگ ۾ پنهنجي پاءُ معاويہ جي قاتلن کي ماري پاءُ جو بدلو ورتو پر. جنگ ۾ صخر کي شديد زخم رسيا ۽ هو انهن زخمن جا سُور نہ سهندي ٿورن مهينن اندر الله کي پيارو ٿي ويو. هاڻي حضرت خنساءِ رضہ پنهنجن پائرن جي سُونهن، جواني، جرئت، بهادري، شجاعت ۽ سخاوت کي پنهنجي شاعري ۾ اهڙي طرح پلٽيو جو سڄي عرب دنيا ۾ ان کان وڌيڪ ڪو شعلہ بيان شاعر ڪونہ هو. حضرت خنساءِ رضہ پنهنجي پائرن جي غم ۾ جيڪي مرثيا چيا اُهي انساني زندگي جي تلخ حقيقتن جي نشاندهي ڪن ٿا. هڪ شعر ۾ چوي ٿي تہ ايا صخر جيڪڏهن منهنجي هي اک تنهنجي لاءِ ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي تہ ڪائي ڳالهہ ناهي. تو هڪ طويل عرصي تائين مون کي ڪلايو بہ تہ آهي. جڏهن تون حيات هئين تہ مان تنهنجي سهاري هر مشڪل کي قابو ڪندي هُيس. پر هاڻي توکان سواءِ مصيبتن کي ڪيئن مُنهن ڏيندیس.

جڏهن اسلام جو جنم ٿيو تہ حضرت خنساءِ رضہ پنهنجي قوم سان گڏ حاضر ٿي. حضرت محمد صہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. جڏهن حضرت خنساءِ رضہ شعر ٻُڌايا تہ پاڻ حضور صہ گهڻو پسند ڪيا ۽ پوءِ وڌيڪ شعر ٻُڌڻ جي خواهش ظاهر ڪئي تہ حضرت خنساءِ رضہ

خوب عُمده شعر ٻڌايا ۽ پاڻ حضور صه حضرت خنساءِ رضه کي داد ڏنو. ان واقعي کان پوءِ حضرت خنساءِ رضه پنهنجي مرثي گوئي کي وڌيڪ شاندار ڪيو. پنهنجي پائرن جي موت جو صدمو ڪڏهن به وساري نه سگهي ۽ ان جي ياد ۾ سڄي عُمر ڳوڙها ڳاڙيندي رهي. پاڻ اُم المومنين حضرت عائشه رضه جي زيارت تي وئي ته حضرت عائشه رضه کيس ڏسي حيران ٿي وئي ۽ پڇيو ته خنساءِ تون "صدار" پائيندي آهين-؟ اها ته اسلام ۾ منع آهي.

حضرت خنساءِ رضه چيو امان مون کي معلوم نه هو. پوءِ حضرت عائشه رضه پُڇيو. تنهنجي اها حالت ڪيئن ٿي وئي.؟ ته حضرت خنساءِ رضه چيو ته منهنجي پائرن جي موت جي سبب کان. حضرت خنساءِ رضه هڪ دفعو مديني ۾ امير المومنين حضرت عُمر رضه سان مُلاقات لاءِ آئي ته حضرت عُمر رضه سندس حالت ڏسي پُڇيو. ايا خنساءِ تون پنهنجي پائرن جي غم ۾ ايتري بيزار چوٽي رهي آهين.؟ ته حضرت خنساءِ رضه چيو ته ڀهريان ته مان انهن جي قتل تي روئيندي هُيس ۽ هاڻ انهن جي حشر جي باري ۾ سوچي روئيندي آهيان.

جنگ قادسيه ۾ حضرت خنساءِ رضه جا چارئين پُٽ شهيد ٿي ويا ته حضرت عُمر رضه حضرت خنساءِ رضه جو وظيفو مقرر ڪري ڇڏيو. حضرت خنساءِ جو اسي سالن جي عُمر ۾ حضرت عثمان رضه جي دور خلافت ۾ انتقال ٿيو. سندس ديوان ئي هُن جي وراثت هو. حضرت خنساءِ جي شاعري معاويه ۽ صخر جهڙن پائرن جي جدائي ۽ جدائي کان پوءِ دل جي بي صبري کي جنهن ۾ ڪرب مان زبان ڏني آهي. هرندڙ لاوي سان پيٽ ڏئي سگهجي ٿي. حضرت خنساءِ رضه جي شاعري ڏک ڏورڪرڻ جو حيلو آهي. هُوءَ روئي روئي پاڻ کي نڍال ڪري ڇڏيندي هئي. خالق ڪائنات، جهڙوڪ ان جي اندر شعر و شاعري جي راڻي کي جنم ڏنو هو جنهن مان هن جي ڏک، تڪليفون ۽ پيڙاءُ لفظن جو چولو پائي موسيقيءَ جو روپ ڌاري ورتو.

اها حقيقت آهي ته سهڻا احساس رکڻ وارن ماڻهن جون تڪليفون ڏک ڏاکڙا به شعر جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندا آهن ۽ جيئن جيئن غم جي آڳ ۾ شدت ايندي ويندي آهي. شاعر اٽي حسن ۾ نکار ايندو ويندو آهي ۽ ان آڳ جي تپش حضرت خنساءِ رضه جي شاعري ئي آهي.

هن جي ابتدائي شعري زندگي جڏهن محض فخريہ شاعري ڪندي هئي. هُن جي قبيلي جي سماجي ۽ ثقافتي حيثيت ۽ پاڻ ۾ سرداراڻي خوبي هجڻ باوجود هُوءَ نہ آهي. جيڏي پوءِ واري جيئن غم مٽان غم ملي رهيو آهي. سُڪون ڪسجي رهيو آهي. سيني ۾ نشتر چپي رهيا آهن. هُن جي بانسري ۾ قسمين قسمين ساز ڇڙي پيا آهن ۽ لي ۾ اچي وئي آهي. ۽ لفظن جو تاثير ٻيڻو ٽيندوٽو ويجي. جيڪڏهن توهان هُن جي شاعري جي ٽنهي دورن جو گهرائي سان مطالعو ڪندا ۽ ڳوڙهو جائزو وٺندا تہ ان جي شاعريءَ جي ارتقا ۽ عروج بنا ڪنهن بہ ابهام جي توهان تي ظاهر ٿيندو.

هُن جي مرثيہ گوئي فخريہ شاعري جي بنسبت ڪافي بلند آهي. ان طرح مرثيہ گوئي ۾ بہ پنهنجي آخري ۽ هر دل عزيز پاءُ "صخر" جي ڏک کي جنهن انداز سان هُن شعرن جو هار پارايو آهي. اُهو حُسن معاويہ جي ڏک ۾ چيل مرثين ۾ نہ ٿو ملي. هُن جو فني ڪمال ۽ شاعراڻي بلندي هُن جي مرثيہ گوئي جي حد تائين ئي محدود آهي عربي شاعري جي ان هڪ صنف کان وڌيڪ هن پنهنجي شاعري کي ڪنهن بي صنف ۾ نظمايو بہ ڪونہ آهي. البتہ هُن پنهنجي غم جي اظهار لاءِ مرثيہ گوئي ۾ طرح طرح کان ڪم ورتو آهي. نيون نيون معنائون ۽ مقتول جي خوبين کي انوکي ۽ انمول طرز سان بيان ڪيو آهي.

قديم ادب ۾ عورتن جي اڳواڻي ۽ امامت جو سونو تاج حضرت خنساءِ رضہ جي ئي مٿي جي زينت آهي. هُن جي لفظن جي گهرائي ڪلام جي بلاغت پنهنجي هم عصرن ۾ هن کي سڀ کان اوچو مقام بخشيو آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالحليم ندوي پنهنجي تاريخ ۾ رقم طراز آهي تہ "شعر و شاعري جي ميدان جي نقادن جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ قديم ادب ۾ ان کان وڌيڪ ڪا بي شاعره نہ ٿي گذري آهي." حضرت خنساءِ رضہ جي شاعري هُن- جي ذاتي تجربن ۽ اشڪ انگيز جذبن جي ترجمان آهي. جنهن جي لاءِ هُن اصناف سُخن ۾ مرثيي گوئي کي چونڊيو ئي نہ بلڪ ائين چئجي تہ ايجاد ڪيو آهي ۽ ان کي ڪمال جي بلندي تائين پهچايو آهي. جتي ڪنهن جي پهچ اجا تائين نہ ٿي سگهي آهي.

ابن اسلام لکيو آهي تہ "حضرت خنساءِ رضہ عربي ادب جي اها پهرين شاعره آهي. جنهن مرثيہ گوئي جو بنياد وڌو ۽ فن کي ايتري بلندي

بخشي جو مردن کي به مات ڏئي ڇڏي ۽ رڳائي شاعريءَ ۾ هڪ پُختي ضرب مثل جي حيثيت ماڻي ورتي."

محمد بن يزيد مبرو حضرت خنساءِ رضہ جي شاعري متعلق لکي ٿو تہ خنساءِ ۽ ليلي اخيليہ پنهنجي شعرن ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي. ان ۾ هو مرون کي به مات ڏئي ويون آهن."

ڈاڪٽر عبدالحليم لکيو آهي تہ "ليلي وٽ موضوعن جي رنگيني خيال جي گهرائي ۽ لفظن ۾ وڏي سگهہ آهي. پر مرثيي ۾ خنساءِ جو ڪوئي مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي."

عباسي دور جو شاعر بشار بن برد چوندو هو تہ "جڏهن به ڪنهن عورت شعر چيو تہ غلطي ضرور ڪئي. ان کي چيو ويو تہ خنساءِ به ائين هئي؟ تہ چيو تہ هُن تہ وڏن وڏن شاعرن کي سنئون ڪري ڇڏيو."

جرير جيڪو اموي دور جو مشهور شاعر آهي. هڪ دفعي هُن کان پڇيو ويو تہ سڀ کان وڏو شاعر ڪير آهي. تہ هُن استاد الشعراءِ جواب ڏنو تہ "سڀ کان وڏو شاعر مان هجان ها. جيڪڏهن خنساءِ نہ هجي ها!"



هلڊ آف اسٽرونشيله: 680ع ـ 614ع / برطانيه

تاريخي تناظر جي حوالي سان، "گِلڊ آف استرونشيله" عيسائيت جي تاريخ ۾ هڪ اهم ترين نالو آهي. جيڪا مضبوط ارادن جي مالڪ هئي. ٽين صدي عيسوي ۾ عيسائيت رومي سلطنت جي ڦهلاءُ سان گڏ گڏ ڦهلجندي وئي. اهڙي طرح عيسائيت برطانيه ۾ پهتي. ان وقت برطانيه ۾ ڪافرن جي مقابلي ۾ عيسائين جو هڪ ننڍڙو گروهه هو.

تڏهن هڪ ننڍو "ڪلتي چرچ" ئي عيسائيت جو وفادار هو. چوٿين صدي عيسوي ۾ رومي سلطنت تقريبن ختم ٿي چُڪي هئي. ۽ جرمن قوم رومي سلطنت تي حملا ڪري ان کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. تڏهن برطانيه ۾ عيسائين جا ننڍا ننڍا گروهه هئا. پنجين صدي ۾ ڇهين صدي ۾ ڪلتي چرچ پنهنجين روايتن کي مضبوط ڪري ڇڏيو هو. جرمنن جي حملن ڪلتي چرچ کي "ويلز" تائين محدود ڪري ڇڏيو هو.

اُتر برطانيه ۾ ڪلتي چرچ، ڪجهه ترقي ڪئي ۽ "لنڊس فيم" جي مقام تي پهرين عيسائي خانقاهه ٺاهي وئي. هي پهرين خانقاهه هڪ راهب 635ع ۾ آئر لينڊ جي ڪناري "لونا" جي ٻيٽ تي ٺاهي هئي. جڏهن "هلڊ استرونشيله" پيدا ٿي تہ هُن جي پيءُ جي چاچي "بادشاهه ايڊون آف ڊيرا" جلاوطن هو. جوتہ بادشاهه ايڊون کي 588ع ۾ هن جي پاڙيسري رياست جي بادشاهه کيس جلاوطن ڪيو هو. ان جلاوطني ۾ بادشاهه ايڊون کان علاوه هلڊ جي ماءُ "بريگش ويٿ" ۽ ان جو پيءُ "هيري رس" به شامل هئا.

616ع ۾ ايڊون جنگ ۾ مري ويو. رياست "ڊيرا" ۽ "برنيسيا" اتحاد ڪري ورتو. اُن وقت هلڊ ۽ اُن جي وڏي پيٽ "هيري سويٽ" گهٽيون ننڍيون هيون، جو هُن جو پيءُ اچانڪ گذاري ويو. ان وقت هلڊ جو چاچو بادشاهه ٿي ويو هو. اُن هلڊ جي ماءُ ۽ پيٽ کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو. ان طرح هي ٽئي شاهي گهراڻي جون فرد ٿي ويون.

12، اپريل 627ع ۾ هلڊ سميت سڄي شاهي خاندان کي هڪ رومي راهب جنهن جو نالو "آگسٽن" هو. "يارڪ" درٻاهه ۾ پيتسمه ڏني هئي. ان وقت هلڊ جي عُمر تيرنهن سال هئي. پر، 632ع ۾ هي بادشاهه به هڪ جنگ ۾ مارجي ويو. بيواهه راڻي ۽ ان جي ڏيءُ هلڊ جي خاندان سميت "اُتر ٿمبريا" مان فرار ٿي "ڪينٽ" هليا ويا. هتي اچي ڪري هلڊ- جي وڏي پيٽ بيواهه ٿي وئي ۽ هُو هڪ فرانسيسي خانقاهه "چيلس" ۾ رهڻ لڳي. جيڪا پيرس جي ويجهو هئي. هلڊ به ٽيٽيهه سالن جي عمر ۾ بيواهه ٿي وئي هئي ۽ پنهنجي پيٽ سان گڏ خانقاهه ۾ رهڻ لڳي هئي. اُن وقت برطانيه ۾ عيسائيت جا رڳو ٿورا ننڍا ننڍا گروهه هئا. برطانيه جي ننڍين ننڍين رياستن جا نواب هڪ ٻئي جي رياست تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ جنگيون ڪري رهيا هئا. پر، هلڊ، برطانيه ۾ عيسائيت جو مستقبل گهٽو روشن ڪري ڇڏيو هو. هاڻي ڪلٽي عيسائيت جو ڦهلاءُ وڌڻ لڳو هو. ان وقت برطانيه جي مختلف علائقن ۾ مختلف طرح جون عيسائي عبادتون ڪيون ويندیون هيون.

ايستر جو ڏڻ مختلف علائقن ۾ جدا جدا ڏينهن تي ملهايو ويندو هو. عيسائي مُبلغ مختلف شهرن ۾ نڪري ويندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي طريقي سان عيسائيت جي تبليغ ڪندا هئا سڄي يُورپ ۾ عيسائيت هڪ شڪل ۾ ڪونه هئي. جڏهن ته هلڊ عيسائيت جي گهڻ گروهن کي هڪ مرڪز تي ڪٺو ڪيو ۽ پنهنجي بصيرت سان عيسائيت جي مختلف نمونن جي عبادتن جي جاءِ تي هڪ ئي نمونن جي عبادت کي رائج ڪيو.

ايئل فريٽ-ما ٽئي پٽ "اين فريٽ"، "اوسولڊ" ۽ "اوسويو" اسڪاٽ لينڊ جي جلاوطني کان واپس آيا ته هُو پاڻ سان گڏ ڪلٽي راهب ايڊن کي به وٺي آيا. ان ڪلٽي راهب رومن ڪيٿولڪ جي رسم کي عام ڪيو. معروف تاريخدان "بيڊي" لکيو آهي ته هلڊ عيسائيت جي خادم

ٿي ڪري عيسائيت کي منظم ڪيو. هُن جي ان ڪم کي وڏي پادري ايبن گھٽو پسند ڪيو. وڏو پادري ۽ ٻيا عيسائي ولي هُن سان تمام گھٹي محبت ڪندا هئا ۽ هُن جو نالو ڏاڍي احترام سان ونندا هئا. هلڊ پنهنجي عقل ۽ فهم جي بنياد تي هر جڳهه مشهور ٿي وئي.

657ع ۾ هلڊ بارهن راهبن ۽ بارهن ننن سان گڏ درياهه "ايسڪ" جي ڪناري تي ناهيل نئين خانقاهه ۾ منتقل ٿي وئي. هتي بادشاهه هلڊ کي هڪ وڏي جاگير ڏني. جيئن ته هو عيسائين جي فلاح جي لاءِ اُن کي استعمال ڪري سگهي.

هلڊ اُترئين حصي ۾ به هڪ خانقاهه تعمير ڪرائي. هاڻي هو انهن ٻنهي خانقاهن جي سربراهه هئي. هلڊ جي عمر ٽيتاليهه سال ٿي وئي هئي. هاڻي هُن نئين سري کان ڪُجهه ترميمون ڪيون ۽ "ايبي" جي علائقي ۾ مذهبي تعليم سان گڏ گڏ علم ۽ سائنس جي تعليم به شروع ڪري ڇڏي. ان تعليمي اداري ۾ مستقبل جا تمام گھٹا بشپ پادري ۽ پادري ٿيا هئا. ڪيڊمن به هن ئي اداري مان تعليم حاصل ڪئي هئي. جنهن کي انگلينڊ جو پهريون شاعر چيو ويندو آهي. هاڻي هلڊ هڪ راهبا، مُبلغ ۽ هڪ عظيم استاد جي طور تي سجاتي وڃڻ لڳي هئي. هلڊ مرڻ گھڙي تائين ان خانقاهه ۾ رهي ۽ شاگردن کي مذهب ۽ سائنس جو علم ڏيندي رهي. اُن وقت جا تماموڏا پادري ۽ بادشاهه به هُن کان هدايتون ونندا هئا. آخري عُمر ۾ هلڊ ستن سالن تائين بيمار رهي. پر، هُن بيماري جي هوندي به ٻن سالن تائين بشپ "ولفريڊ" سان جمي ڪري مقابلو ڪيو. چو ته بشپ عيسائيت کي تشدد جي طرف وٺي وڃي رهيو هو. بشپ ولفريڊ هڪ سفير آرچ- بشپ روم موڪليو ته سندس مدد ڪئي وڃي. پر، آرچ- بشپ کي چيو ته هلڊ ته عيسائيت جي خادمه آهي ۽ هر ڪوئي هُن کي ماءُ چوندو آهي. هُن جو جذبو رحم ۽ وقار ٻين ماڻهن جي لاءِ هڪ سُنو مثال آهي. ان نيڪ عورت سان اختلاف رکڻ صحيح نه آهي.

680ع ۾ اُن ئي خانقاهه ۾ هلڊ- جو لاڏاڻو ڪيو. هُن جون قائم ڪيل علمي خانقاهون هڪ عرصي تائين علم جو مرڪز رهيون. سندس خاص ڪم عورتن جي حقن جي بحالي ۽ غربت جي خاتمي جي لاءِ آهي.

❊❊❊

نرواڻ حاصل ڪري ورتو. "استارا ساهل" ۾ اهڙيون ڏکيون مُراقبي جون مشقون ڪو نه ڪيون هيون. جهڙيون ياشيءَ ڪيون هيون. استارا ياشي کان ڪٿي مضبوط ارادي جو مالڪ نه هو. ياشيءَ سخت ترين موسم ۾ به پنهنجي مشق جاري رکي. جڏهن ته استاد استارا موسم جي سختي برداشت نه ڪري سگهيو ۽ مشق اڌوري ڇڏي ڏني. اهڙو سيءُ جنهن ۾ هڏن جي مِڪ به جمي وڃي. ياشي ان کي به صبر سان سئو ۾ پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو.

ياشيءَ کي اهڙو روحاني تجربو پهرين ڪڏهن حاصل نه ٿيو هو. جهڙو تجربو هُن نيپال ۾ حاصل ڪيو هو. چيو وڃي ٿو ته ياشيءَ به اهڙو تجربو حاصل ڪيو جهڙو مهاتما بُدّ حاصل ڪيو هو. جڏهن هُوءَ "گيا. جي مقام تي هڪ پيپر جي وڻ هيٺان اهڙي شاندار تجربي مان گذريو هو. نيپال "بُدّ" جي پيدائش جي جڳهه آهي. جنهن کي گهٽا بُدّ گُروپ ۾ پڪشو مقدس سمجهندا آهن.

ياشيءَ تبت واپس وڃي ڪيترن ئي سالن تائين پنهنجي مشق جاري رکي ۽ هُوءَ پنهنجي عقل، فهم ۽ فلسفي جي حوالي سان به معروف ٿي وئي. پري پري کان ماڻهو هُن جو درس بُدّ ايندا ۽ پنهنجي زندگيون کي سڀل ڪندا ها. هُوءَ هڪ گُرو گياني ۽ فلسفي طور سڄي تبت ۾ عزت ۽ احترام جي حوالي کان سڀني گيانين کان مٿانهين درجي تي پهچي وئي هئي.

هُن جو "يوگي" فلسفو گهڻو ئي مُراقبن جي مشقن تي مشتمل آهي. جنهن کي هاڻي به يوگي ۽ ٻيا ماڻهو "ڏيان گيان" ۾ استعمال ڪندا آهن. ۽ روحاني ۽ جسماني فائدا حاصل ڪندا آهن. ياشي جي ان فلسفي يوگي سان گهڻا ئي بيمار شفاءِ پائيندا آهن. ان لاءِ هُن کي "آسمانن جي رقاصا" کان علاوه "گلن جي راڻي" به چيو ويندو آهي.

❊❊❊



الخيزران بنت عطاءِ: وفات 789ع / عرب

خيزران بنت عطاءِ عباسي خليفي المهدي جي گهرواري هئي. هيءَ خليفي الحادي ۽ خليفي هارون رشيد جي ماءُ هئي. انهن ٻنهي عباسي خليفن تمام گهٽي شهرت حاصل ڪئي. خيزران "جوراش" ۾ پيدا ٿي هئي. جوراش هاڻي جديد شهر "بيشاهه" جي ويجهو آهي. خيزران جڏهن جوان ٿي تہ هُن جي خوبصورتي ۽ ذهانت جو چرچو سڄي عرب دنيا ۾ ٿيڻ لڳو. هِن جو قبيلو ڪافي ڪمزور هو ۽ وچ ايشيا ۾ رهندو هو.

هڪ خانا بدوش صحرائي بدو خيزران کي هُن جي خيمي مان اغوا ڪيو ۽ کيس غلام بڻائي مڪي وٺي ويو. مڪو انهن ڏينهن مسلمانن جي عبادت جي مرڪز سان گڏ واپار جو به وڏو مرڪز هو. بدُو خيزران کي وٺي جڏهن مڪي آيو تہ انهن ڏينهن ۾ پوري دنيا مان مسلمان حَج جي لاءِ آيا هئا. مڪي ۾ غلامن جي خريد ۽ فروخت جي هڪ بازار هئي.

انهن ڏينهن عباسي خليفو المهدي به حَج جي لاءِ مڪي آيو هو. هُن جڏهن خيزران کي ڏٺو تہ هُو ان جي حُسن ۽ ذهانت مان ڏاڍو متاثر ٿيو. هُن بدُو کان خيزران کي ڏهہ هزار درهمن جي عيوض خريد ڪيو. خليفو المهدي خيزران جِي خوبصورتي کان ايتري قدر متاثر ٿيو جو هُو ان جي محبت ۾ مُبتلا ٿي ويو. خيزران خليفي کي يقين ڏياريو تہ مان خالص عرب آهيان ۽ منهنجو عرب جي قبيلي بنو صفاءِ سان واسطو آهي. تڏهن خليفي المهديءَ هُن سان نڪاح ڪري ورتو. خيزران جي شخصيت گهٽي ئي شاندار ۽ پُروقار هئي. هُوءَ پنهنجي ذهانت سان خليفي المهدي جي دل ۽



الخيزران بنت عطاءِ: وفات 789ع / عرب

خيزران بنت عطاءِ عباسي خليفي المهدي جي گهرواري هئي. هيءَ خليفي الحادي ۽ خليفي هارون رشيد جي ماءُ هئي. انهن ٻنهي عباسي خليفن تمام گهٽي شهرت حاصل ڪئي. خيزران "جوراش" ۾ پيدا ٿي هئي. جوراش هاڻي جديد شهر "بيشاهه" جي ويجهو آهي. خيزران جڏهن جوان ٿي تہ هُن جي خوبصورتي ۽ ذهانت جو چرچو سڄي عرب دنيا ۾ ٿيڻ لڳو. هِن جو قبيلو ڪافي ڪمزور هو ۽ وچ ايشيا ۾ رهندو هو.

هڪ خانا بدوش صحرائي بدو خيزران کي هُن جي خيمي مان اغوا ڪيو ۽ ڪيس غلام بڻائي مڪي وٺي ويو. مڪو انهن ڏينهن مسلمانن جي عبادت جي مرڪز سان گڏ واپار جو به وڏو مرڪز هو. بدُو خيزران کي وٺي جڏهن مڪي آيو تہ انهن ڏينهن ۾ پوري دنيا مان مسلمان حَج جي لاءِ آيا هئا. مڪي ۾ غلامن جي خريد ۽ فروخت جي هڪ بازار هئي.


انهن ڏينهن عباسي خليفو المهدي به حَج جي لاءِ مڪي آيو هو. هُن جڏهن خيزران کي ڏٺو تہ هُوان جي حُسن ۽ ذهانت مان ڏاڍو متاثر ٿيو. هُن بدُو کان خيزران کي ڏهہ هزار درهمن جي عيوض خريد ڪيو. خليفو المهدي خيزران جِي خوبصورتي کان ايتري قدر متاثر ٿيو جو هُو ان جي محبت ۾ مُبتلا ٿي ويو. خيزران خليفي کي يقين ڏياريو تہ مان خالص عرب آهيان ۽ منهنجو عرب جي قبيلي بنو صفاءِ سان واسطو آهي. تڏهن خليفي المهديءَ هُن سان نڪاح ڪري ورتو. خيزران جي شخصيت گهٽي ئي شاندار ۽ پُروقار هئي. هُوءَ پنهنجي ذهانت سان خليفي المهدي جي دل ۽

دماغ تي پُوري طرح چانئجي وئي.

هُوءَ حڪومت ۽ رياست جي معاملن ۾ پُوري طرح داخل ٿي وئي هئي. هُوءَ خليفي کي سياست ۾ مشورا ۽ ڏيندي ۽ ان لاءِ حڪمت عملي ۽ تيار ڪندي هئي. خيزران کي هن مان ۽ پُٽ ڄاوا. جڏهن اُهي وڏا ٿيا تہ خيزران جو خليفي جي دربار ۾ اثر رسُوخ تمام گهٽو وڌي ويو. خليفي المهدي کي ٻين زالن مان ۽ پُٽ هيا جيڪي خليفي جا ولي عهد ٿي پئي سگهيا پر. خيزران جي ذهانت ۽ حڪمت عمليءَ خليفي کي مجبور ڪري ڇڏيو تہ هُو سندس ئي پُٽن کي ولي عهد مقرر ڪري.

خيزران خليفي المهدي دربار ۾ برامڪين جي ڪلي ڪري حمايت ڪندي هئي ۽ برامڪين کي اهم عهدن تي رکندي هئي. پر. هن شاندار ذهين عورت کي سندس ئي پُٽ الحاديءَ زهر ڏيارائي ماري ڇڏيو. گهٽائي تاريخدان يقين سان چون ٿا تہ الخزيران جي زبردست شخصيت ۽ هُن جي خدا داد ذهانت مان معلوم ٿئي ٿو تہ داستان "الف ليلا" جي مرڪزي ڪردار "شهرزاد" پاڻ خيزران ئي هئي.

هن خيزران خليفي المهدي کي سبق آموز ڪهاڻيون تخليق ڪري پنهنجي هٿ وس ڪري ڇڏيو هو. خيزران ئي اُها تخليقڪار آهي. جنهن "الف ليلیٰ" جهڙي لازوال داستان عالمي ادب کي ڏني. جيتوڻيڪ خيزران تمام گهٽ ڪهاڻيون تخليق ڪيون هونديون يا پهريان کان عربن ۾ داستان گو ماڻهن کي ٻڌائيندا هوندا ۽ پوءِ جي ليکڪن ۽ انهن ۾ اضافا ڪيا هوندا. پر. انهن داستانن جا مرڪزي ڪردار "شهرزاد" خيزران پاڻ آهي. هُن جيڪي ڪهاڻيون تخليق ڪيون. اُهي عقل. فهم ۽ فلسفي سان پرپُور آهن. هاڻي پُوري دنيا الف ليلیٰ کي عالمي ادب ۾ اهم مقام حاصل آهي.





ڏودا آف گاسڪوني: 843ع ـ 804ع / فرانس

ڏودا آف گاسڪوني "ايجين" ۽ "سيپتي مانيا" جي شهزادي هئي. هن کي يُورپ جي پهرين فلسفي عورت چيو ويندو آهي. ڏودا آف گاسڪوني هڪ فرانسيسي شريف خاندان سان تعلق رکندي هئي. ان وقت عورتن کي گهٽيون ئي معاشرتي پابنديون هيون ۽ عورتن جي لکڻ پڙهڻ جو رواج نه هو.

ڏودا 804ع ۾ پيدا ٿي. هُوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ جو ٻيو نمبر ٻار هئي. هن کان اڳ هن جو هڪ ڀاءُ هو. جنهن جو نالو "سانڪو سانچي" هو. سانڪو 803ع ۾ پيدا ٿيو. هُن جي ماءُ "ڪائونٽ آف آراگون" جي ڌيءُ هئي. ان جو نالو "سانڪوميز" هو جيڪو "ڊيوڪ پرنس آف گاسڪوني" هو. ڏودا لاطيني ۽ يُوناني ٽيالوجي ۽ فن جو بهترين مطالعو ڪيو هو. هُن جو پيءُ 816ع ۾ گذاري ويو هو. ڏودا آف گاسڪونيءَ ٽيوبهه جون 824ع برنارڊ آف سپتامانيا" سان شادي ڪئي. جيڪو "وليم ڊيوڪ آف تولوزي" جو پُٽ هو. هُن جي مڙس جو خاندان جرمن هو. برنارڊلوئي نيڪ جو جانشين هو.

ڏودا ۽ برنارڊ جي شادي يُورپ جي شاندار شادين مان هڪ هئي. شادي بادشاهه جي شاهي درٻار ۾ ٿي هئي. برنارڊ بادشاهه جو گهر هلائيندڙ هو. شادي کان پوءِ برنارڊ گهٽو ڪري پنهنجي گهرواري ڏودا کان ڏور ئي رهيو. هن جو گهٽو وقت جنگن ۾ ئي گذريو. ان ڪري ڏودا وٽ گهٽو وقت هوندو هو. جيڪو هو مطالعي ۾ ئي صرف ڪندي هئي. هُوءَ انهن عورتن

مان نہ هئي. جيڪي پنهنجن مڙسن سان گڏ گڏ رهندیون هیون. ڏودا پنهنجي وقت کي تمام سهڻي نموني سان استعمال ڪيو.

نومبر 826ع ۾ هُن کي "يُوزيس" موڪليو ويو. اُتي به هُن پنهنجي مڙس کان سواءِ بهترين وقت گذاريو. 840ع ۾ هن کي هي پُٽ جي پيدائش ٿي. جنهن جو نالو پيءُ جي نالي تي "برنادِ" رکيو ويو. 841ع ۽ 843ع جي وچ ۾ هُن پنهنجو گهڻو وقت لکڻ ۾ گذاريو. ڏودا لکي ٿي ته اها ڪيڏي نه بد قسمتي چئبي جو فراسيسي شريف زاده هن وقت هڪ اهڙي اقتدار جي جنگ ۾ الجهيل آهن جو پيءُ ۽ پُٽ هڪ ٻئي جي سامهون آهن. تخت جي لاءِ پُٽن، پيءُ جي خلاف هٿيار کڻي چڙيا آهن. پورو علائقو جنگ جي لپيٽ ۾ آهي.

ان جنگ ۾ "شارليمن" جو پُٽ شهنشاهه "لوئي نيڪ" ماريو ويو. هي اهو سال هو. جنهن ۾ ڏودا کي هي پُٽ جي پيدائش ٿي هئي. شهنشاهه لوئي جا ٽئي پُٽ، "لوٿر"، "لوئي جرمن" ۽ "چارلس بالدا" پنهنجي مرحوم پيءُ جي تخت تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ۾ جنگ ڪري رهيا هئا. هُنن "معاهده وردن" مطابق يُورپ کي ورهائي چڏيو هو. لوئيءَ اوپر فرانس تي قبضو ڪري چڏيو هو. چارلس اُلهندي علائقن تي قبضو ڪري چڏيو هو. ۽ لوٿر اتر کان ڏکڻ طرف هيٺين علائقن تي انلي تائين قبضو ڪري چڏيو هو. ڏودا جو چوڻ آهي ته جنگ ڏهن سالن تائين جاري رهي ۽ لوئي نيڪ جا ٽئي پُٽ پنهنجي پيءُ جو نالو بدنام ڪندا رهيا.

جڏهن ته ڏودا جو مڙس به وڏي حشمت جو مالڪ هو. هُو "سپتانيا" جو حڪمران ٿي رهيو. انهي جنگ ۾ ڏودا جي پُٽ وليم کي چارلس بالٽر يرغمال ڪري چڏيو هو. جڏهن ته هُن جو ٻيو پُٽ برنادِ پنهنجي پيءُ سان گڏ رهيو. ڏودا جو مڙس برنادِ انهي جنگ جي مذمت ۽ مخالفت ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ هُن کي 844ع ۾ قتل ڪيو ويو. هُن جو پُٽ وليم 850ع ۾ قتل ڪيو ويو ۽ برنادِ کي 885ع ۾ قتل ڪيو ويو.

ڏودا گاسڪوني جو فلسفياڻو ڪم:

ڏودا سان منسوب آهي ته هن ڪتاب جا 73 باب آهن. ان کان علاوه ان ڪتاب جو تعارف ۽ مهاڳ به آهي. هي پوري جو پورو ڪتاب بهترين اخلاقي هدايت تي ٻڌل آهي. ڏودا جو چوڻ آهي ته هي ڪتاب

انهن خطن ني مشتمل اهي. جيڪي هن پنهنجن پُٽن جي رهنمائي جي لاءِ لکيا هئا. هي ڪتاب ان دور جي هڪ مڪمل تاريخ بہ آهي. هن ڪتاب ۾ يورپ جي تعليمي تاريخ بہ آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ تعليم جو معيار ڇا هو. عورتن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙين ڪهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. هن ۾ محاورا ۽ مثال بہ تمام گهڻا استعمال ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ انجيل جا حوالا بہ ڏنا ويا آهن.

اُن دور جي سيڪيولر ليکڪن جي ڪتابن جا حوالا بہ موجود آهن. اهي حوالا لاطيني ٻولي جي ڪتابن مان ڏنا ويا آهن. ان وقت لاطيني ٻولي گهڻو ترقي يافتا نہ هئي. هي ڪتاب انساني اخلاقيات جي رهنمائي جي لاءِ بهترين ڪتاب آهي ۽ نوجوانن جي لاءِ هن ۾ رهنمائي جا اعليٰ اصُول ڏنا ويا آهن.

ڪيرووينس جي دور جي هي واحد فلسفي عورت آهي. جنهن جو مڪمل ڪتاب موجود آهي. هِن عورت جي تعليم جي حوالي سان جيڪو ڪجهہ چيو آهي. اڄ بہ انهيءَ طرز تي عورتن جي تعليم تي زور ڏنو ويندو آهي.

ڪتاب مان ڪجهہ ٽڪرا:

تنهنجي جسم متي سان شڪل اختيار ڪئي آهي. تون هن دنيا ۾ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهين ٿو. تنهن ڪري تون بغير ڪنهن گهبراهٽ جي روح بابت غور ڪري سگهين ٿو. تنهن جي رُوح تنهن جو ڪردار جو آئينو آهي.

انساني نسل کي ڪمال حاصل ڪرڻ جي لاءِ علم ۽ مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. اسان گهڻن ئي بُرائين جو علاج ڪري سگهون ٿا يعني انهن بُرائين جي خلاف سُٽائي کي اختيار ڪري سگهون ٿا.

اسان غربت جي باري ۾ ڄاڻيندا آهيون ۽ غربت جي سببن جي باري ۾ بہ ڄاڻيندا آهيون.

هڪ امير ماڻهو بہ غربت ۾ مُبتلا ٿي سگهندو آهي. هر غريب شخص کي هڪ مضبوط رُوح جي ضرورت آهي. محنت ۽ مُسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. پوءِ وڏي آساني سان دولت جمع ڪري سگهجي ٿي.

غريب ماڻهو کي امير ماڻهو سان جسد نہ ڪرڻ ڪپي. بلڪ پنهنجي خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي اهو سڀ ڪجهه سِکڻ ڪپي جنهن سان دولت ڪمائي سگهجي ٿي پر. جسد ڪرڻ سان ايان غريب ٿيڻ کان سواءِ ڪجهه نہ ٿو ڪري سگهي.

جيڪڏهن توهان بُراين کي فراموش ڪري ڇڏيندو ۽ بُرائي کان لاپرواهہ ٿي ويندو ۽ آهستي آهستي توهان بُرائي ۽ سُڻائي جي وچ ۾ فرق کي وساري ڇڏيندو تہ اهو توهان جي لاءِ سُڻو نہ ٿيندو. بلڪ مُستقبل جي لاءِ توهان کي انهن بُرائين کان بچڻو پوندو تہ جيئن توهان اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهو.





رابعه فرواري بلخي: 943ع ـ 914ع / بُخارا

شعر العجم جو مصنف لکي ٿو تہ رابعہ رودکيءَ جي هم عصر هئي. ان دور جي اها يادگار آهي تہ شعر و شاعري جي شوق عورتن ۾ به عام ٿي ويو هو. رابعہ اعليٰ درجي جي شاعره هئي. هن جو پيءُ ڪعب بدو هو ۽ ماءُ ايراني هئي. رابعہ عجم ۾ پيدا ٿي ۽ ان سبب کان عربي، فارسي ٻنهي ٻولين ۾ شعر چوندي هئي. نهايت حسين باڪمال ۽ شاندار عورت هئي. بڪتاش نالي هڪ غلام سان هُن کي عشق هو.

ان دور جو معروف شاعر "زعفراني" رابعہ فرواري جي حُسن کان ايتري قدر مُتاثر هو جو هُن جي فارسي شعرَ جنهن جو سنڌي ترجمو ٿيندو "ان جي سمهڻ واري ڪمري سان گڏ ئي بهشت آهي" ان ئي سهڻي سيبتي شاعره متعلق چيل آهي. چيو وڃي ٿو تہ تڏهن هوءَ عشق مجازي کان ٽپي حقيقي جي نوبت تي پهتي. اهڙي طرح هُن جو شمار صُوفيہ ۾ ڪيو ويندو آهي. تڏهن به عورت جو ڪنهن ڏاڙئي سرد سان پيار ڪرڻ اسلامي جماعت ۾ معبود هو. ان لاءِ ماڻهن هن کي قتل ڪري ڇڏيو.

رابعہ جي موت جي باري ۾ ڪهاڻي ڪجهہ هن طرح ٻڌائي وڃي ٿي تہ جڏهن رابعہ جو پيءُ ڪعب وفات ڪري ويو تہ ان جي پُٽ حارثَ پنهنجي پيءُ رابعہ جي باري ۾ ٻڌو تہ سندس پيءُ سندن غلام "بڪتاش" سان ڪجهہ ڳوهہ ۾ محبت ڪري ٿي. تڏهن حارث جوش ۾ اچي پنهنجي غلام بڪتاش کي ڪوهہ ۾ اچلائي ڇڏيو.

حارث غيرت جي نالي ۾ پنهنجي پيءُ رابعہ جي شهہ رڳ ڪٽي

چڏي ۽ هن کي وهنجڻ واري ڪمري ۾ بند ڪري چڏيو. رابعہ ان غسلخاني جي پٽ تي، جنهن ۾ هُوءَ بند هئي. پنهنجي رت سان پنهنجو آخري نظم لکيو. جنهن کي عالمي ادب جو شاهڪار چيو ويندو آهي.

بڪتاش کوهہ مان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هُو درٻار ۾ آيو جتي حارث ويٺو هو. بڪتاش ان کي قتل ڪيو ۽ پوءِ پاڻ به خودڪشي ڪري چڏي. معروف شاعر "رضا قلي خان هدايت" ان واقعي متعلق "بڪتاش نامو" لکيو. جنهن کي اڄ به هڪ داستان جي طور پڙهيو ويندو آهي.

رابعہ بلخي جو آخري نظم جيڪو هُن موت ۽ زندگي جي ڪشمڪش ۾ غسلخاني جي پٽ تي لکيو. اُهو محفوظ رهيو. ان نظم ۾ هُن محبت جي حقن جي آزادي جي فلسفي کي بهترين انداز سان پيش ڪيو آهي. جنهن کي عورتن جي حقن جي حوالي کان عالمگير شهرت حاصل آهي. جڏهن ته هُوءَ پهرين عورت شاعره هئي. جنهن جديد فارسي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي هئي. ايراني تاريخ جي هيءَ پهرين شاعره هئي جنهن انساني جذبات جي حقيقي ۽ فطري انداز ۾ عڪاسي ڪئي آهي.



موراساڪي شڪيبو: 1025ع ـ 978ع / جاپان

مورا ساڪي "هَن دور" جي ناول نگار شاعره ۽ شهنشاهه جي دربار جي خاص صلاحڪار هئي. هُن جو مشهور ترين ناول "جانجي جو داستان" آهي. هي ناول هُن، جپاني ٻولي ۾ لکيو هو. موراساڪي شڪيبو هن جو اصل نالو نه آهي. بلڪ تخلص آهي ۽ اهو ئي هن جو عرف ٿي ويو. هُن جو اصُل نالو "نُوجي واري ٽاڪاڪو" آهي.

هُن جو هي نالو 1007ع ـ جي شاهي ڪتاب ۾ بطور شاهي درباري عورت لکيل آهي. اُن وقت "هَن" عورتن کي چيني ٻولي سکڻ تي سخت سزا ڏني ويندي هئي. حُڪومت جو اهم حُڪم هو ته. رڳو جپاني ٻولي ئي سکي ۽ لکي وڃي پر. موراساڪي جو خاندان هڪ پڙهيو لکيو خاندان هو ۽ هُن جو پيءُ وڏو عالم فاضل شخص هو. ان جي گهر ۾ چيني ڪلاسيڪل ادب ۾ پڙهايو ويندو هو.

موراساڪيءَ ويهن سالن جي عُمر ۾ شادي ڪئي. هن کي هڪ ڌيءَ پيدا ٿي. شادي جي ٻن سالن بعد ئي هُن جو مُڙس لاڏاڻو ڪري ويو. موراساڪي شڪيبو جڏهن جانجي جو داستان نالي ناول لکيو تہ اِها هُن جي خاندان جي لاءِ ناقابل يقين ڳالهه هئي.

1005ع ۾ موراساڪي شڪيبو کي شهزادي "شوشي" شاهي دربار ۾ گهرايو ۽ هُوءَ شهزادي جي صلاحڪار ٿي وئي. پوءِ جلد ئي هن جي هڪ ليکڪ طور سڃاڻپ عام ٿي وئي. هُن، پنهنجي شاهي دربار جي نوڪري دوران ۾ لکڻ جاري رکيو. هُوءَ دربار ۽ محل ۾ ۾ ويندي هئي ۽

واپس اچي پنهنجي لکڻ جو ڪم ٻ ڪندي هئي.

ڇهن سالن کان پوءِ هُوءَ شهزادي شوشي سان گڏ "ليڪ بيوا" هلي وئي. اتي هُوءَ 1025ع ۾ وفات ڪري وئي. موراساڪيءَ "ليڊي موراساڪي جي ڊائري" لکي جيڪو شاعريءَ جو ڪتاب آهي. جڏهن ته هُن انتهائي مصروفيتن ۾ لکيو. هن جو اهو ناول جانجي جو داستان جاپان جي سينيصوبن ۾ ورهايو ويو. هڪ صدي کان پوءِ موراساڪي شڪيبو کي جاپاني ڪلاسيڪل ادب ۾ شامل ڪيو ويو. اِن ڪتاب جي حوالي سان هُن کي هڪ عظيم دانشور تسليم ڪيو ويو هو. ويهين صديءَ جي شروع ۾ ئي هُن جي ڪم جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو.

1933ع ۾ هُن جي ڪم جا ڇهه جُلدَ انگريزي ۾ ترجمو ٿي ويا هئا. شڪيبو کي عالمي ادب جي نقادن هڪ اهم دانشور طور تسليم ڪري ورتو. هُن جي باري ڇيو ويندو آهي ته سندس وقت ۾ هَن درٻار پنهنجي عُروج تي هئي. تيرنهين صدي عيسوي کان ئي جاپاني آرٽسٽ شڪيبو کي پنهنجن فن پارن ۾ مختلف انداز سان تخليق ڪري رهيا آهن. خاص ڪري بانس جي لکڙين جي بلاڪن جي ذريعي هن جي ڪم کي مختلف انداز سان پيش ڪيو ويو آهي.



ٿوري ٽاڻي اندر ڳوتا جي ڪاڪ جو راڻو ٽيڻ وارو احمد شاڪر ڏاڍو دلبر ماڻهو آهي. هُو ڪاڇي جي مٽيءَ مان جنميو ۽ هاڻ سڄي سنڌ جي ڪُکي ۾ پيل اُهو موتيءَ داڻو آهي، جنهن ۾ سنڌي ماڻهن واري مريادا به آهي ته انهيءَ مانَ ۾ مريادا جي پرم رکڻ لاءِ وٽس اوتروئي ساهس به آهي. هُنَ جي شاعريءَ جي عمر ننڍيري آهي پر اُنَ ۾ گهڻن وڻن کان وڌيڪ پُختائي آهي. هُو نه رڳو سُونهن پرست آهي پر سنڌ پرستَ هجڻ سان گڏوگڏ سَچُ پرستُ به آهي. ان ڪري ئي هُو مخدوم گرهوڑي جي هنن سِٽن جو امين آهي ته:

متان ڪائين ڪچڻي حاڪماڻي هنڌاءُ،
رنڊي هوندائون رت ۾ ماري مسڪيناءُ.

هُو سُڻي شاعر سان گڏيلوڙ نثر نويس به آهي. ۽ وڏي ڳالهه ته برجستو پڙهاڪُو به آهي. سڄي سنڌ ۾ ادب جي دنيا سان لاڳاپيل گهڻن ماڻهن نالي جو ڪتيو ڪاڏو آهي. ڪنهن زماني ۾ پڙهيا، هاڻي پڙهن به نه ٿا. اسان ان ڪري به ڏکياٽيا آهيون جو اسان وٽ سُڻن پڙهندڙن جو به ڏڪار آهي. احمد شاڪر کي مون ڏٺو آهي ۽ پرکيو آهي ته هُو پلوڙ پانڪ به آهي. هُنَ جي هڪ واڌُو سچاٽپ اها به آهي ته هُو ترجمي نگار به آهي. سندس ترجمو ڪيل ٻه ڪتاب ان ڳالهه جي ساک پرين ٿا ته احمد شاڪر جي نظر ڪهڙن موضوعن تي آهي. هُو ايڊيٽر جي حيثيت ۾ به هڪ خوبصورت سوچ ڏٺيءَ طور اڳيان آيو آهي. شال لکندو رهي ۽ سندس هنَ مان سنڌ، سَچَ ۽ سُونهن پرستيءَ جي نُورَ جي لاٽ نڪري وستيءَ کي واسيندي رهي.

ننگر چنا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.